# ملفوظات غفاريه

ملفوظات

حضرت خواجه محمد عبدالغفار المعروف پير مٺاسائين رحمة الله عليه

مرتب

خليفه مولانا عبدالرحمن وگڻ غفاري، بخشي، طاهري، نقشبندي



www.zikar.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# ملفوظاتِ غفاريه

ملفوظات

حضرت خواجه محمد عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين رحمة الله عليه

مرتب

خليفه مولانا عبدالرحمٰن وڳڻ غفاري، بخشي، طاهري، نقشبندي

ادارة المعرفة پبليڪيشن
درگاه الله آباد شريف، ڪنڊيارو
ضلع نوشهروفيروز سنڌ، پاڪستان

www.zikar.com

**جملي حق واسطہ اداري وٽ محفوظ**


كتاب جو نالو: ملفوظات غفاريہ

مرتب: شيخ الحديث علامہ مولاناعبدالرحمٰن وڳڻ، غفاري، بخشي، طاهري

تصحيح ونظر ثاني: علامہ مولانا حبيب الرحمٰن گبول بخشي، طاهري

ڪمپوزر: عبدالرحيم نظامائي طاهري

معاون ڪمپوزر: محمد زبير چنہ طاهري

ڇپائيندڙ: ادارة المعرفة درگاه الله آباد شريف ڪنڊيارو

اشاعت اول: مارچ 2010ء

www.zikar.com

## فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| تقريظ حضرت سجڻ سائين | 7 | خلفاء پهرين صف ۾ بيهن | 57 |
| هڪ جائزو | 10 | ذاتي دشمن به پيارا لڳندا آهن | 58 |
| تقدير | 28 | ڪاوڙ خدا واسطي هوندي آهي | 59 |
| نفلي عبادت | 32 | خدمت خلق لاءِ عهدو | 60 |
| طريقه نقشبنديه جا فضائل | 32 | مجبور عورتن تي ظلم نه ڪيو | 61 |
| پيرقريشي جو مقام۽مزاج | 33 | جاهلن جا حال | 63 |
| پير قريشي جي سادگي | 35 | ظالم زميندار | 64 |
| جذبي تي ڪاوڙ | 36 | اعتقاد واري کي فائدو ٿيندو | 65 |
| سوال جواب کان بيزاري | 37 | بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ | 68 |
| مولانا غلام محمد | 38 | نبي ۽ ولي جا اختيار | 68 |
| پير مٺا سائين جو خليفو | 41 | بي ادب جي صحبت | 68 |
| مولوي عبدالرحمٰن جو جذبو | 41 | انبياء ۽ اولياء وسيلو آهن | 69 |
| نقشبندي طريقي جو دڪان | 42 | انبياء ۽ اولياء زنده آهن | 70 |
| هاڻي هن طريقي جووارو آهي | 43 | فرضي تعليم ٻارن کي ڏيارو | 71 |
| جامع مسجد رحمت پور | 44 | لواطت کان بچو | 72 |
| پير ڪامل جي نشاني | 45 | اسلام جي خدمت ڪيو | 72 |
| آداب شيخ | 46 | پردو اهم آهي | 73 |
| خدمت پير | 47 | عورتون به مردن ڏي نه ڏسن | 74 |
| خادم مان مخدوم | 48 | ڪشف امام ربانيؒ ۽ قريشي | 75 |
| منشي کان فيض ملندو | 49 | اڄ شريف ۽نزول ارواح | 78 |
| بي ادب مولوي وٽ ٻار نه پڙهايو | 50 | دنيا جو حرص | 79 |
| علم غيب جو قرآن مان ثبوت | 50 | ڏاڙهي رکو | 79 |
| فقيرتقوىٰ تي عمل ڪن | 51 | دنيا جي محبت کان بچو | 80 |
| ادب ۽ محبت | 53 | دوستي جي لائق الله وارا آهن | 82 |
| بي ادبي جو نتيجو | 54 | فقير عبدالله جي توڪل | 83 |
| پير چمڻ يا هٿ لائڻ | 55 | پير جو لنگر | 85 |
| بيماري ۾ جن جو اثر | 56 | اسان جو ڏاڏو بزرگ ۽ زميندارهيو | 86 |

www.zikar.com


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| اسان ذات جا چتڙ آهيون | 86 | لنگر جي ڪم جو ثواب | 109 |
| ڪنهن جي توهين نہ ڪجي | 87 | ولي جي سڃاڻپ | 110 |
| عالم نما جاهل | 87 | جاهل مان عالم | 111 |
| محبوب سبحاني ۽ امام رباني | 88 | ذڪر، اعتقاد ۽ محبتِ پير | 112 |
| ڌرڪي جا ماڻهو | 88 | دنيا مسافر خانو آهي | 113 |
| جادوگري جو الزام | 90 | دوائن جي دعا | 114 |
| جذبو ۽ جادو | 90 | پاڪيزه طعام | 115 |
| امروٽي جو مريد | 92 | توجہ سان ڪدورت دور | 115 |
| بيعت ثاني ضروري آهي | 92 | تصور شيخ | 116 |
| حضرت پيران پير | 93 | حضرت قريشي جو ڪشف | 116 |
| بزرگن جا مشرب | 93 | قحط ۾ بارش | 117 |
| عورتون سنهون ڪپڙو نہ پائين | 94 | خلافت حضرت پير مٺا | 118 |
| سادات سان مون کي محبت آهي | 95 | خصوصي لباس | 118 |
| خدا وارن جي تعريف | 95 | سنڌ جو انتخاب | 119 |
| الله وارن جي تعريف کُلي ڪيو | 96 | اجوڪا پير ۽ مريد | 119 |
| هڪ مفتي جي فتوىٰ ۽ ان جو رد | 97 | فقير جي وعظ سان اثر | 119 |
| موسىٰ زئي ۽ مسڪين پور ۾ علماء | 99 | شيطاني حملا | 120 |
| عرض معروض ڪرڻ جو طريقو | 100 | خلافت نہ ڏيندا سين | 121 |
| بزرگن جي صحبت جو اثر | 101 | سفر جي سائين جو خيال | 121 |
| پير مٺا سائين جي تصنيف | 102 | زال جي لالچ ۾ وهابي | 122 |
| قادياني جي پٺيان نماز نہ ٿيندي | 102 | فيصلن سان اسان جو واسطو ناهي | 123 |
| طريقہ نقشبنديہ جي خصوصيت | 103 | طالب مولىٰ ڪير آهي | 124 |
| سادات جي تعظيم فرض آهي | 104 | پير جي محبت غير نہ آهي | 124 |
| خدا جي رضا لاءِ مدرسا هلايو | 105 | سالن کان پوءِ بہ خوشبو | 125 |
| تعويذ | 106 | ٻن قبر وارن جو احوال | 126 |
| لڪ صلوٰة جو | 107 | جذبي جي ڪثرت | 126 |
| نصيحت ڪيو فتنہ کان بچو | 108 | تبليغ، رابطہ شيخ | 127 |
| حڪمت عملي جو فائدو | 109 | تبليغ جا لوازمات | 128 |

www.zikar.com



| صفحو | عنوان | صفحو | عنوان |
|---|---|---|---|
| 191 | ياالله تون راضي ٿي | 180 | اڳين ماڻهن جي سادگي |
| 191 | بادشاه يا ڪيميا گر | 182 | بي فرماني جو نتيجو |
| 193 | هڪ الله تي ڀروسو | 183 | شهودي طريقو |
| 193 | مريد ٻار مثل آهي | 183 | پير جو خوف |
| 194 | عقل جا ڏه حصا آهن | 184 | محبت پيرسان |
| 194 | ذڪر وارا | 185 | ديدقصور |
| 195 | مراد | 185 | شهود |
| 196 | وري وري غلطيون نه ڪيو | 186 | ٻڪ ختم |
| 196 | سادگي ۽ محبت | 187 | الحب لله والبغض لله |
| 196 | صاحب مزار جو توجه | 188 | عاشق ۽ معشوق |
| 197 | قطب الاقطاب مرشد | 188 | پير جو ديوانو |
| 198 | غيرن ڪان پري رهو | 189 | فرشته صفت بزرگ |
| 198 | شهودي طريقو | 189 | فيض |
| 198 | مون ڪي ڪامل ڪري موڪليائون | 190 | طريقت جا آداب |
| | | 190 | لطائف |

www.zikar.com

# تقريظ

## پير طريقت حضرت خواجہ محمد طاهر بخشي غفاري نقشبندي المعروف محبوب سجڻ سائين

سجاده نشين آستانہ عاليہ درگاه الله آباد شريف ڪنڊيارو

**حامدًا ومصليا ومسلما**

امابعد

مرشد مربي مهربان ڪر صاف دل جو هي صحن
هن قيد مان آزاد ڪر تان وڃي ڏسان پنهنجو وطن

(از ڪلام حضرت پيرسهڻا سائين قدس سره خليفہ ارشد ونائب حقيقي حضرت پير مٺا قدس سرهٗ)

ڏنو وڃي تہ سنڌ جي تاريخ ڏاڍي دلچسپ ۽ همہ جهت خوب خصلتن سان مالامال آهي. خاص ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ ماڳين مان (انفرادي توڙي اجتماعي نموني) ايندڙ ماڻهن سان سنڌ واسين جو سهڻو سلوڪ ۽ موقعي مناسبت سان مثالي ورتاءُ چڻ تہ سنڌ جي نشانبر نشاني آهي.

جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي حڪمران پنهنجي لشڪر سپاه جي آڌار تي سنڌ تي ڪاه جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌين سورهيہ ۽ سورما ٿي سنڌن مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي خود مختاري تي آنچ نہ اچڻ نہ ڏنو.

پر جڏهن ٻاهرين ملڪن ڪان ڪي الله وارا الله جي رضا لاءِ سنڌ مان ظلم بربريت ۽ ڪفر شرڪ جي پاڙ پٽي ان جي جاءِ تي حق، سچ، عدل ۽ انصاف ۽ اسلام جي اعلىٰ تعليمات جو درس ڏيڻ آيا تہ سنڌ واسين انهن ڪي جيءُ ۾ جايون ڏنيون.

www.zikar.com



ان جو واضح مثال حضرت محمد بن قاسم رحمة الله ۽ سندن ساٿين جي اچڻ تي سنڌين جو اسلام قبول ڪرڻ ۽ انهن جي واپسي بعد بہ اسلام تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ آهي.

انِ بعد حضرت عبدالله شاه غازي (ڪراچي) حضرت عبدالله شاه اصحابي (ٺٽو) حضرت قلندر شهباز (سيوهڻ) حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي (ڀٽ شاه) حضرت سچل سرمست رحمة الله عليهم جي سنڌ ۾ آمد کان پوءِ پنجاب پرڳڻين مان حضرت پير مٺا رحمة الله جي سنڌ ۾ آمد سنڌين جي قدرداني ۽ سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ آهي.

حضرت پير مٺا قدس سره جنهن زماني ۾ سنڌ ۾ آيا تہ صوفياءِڪرام جي هي پلي پونءِ چڻ تہ سلوڪ تصوف ۽ روحاني فيض و برڪت کان بلڪل بيگانہ، بي بهره، جهالت ۽ رسمي پيري مريدي جي جار ۾ ڦاٿل هئي الله وارن جا ميخانہ خال خال وڃي بچيا هئا. تہ اهڙي موقعي تي سندن آمد سان سنڌ وري روحاني رحمتن خدا جي ذڪر جي جهونگارن ۽ سدا بهار سدائن سان گونجڻ لڳي جنهن جو پڙاڏو اڄ بہ پري پري کان ٻڌڻ ڏسڻ ۾ اچي پيو.

سندن نائب صادق ۽ عاشق حضرت پير سهڻا سائين قدس سره سندن آمد جو نقشو هنن خوبصورت منظوم ڪلمن سا چيو آهي.

منهنجي پير رنگ يار لائي ڇڏيا هن
نوان نينهن جا مچ مچائي ڇڏيا آهن

1. ڪڏي شرڪ بدعت ڪيائين روشن جهان کي
سچودين سنت جياري ڇڏيا هن

2. هيو ملڪ ويران ٿي آباد ويڙو
جهنگل رڻ پٽ پيي وسائي ڇڏيا هن

3. وائي ذڪر جي هر طرف کان اچي ٿي.

www.zikar.com


گندا ڪم رسمي ڇڏائي ڇڏيا آهن

4. لڳي نقشبندين جو ويو يار نعرو
لکين قلب مرده جياري ڇڏيا هن

شال الله تعالىٰ اسان کي پنهنجي مشائخ طريقت بالخصوص حضرت امام رباني، حضرت پير مٺا ۽ حضرت سهڻا سائين نورالله مرقدهم جي طريقي تي صحيح نموني هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ حضرت پير مٺا جي هن مطبوعہ ملفوظات کي پنهنجي بارگاه ۾ قبول فرمائي ملفوظات جي جامع ۽ معاونين جي محنت مقبول بنائي.

آمين يارب العالمين بحرمة سيد المرسلين سيدنا محمد وآلہٖ واصحابہٖ اجمعين.

www.zikar.com



# هڪ جائزو

## نحمده ونصلي علىٰ رسوله الڪريم

امابعد! اڄ کان اٽڪل پنجاهه، سٺ سال پهرين جڏهن خواجه خواجگان قيوم زمان پير پيران حضرت محمد عبدالغفار المعروف پير مٺا سائينرحمة الله فاني جهان ۾ رونق افروز رهيا ۽ مخلوق خدا جي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ رحمت پور شريف نالي هڪ مثالي ديني مرڪز جو بنياد رکيائون ته قرآني آيت ورئيت الناس يدخلون في دين الله افواجا جي مصداق فوج در فوج، جماعت در جماعت، سنڌ، هند عرب ۽ عجم مان مخلوق خدا اچڻ لڳي جو سون مان هزارين پوءِ ته جماعت جو انگ وڃي لکن کي پهتو.

ہر کجا چشمہ بود شیریں، مردم و مور و مرغ گرد آیند

(جتي به مٺي پاڻيءَ جو چشمو هوندو اتي ماڻهو توڙي پکي پکڻ پر ڪِوليون به اچي گڏ ٿينديون آهن)

گو انهن ڏينهن ۾ آءٌ سٺن انن سالن جو ٻار هيس سندن ارشادات عاليه سمجهڻ جيتري سمجهه ڪانه هئي پر ايترو ضرور ياد آهي، ته نماز جي وقت تي فقير سندن دروازي مبارڪ تي ويهي سڪ محبت سان غزل پڙهندا هيا ۽ جنهن وقت پاڻ ٻاهر تشريف فرمائيندا هئا ته حديث شريف "الله وارن کي ڏسڻ سان الله ياد ايندو آهي" سندن زبان تي الله، الله جو ورد جاري ٿي ويندو هيو جنهن سان پوري فضا گونجندي هئي. جڏهن پاڻ خطاب فرمائيندا هئا ته سامعين سراپا پرسڪون ٿي سندن ارشاد غور سان ٻڌندا هئا. البته وقفي وقفي سان الله الله جون ضربون، جذبه ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيرمٺا جون سدا بهار صدائون فضا کي وڏيڪ فرحت بخش بنائينديون هيون جيئن ته صبح جي محفل ڪافي دير تائين جاري رهندي هئي گرمي ٿيڻ تي فقير چادر مٿان جهلي

www.zikar.com



چانو ڪندا هئا.

پاڻ نقشبندي طريقي جا بزرگ هئا پر سندن دربار عاليه تي ذڪر جهري بہ جاري هوندو هيو. لنگرجو ڪو ڪم ڪار هجي يا رات جو پهرو، مرشدن ڪريمن جي آمد هجي يا حويلي مبارڪ ڏي روانگي انهن موقعن تي تہ خصوصيت سان فقيرن جي زبان تي الله الله ۽ حق پير منا حق پير منا جي تنوار هوندي هئي هونء بہ رات هجي يا ڏينهن وقفي وقفي سان الله الله جو آواز پيو ٻڌبو هو. سندن فاني زندگي جي آخري سالن ۾ تہ هروقت رحمت پور شريف ۾ ماڻهن جو ميلو متو پيو هوندو هو. ماهوار يارهين شريف جي جلسہ ۾ تہ تمام گهڻا ماڻهو اوري پري کان اچي حاضر ٿيندا هئا. جڏهن تہ ساليانہ اجتماع ۾ تہ عوام جو ڪوڪاٽو ئي ڪونہ هوندو هيو.

الغرض حضرت پير منا رحمة الله پنهنجي نوراني خطابات ۽ نوراني توجهات ذريعي مخلوق کي خالق ڏي متوجہ ڪيو ۽ اسلام جي اشاعت جو اهڙو انقلاب آندو جو هزارين اڻ سڌريل ماڻهو سڌري نيڪو ڪار، متقي ۽ پرهيزگار بڻيا. الحمدلله اڄ بہ غفاري جماعت بالخصوص جماعت غفاريہ بخشيہ طاهريہ ۾ ان جا اثرات چوڏهين جي چنڊ جيان نمايان نظر اچن ٿا.اللهمبارڪ

## سندن نوراني خطاب

ٻڌڻ وارا گهڻا هجن يا ٿورا حضرت پير منا قدس سرهٗ هڪ ئي نموني روزانہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وعظ فرمائيندا هئا. هر وقت مٿن شهود جي حالت طاري هوندي هئي ۽ ملڪوتي صفات جو اهڙو غلبو جو کائڻ پيئڻ يا ٻي ڪنهن انساني ضرورت جو ڇڻ تہ احساس ئي نہ هوندو هين سندن زبان حق ترجمان جي چواڻي "جنهن کي ڏسڻو هجي تہ بنا کاڌي پيتي جي الله تبارڪ وتعالىٰ انسان کي ڪيئن هلائي ٿو اهو اچي هن فقير کي ڏسي، جو هي فقير ٽئين يا چوٿين ڏينهن کان بعد هڪ آنو تور اَٽي جي چوٿين پتي جي ماني کائي ٿو سو بہ زور سان ٽيهہ سال گذريا آهن جو اڄ ۽ ٻڪ

www.zikar.com



صفا ختم ٿي ويئي آهن”

هڪ ڀيري دفعي ارشاد فرمايائون ”منهنجي پير منهنجو نالو ديوانو رکيو هو ۽ انهيءَ ديوانگي جو اثر اڃا تائين آهي جو صبح جي نصيحت ڪندي ڀيپهري جي ٻانگ اچي ٿي وڃي ان درميان بک لڳي ٿي نه اڃ، بلڪ جيڪڏهن ڪو ٻڌڻ وارو هجي ته اٺ پهر (24 ڪلاڪ) بس نه ڪيان ۽ نه ئي مون کي پنهنجي پيرن ءِ جي ڳالهه کان ڍو ٿيندو“

ايتري مهرباني ۽ محنت باوجود هن نعمت جي بي قدري ۽ بي استقامتي ڏسي هڪ دفعي ڏک وچان ارشاد فرمايائون سنڌين جي بي استقامتي ڏسي فقير کي تيئن جنون زياده ٿئي ٿو ته منهنجي پير جي ايتري فيض هوندي هي محروم ۽ بي نصيب ڇوٿا ٿين. ڪيترن سالن کان گڏ رهڻ وارا وڃن ته فقير کان موڪلائن به نه.....

قيامت جو قرب آهي ان ڪري دليون سخت ٿي ويون آهن سڀ ماڻهو ننڍا خواه وڏا دنيا جي چنبي ۽ محبت ۾ قاتل آهن، ظاهر ۾ ڪٿي ڪيترو به نيڪ هجي اندر دنيا جي سورن سان قتيل اٿس، ڪوبه خالي ڪونهي سڀ دنيا جي محبت ۾ پريل آهن. (ملفوظات)

## سنت رسول الله ﷺ تي عمل

جيئن ته طريقه عاليه نقشبنديه جو مدار ئي شريعت وسنت مطابق عملي زندگي گذارڻ تي آهي ۽ اهائي خوبي هن طريقه کي ٻين طريقن کان ممتاز ڪري ٿي جيئن حضرت امام رباني قدس سرهٗ پنهنجي مڪتوبات شريف ۾ تفصيل سان لکيو آهي ان مطابق حضرت پير مٺا نورالله مرقدهٗ پاڻ به پوري طرح شريعت مطهره تي عمل پير رهيا ۽ پنهنجي مريدن کي به شريعت مطهره جو پابند بنايائون. نماز باجماعت، تهجد، مسواڪ، عمامه، شرعي پردو، شادي، غمي ۾ خلاف شرع رسم ورواج کان پاسو ڪرڻ جو اهڙو ته پڪو سبق ڏنائون جو

www.zikar.com



بلڪل جاهل ۽ اڻ پڙهيل ديهاتي ماڻهو بہ سختي سان ان تي عمل ڪندا هئا.

هن حقيقت جو اظهار سندن مريد صادق عالم باعمل ۽ نائب حضرت الحاج الله بخش المعروف سهڻا سائين نورالله مرقدهٗ (جن جي ئي مخلصانہ ڪوشش سبب حضرت پير مٺا قدس سره پنهنجو آبائي وطن ترڪ مستقل طور اچي سنڌ ۾ رهيا ۽ ولين جي ڌرتي سنڌ کي سندن آخري آرام گاه هجڻ جو شرف حاصل آهي) هنن لفظن ۾ فرمايو:

فضلي فيض جو دنيا ۾ نعرو آ
چمڪيو دين جو روشن ستارو آ
وڏيل جهل سندي انڌو ڪار هئي
گهٽيل دين جي رونق بازار هئي
آئي رهبر جي ويو گلزار بڻي
اڄ دين نبي جو قرارو آ
هر جاءِ شر شيطان جو شور هيو
ڏاڍو گناهن خطائن جو زور هيو
نڪي خوف خدا نہ ڪجهہ غور هيو
اچي شيخ ڪامل دين جياريو آ

شريعت مطهره تي عمل ڪرڻ بابت حضرت پير مٺارحمة الله فرمائن ٿا! هن طريقي ۾ شريعت تي هلڻ ۽ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي باقي ٻيو ڪو مجاهدو نہ آهي پلي دنيا جو ڪم ڪار حلال ۽ جائز طريقي سان پيو ڪر، ڊوٽي ڪاء، سنو چوڙ، سنو ڪاء.

هن جماعت نقشبنديءَ جي هيءَ نشاني آهي تہ ڏاڙهي قبضي تي پوري هجي ۽ گهٽ هڪ آگر بہ نہ هجي، ٻيا سڀ ڪم بہ شريعت پاڪ تي هجن جيئن شادي، ان ۾ رسمون نہ ڪري، مماتي ٿئي تہ ان ۾ پنڪو نہ ڪري، ورثو، ترڪو جيئن شريعت چوي تيئن وراهجي ڌيڻ کي ملڪيت مان حصو ڏجي.

www.zikar.com



جيڪڏهن ڪو ماڻهو شريعت جا اهي ڪم نہ ڪندو ۽ ورثي مان پيڻ کي حصو نہ ڏيندو، باقي سڏائيندو فقير تہ اهو هرگز اسان جي جماعت جو ۽ نقشبندي نہ آهي. ڏنڊڻ ڏيڻ سنت آهي ۽ هن جماعت جي وڏي نشاني آهي.(ملفوظات)

جيئن تہ شريعت مطهره تي عمل ڪرڻ لاءِ ان جي تعليم ۽ سکيا وٺڻ لازمي آهي ان لاءِ پاڻ پنهنجي جماعت کي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو تاڪيد ڪندا هئا، ان سلسلي ۾ پاڻ درگاه رحمت پور شريف ۾ ٻارن جي تعليم سان گڏ تعليم بالغان جو پڻ عمده انتظام ڪيو هيائون جو نہ فقط مرد پر عورتن کي بہ نماز روزي جا مسائل برزبان ياد ڪرائي وقتًا فوقتًا انهن کان امتحان پڻ ورتو ويندو هيو انهيءَ سلسلي ۾ فرمايائون! علم فرضي ضرور پڙهايو، متان چئو تہ هي فقير علم جو مخالف آهي، آئون علم پڙهڻ، پڙهائڻ جو مخالف نہ آهيان مدرسن جو حال ڏسي چوان ٿو تہ مدرسن ۾ نہ پڙهايو. (جو اتي اخلاق ۽ اخلاص جي تعليم نہ آهي فقط لفظي علم پڙهايو ٿو وڃي.) باقي پنهنجي روبرو تعليم ڏياريو.

عورتن کي بہ فرضي علم پڙهايو، پاڪائي ۽ پليدي جا مسئلا سيکاريو جيڪڏهن انهن کي توهان نہ سيکاريندو تہ اهي ويچاريون ڪٿي وڃي سکنديون، جي نہ سيکارندو تہ ان جو اوترو گناه اوهان تي بہ ٿيندو پوءِ ميان صاحب جون نمازون بہ پوريون نہ پونديون.

## عجب اندازبيان

حضرت پير منا قدس سرهٗ انتهائي خوبصورت چهره مهره ۽ قد ڪاٺ جا مالڪ هيا تہ بارعب، بي باڪ ۽ حق گو هجڻ ۾بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا آواز مبارڪ ڪنهن قدر تلهوپر منڙو ۽ ايترو پرڪشش جو روزانہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ خطاب ٻڌڻ وارو بہ بور نہ ٿيندو هيو ان کان علاوه کير ۾ کنڊ ۽ مکڻ ۾ ماکي جيان انداز بيان علمي ۽ ادبي پڻ هوندو هيو جنهن جي چاشني مان اهل علم، اديب ۽ دانشور بہ فيضياب ٿيندا هئا.

www.zikar.com



مشت از نمونہ خردار. سندن چند ملفوظات تحرير ڪجن ٿا.

1. هن فقير جو طريقو ٻين مائٽن کان ڪافي عليحده آهي، جو دشمني رکندڙ ۽ شڪايتون ڪندڙ ۽ بهتان هڻندڙ بہ هن فقير جا دوست آهن، ڪوبہ اهل ذڪر هن فقير جي طرفان جواب ڏئي نہ انهن سان بحث مباحثو ڪري، نہ ئي انهن کي گهٽ وڌ چئي هن فقير کي دوستن کان بہ وڌيڪ آهي پيارا آهن.

2. الله وارن کي ڪشف ذريعي الله تعاليٰ (ڳجهہ جون ڳالهيون) ڄاڻائيندو آهي، برابر غيب جو علم الله تعاليٰ کي آهي پر الله تبارڪ وتعاليٰ الله وارن کي ڄاڻائيندو آهي. الله وارن وٽ انهيءَ واسطي نہ وڃبو آهي جيئن پهاڪو آهي دال دا پيالا چٽي آيا، رپيا گهتي آيا (نذرانو ڏئي لنگر کائي موٽيو) بلڪ انهن وٽ انهيءَ واسطي وڃبو آهي تہ جيڪا باطني شيءِ ان وٽ آهي اها حاصل ٿئي ۽ اهائي شيءِ ان کان خريد ڪجي.

3. اڙي سنڌيو! توهان تہ موت، قيامت ۽ قبر کان اصل نہ ٿا ڊڄو جو زالن تي ظلم ٿا ڪيو، انهن ويچارين کي پورو خرچ بہ نہ ڏيو رهندو انهن کي ايذايو بلڪ گهڻا تہ اهڙا مائهو بہ آهن جيڪي زال جي ڪمائي مان پاڻ پيا کائن، ڪلا بدمعاش قيامت ۾ ڪلا ڪائيندو پڇڻ جي جاءِ بہ نہ لهندئو.

اي بلوچو! اي سنڌيو! توري شڪ شبهي تي انسانن کي قتل ڪري ٿا وجهو قرآن شريف ۾ اهڙو حڪم ڪٿي آهي تہ شبهي جي آڌار تي مائهو ماريو.

اي جاهل! ڇا توکي شريعت پاڪ کان وڌيڪ غيرت آهي؟

4. اڄڪلهہ مخلوق الله تعاليٰ کان منهن موڙيو آهي تہ الله پاڪ بہ انهن کان منهن موڙيو آهي مخلوق جو الله تبارڪ وتعاليٰ کي وساري ڇڏيو آهي تہ رب العالمين بہ انهن کي وساري ڇڏيو آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ جي وسارڻ جي اها نشاني آهي تہ ننڍن توڙي وڏن کي دنيا جي مارومار لڳي پئي آهي جو نماز پڙهڻ

www.zikar.com



جي به مهلت ۽ وقت نه تو ملين.

اي ادا! تون الله پاڪ کي نه وسار ته الله پاڪ به توکي ڪڏهن نه وساريندو آيت ڪريمه آهي.

فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ

يعني توهان مون کي ياد ڪيو ته مان توهان کي ياد ڪيان.

الله پاڪ جنهن کي ياد ڪري ته ان کي پوءِ ڪهڙو خوف؟

5. اسان ۽ توهان جو هن دنيا ۾ اجتماع ۽ گڏ هجڻ ۽ رهڻ ائين آهي جيئن اسٽيشن تي مختلف قومن جو پاڻ ۾ اجتماع ٿيندو آهي، پوءِ جنهن وقت گاڏي ايندي آهي ته سڀ کو مختلف جاين ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي ۽ مختلف اسٽيشن تي لهندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان به آهيون. مسافر عاقل ۽ دانا اهو هوندو آهي، جيڪو مسافري ۾ ڪنهن سان جنگ ۽ جهيڙو نه ڪري اهو ماڻهو بيوقوف آهي جيڪو جهيڙو ڪندو آهي. ۽ بيوضروري آهي ته مسافر سفر جو سامان تيار رکي توهان ڪهڙو سامان تيار ڪيو آهي؟ توهان پاڻ نماز پڙهو ٿا؟ اولاد ۽ گهرواري کي نماز پڙهايو ٿا؟ ديني مسئلا سيکاريو ٿا؟

## سندن جا عقائد

عقيدي جي اعتبار سان پاڻ پڪا سني، سچا عاشق رسول ﷺ ۽ عالم باعمل پير طريقت هئا.

فقه ۾ حضرت امام اعظم ابو حنيفه رحمة الله جا مقلد هئا جڏهن ته طريقت ۽ تصوف ۾ شيخ المشائخ حضرت شاه بهاوالدين نقشبند بخاري ۽ حضرت امام رباني مجدد ومنور الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي قدس سرهما جا پوئلڳ هئا. ساڳي وقت ٻين سيني سلسلن چشتي، قادري ۽ سهروردي سان پڻ پر خلوص محبت رکندا هئا خاص ڪري پيرن جي پير حضرت محبوب سبحاني سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره سان ته ڪين والهانه عقيدت هئي. ساڳي وقت سندن پهريون مرشد پڻ سني قادري هيو.

www.zikar.com

# عقائد جي باري ۾ حضرت پير مٺا رحمة الله عليه جا ارشادات!

اسان مذهب جا حنفي ۽ مشرب جا نقشبندي آهيون، منهنجا عقيدا اهي آهن جيڪي حضرت امام رباني رحمةالله عليه جا هئا. پيش نظر ملفوظات ۾ بعض عقائد جي باري ۾ سندن واضح ارشادات ملن ٿا جيئن بعض ماڻهو اولياءالله جو وسيلو وٺڻ کان منع ڪن ٿا ان باري ۾ فرمايائون"الله پاڪ نبين کي مخلوق لاءِ وسيلو ڪري موڪليو آهي ۽ هي ان جو قانون آهي ته مخلوق جا اعمال صالح به انهن تي ايمان آڻڻ ۽ محبت رکڻ بعد قبول پون ٿا الله سائين نبين کان بعد ولين کي انهن جو نائب ۽ قائم مقام بنايو. تنهن ڪري هاڻي انهن جي مدد کانسواءِ ڪو چارو نه آهي.

اي بي ادب! جڏهن تنهنجو پاخانو بند ٿئي ٿو ته طبيب کان مدد نه ٿو وٺين؟ تون ته سڀ ڪم لاءِ غير کان مدد پيو وٺين باقي ولي الله کان مدد وٺڻ کي ناجائز ٿو چوين واه ڙي واه اڙي جاهلو پنهنجي پاڙ نه پٽايو، الله پاڪ کان ڊڄو ۽ اهڙن بي ادبن جي صحبت کا پرهيز ڪيو."

پاڻ رسول الله ﷺ جي حيات النبي، علم غيب ۽ هر جاءِ حاضر، ناظر هجڻ جا قائل هئا جيئن ملفوظات ۾ سندن ارشاد مذڪور آهي: هي چندي وارا ملان وري چون ته نبي ڪريم ﷺ مري ويو، چئو. اي ملان! حضور عليه الصلوٰة والسلام حيات النبي آهن اسان کي ڏسن ٿا، حضور عليه الصلوٰة والسلام کي اهڙي حياتي حاصل آهي جو اسان جون هزارين حياتيون انهيءَ جي ذري جي برابري ڪري نه ٿيون سگهن.

الله پاڪ شهيدن جي شان ۾ فرمايو ته انهن کي مئل نه چئو، هاڻي اي ملان تون ٻڌاءِ ته شان ۾ شهيد وڌيڪ آهن يا نبي؟

www.zikar.com



اي ملان! شهيدن کي اهو شهادت جو درجو نبين جي صدقي ۽ طفيل مليو آهي ۽ سو شهيد گڏ تين تہ بہ هڪ نبي جي شان برابر نہ ٿيندا.

وري اهي ملان چون ٿا تہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام کي علم غيب نہ آهي ۽ يارسول الله چوڻ کان ماڻهن کي منع ڪن ٿا. علم غيب جي معنيٰ آهي نامعلوم شيء کي ڄاڻڻ ۽ معلوم ڪرڻ. ڪي ماڻهو غيب لفظ تي چڙندا آهن، جيئن ڪٽي ليمون لفظ تي چڙندا آهن. مون هڪ ڪٽي کي پاڻ اکين سان ڏٺو تہ ڇوڪرا ليمون ليمون چون تہ وني چڙي ۽ انهن جي پٺيان پوي. اسان چئون ٿا تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن کي علم غيب عطائي ۽ ڪلي آهي هر شيء کي پاڻ ڏسن ٿا باقي رهيو الله تبارڪ وتعالیٰ سان مساوات جو سو برابر علم غيب الله تعالیٰ جو خاصو آهي ۽ خاصة الشيء ما يوجد فيه ولا يوجد في غيره. سو فرق سمجهو تہ الله پاڪ کي علم ذاتي آهي ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ کي هر علم عطائي آهي. (ملفوظات)

حضور نبي ڪريم ﷺ کي لوح ۽ قلم جو بہ علم آهي جيئن قصيده برده واري فرمايو آهي.

وان من جودك الدنيا وضرتها

ومن علومك علم اللوح والقلم

ٻڌايو تہ اهوکهڙو علم آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ نہ آهي ۽ جڏهن حضورعليہ الصلوٰة والسلام کي علم لوح محفوظ جو آهي تہ اهو علم غيب نہ آهي تہ پيو ڇا آهي؟

حضرت پير مٺارحمةالله خواه سندن مرشد ڪامل حضرت پير فضل علي قريشي رحمة الله عليہ بزرگن جي مزارات تي وڃي ايصال ثواب ڪرڻ بارگاه الٰهي ۾ انهن جي وسيلہ سان دعا گهرڻ، بزرگن جي تعظيم لاءِ مزارات جي مٿان پڙ وجهڻ، اولياء الله جي احترام ۽ ايندڙ زائرين جي سهولت خاطر

www.zikar.com



مزارات جي مٿان قبا نھرائڻ جا نہ فقط قائل ھئا پر عملي طرح تي پڻھي بزرگن بي شمار بزرگن جي مزارات جي زيارت ڪئي اتي مراقبہ ڪيا دعائون گھريون، خامن ڪي نذرانہ ڏنا، مزار تي چادر چاڙھي، خوبصورت گنبذ ڏسي خوشيءَ جو اظھار ڪيو، جڏھن تہ حضرت پير منا رحمة الله تہ حضرت پيرقريشي رحمة الله جي اھليہ محترمہ (جيڪا سندن صاحبزادي محترمہ ھئي) جي مزار مٿان خوبصورت گنبذ جوڙايو جيڪو اڄ بہ موجود آھي.

جيئن تہ حضرت پير قريشي قدس سره جي انتقال مھل حضرت پير منا سائين مسڪين پورشريف ۾ موجود نہ ھيا، اتي موجود ديوبندي خلفاء حضرت پير قريشيرحمة الله جي مزار مٿان ڇت جو حصو کليل رکيو، ان تي ڏک جو اظھار ڪندي فرمايائون: اي ڪم علم! توکي معلوم نہ آھي تہ حضورسيدالڪونينﷺ جو روضو مبارڪ مٿان ڍڪيل آھي، سندن جي جسم اطھر کي سندن فرمان مطابق ام المومنين بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنھا جي حجري ۾ رکيو ويو ھيو جيڪو مٿان ڍڪيل ھو. جيڪڏھن اھو بہ بدعت آھي تہ پوءِ دين ڪامل ڪھڙو چئبو؟

چئبو تہ اڃا دين ۾ نقص آھي جيڪو ھي وھابي ملان پورو ڪندا. حالانڪ اڳين دور جا عالم توڙي وقت جا زبردست بادشاہ سنت رسولﷺ جا تابع تي گذريا آھن. جھڙوڪ حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمة الله عليہ جنھن کي عمر ثاني بہ چيو وڃي ٿو انھيءَ چونہ بدعت سمجھي قبي شريف کي ڍھرايو، حضرت امام ابو حنيفہ، حضرت امام شافعي، حضرت امام مالڪ رحمة الله عليھم ۽ ٻيا بہ گھڻا ماٺھو دين جا عالم باعمل تي گذريا آھن، انھن چونہ انھيءَ بدعت کي ڪيرايو، باقي ھاڻي جا ڪم علم پوئلڳ بدعت ٿا چون، اھو ڪم نجدي جو آھي ۽ منھنجو پير حضرت فضل علي قريشيرحمة الله نجدي کي بي ادب سڏيندو ھو ۽ ھي فقير بہ ان کي بي ادب سڏي ٿو.

www.zikar.com



انهيءَ مجلس ۾ پاڻ حضرت پير قريشي رحمۃاللہ جي دهلي سفر جو ذڪر ڪندي فرمايائون ته حضرت صاحب جن مزارات جي زيارت کان فارغ ٿي شهر ٻاهران موجود همايون بادشاه جي شاندار گنبذ ڏي ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ فرمايو ته ان روضي ڏاهيندڙ جو خيال سهڻو هو جو ان ۾ مسلمان بادشاه جي عزت آهي. ديوبندي خليفن جي موجودگي ۾ جيڪي اڄڪلهه قبن جو انڪار ڪن ٿا فرمايائون اولياء الله جي روضن مبارڪن ڏاهيندڙن جو خيال سنو آهي جو ان ۾ هڪ ته الله واري جو احترام ۽ عزت آهي، ٻيو ته ختم شريف پڙهڻ وارا پري پري کان ٿڪل ٽٽل اچي ته ٿڌي ڇانوَ ۾ آرام وٺي.

وڏيڪ فرمايائون ته هڪ ڀيري قريشي رحمۃاللہ هڪ بزرگ جي مزار تي ختم شريف پڙهيو ٿي ته هڪ شخص پڙ کڻي آيو، پوءِ پاڻ هڪ طرف کان پڙ وٺي مقبره مٿان ڏاهي رکيو ان وقت ڪجهه ديوبندي علماء به حضور جن سان گڏ هئا پوءِ جنهن وقت پاڻ ختم شريف بخشي ٻاهر نڪتا ته فرمايائون ته مزارن تي پڙ وجهڻ جائز آهي، ۽ پڙ وجهندڙ ماڻهن جو خيال سنو آهي ته جيئن بزرگ جي مزار مٿان پکين جون وٺيون ۽ گند وغيره نه ڪري، بزرگ جي عزت ۽ احترام لاءِ ئي اهو عمل ڪن ٿا.

حضرت پير مٺار رحمۃاللہ جي انهن واضح ارشادات مان هي حقيقت پلي پت آشڪارا ٿي ته سندن مرشد ڪامل خواجه حضرت پير فضل علي قريشي مسڪين پوري نورالله مرقده به پڪا سني پير طريقت هئا، لهٰذا بعض علماء ديوبند جيڪو پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي ته پاڻ ديوبندي مسلڪ کي پسند ڪندا هئا سراسر ظلم، زيادتي ۽ مٿن بهتان ۽ الزام تراشي آهي. حقيقت هي آهي ته خود ديوبندي علماء جي ڇپرايل ڪتابن مثال طور تجليات صديقي، انوار فضليه ۽ مقامات فضليه وغيره ۾ به اهڙا حوالا ملن ٿا جن مان واضح آهي ته بعض نالي وارا علماءِ ديوبند حضرتؒ پير قريشي قدس سره

www.zikar.com


جي هٿ تي بيعت ڪري نقشبندي طريقي ۾ سندن مريد ٿيا ۽ ٻيا ٻہ عقيدت مند هيا جن جي اڳيان پاڻ موقع مناسبت سان زباني ڪلامي توڙي عملي نموني خالص سني عقيدت جو اظهار ۽ عمل ڪري ڏيکاريندا ۽ سمجهائيندا رهيا ۽ اهي ديوبندي عالم ٻين مريدن جيان سندن ادب احترام ڪندا هئا.

جڏهن پاڻ دارالعلوم ديوبند ۾ وعظ فرمايائون تہ بعض شاگردن کي بي اختيار وجد ۽ جذبو پڻ ٿيو جيڪوسندن مريدن ۾ عام هيو. خود قاري محمد طيب صاحب جيڪو دارالعلوم جو مهتمم پڻ هيو پنهنجي گهر سندن جي دعوت ڪئي ۽ واپسي محل سندن جتي مبارڪ پنهنجي هٿن سان ڪٽي سڌي ڪري سندن اڳيان رکي.

18 رجب 1380هجري جي خطاب ۾ ارشاد فرمايائون نمازپڙهڻ وقت قيام ۾ هٿ دن جي هيٺان متصل رکو، دن جي مٿان يا انهيءَ کان اچا مٿي نہ رکو، سڄو هٿ ڪٻي جي مٿان رکي سڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ چيچ سان ڪٻي هٿ کي جهليو ۽ پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جيترو مفاصلو رکو، جيڪو ائين نہ ڪري اهو حنفي نہ آهي، اهو غير مقلد وهابي آهي. غير مقلد هٿ سيني تي رکندا آهن ۽ هڪ ٻئي کان پري ڪري چڏا ڦاڙي بيهندا آهن ۽ اهي الله وارن جا مخالف هوندا آهن. حضرت پير منارحمۃالله جتي اولياء الله جي مخالفن جا مخالف هيا اتي نام نهاد رسمي پيرن ۽ ڏن پٽ، نذرونياز واري پيري مريدي کان بہ ڪوهين پري، بيزار هيا. ۽ عوام الناس جي بچاء لاءِ نثر توڙي نظم جي صورت ۾ اهڙن رسمي پيرن جي مذمت ڪيائون جيئن ماڻهو انهن گمراهن جي چنبي ۾ نہ ڦاسن.

مرشد ڪامل جي تعريف ڪندي هڪ دفعي ارشاد فرمايائون مرشد ڪامل اهو آهي جيڪو مريد تي ڏنار وانگر نظر رکي مريد هيڏي هوڏي (غلط راه تي) وڃي تہ پڪڙي وني سڌي راه تي آڻي، جيڪڏهن نيڪ بخت هوندو تہ توبہ تائب ٿيندو وري اهڙو ڪم اصل نہ ڪندو.

www.zikar.com


هڪ پيري پاڻ سامعين کان دريافت فرمايائون ته ٻڌايو ته پير کهڙي مقصد لاءِ ونبو آهي ۽ پير کهڙي مدد ڪندو آهي، جواب نه ملڻ تي پاڻ ئي ارشاد فرمايائون توهان رسمي پيرن جا منتوڙيل (ستايل) آهيو تنهن ڪري جواب نه ٿا ڏيو. شايد توهان ائين سمجهندا آهيو ته پير دوست، يار محبوب يا رنل عورت (زال) پرچائي ڏيڻ لاءِ هوندو آهي، پٽ ۽ مال وني ڏيندو آهي، پوءِ پاڻ پير وٺڻ جو مقصد هن نموني بيان فرمايائون پير انهيءَ لاءِ ونبو آهي ته جيڪڏهن اڳ ۾ ايمان ڪمزور هو ۽ انهيءَ جي زوال يعني وڃڻ جو خطرو هيو پوءِ پير جي مدد سان اهو رجسٽرڊ ۽ پڪو ٿي وڃي. اهو هن طرح ته يا اصل ايمان ڪونه هيس ۽ ڪفر ۾ پيل هيو پير وٺان ان کي ايمان جي دولت ملي، يا اڳي مسلمان ته هيو پر اوجهڙ ۾ پيل هيو، پير ان کي سڌي وات وٺرائي ۽ روڊ تي آڻي بيهاريو.

اڄ (17 آگسٽ 2009ع سومر جو ڏينهن) کان پورا پنجاه 50 سال اڳ ساڳي ڏينهن ۽ تاريخ (سومر 17 آگسٽ، 1959ع) تي حضرت پير مٺا قدس سره ذڪر قلبي جي تلقين ڪندي ارشاد فرمايو! هڪ الله سائين سان محبت رکو دنيا سان محبت نه لڳايو. جنهن جو جنهن سان عشق هوندو آهي ته اهوانکي ياد ڪندو ۽ انجي تعريف ڪندو آهي، ڏسو مجنون هڪ امير يا سردار جو پٽ هيو پر جڏهن ليليٰ جي عشق ۾ گرفتار ٿيو ته ڪتي جا پير به چميائين. ڀلا مجنون ليليٰ سان عشق رکي، سسئي پنهون سان عشق رکي، باقي تون اسان الله سائين سان عشق نه رکون. دنيا جا طالب هرگز الله سائين جي محبت حاصل نه ڪري سگهندا. دنيا جا طالب هميشه ذليل رهندا آهن. جڏهن ته الله وارن،الله سائين جي پيارن جو مذهب هي آهي جو دنيا کان بيزار هوندا آهن، (انهن جي دل دنيا جي محبت کان خالي هوندي آهي توڙي جو ظاهر ۾ دنيا جو ڪم ڪار ڪندا هجن) الله وارا ڪنهن جي در تي پنندا نه آهن، پر اڄوڪا پير ڏسو توهان پاڻ

www.zikar.com


انصاف ڪيو تہ (عام رواج ۾) پنڻ هڪ ٺوڪ جو لفظ آهي، ڪو ڪنهن تي ڪاوڙبو آهي تہ انکي هينئن پٽ پاراتو ڏيندو آهي، شل پنندو وتين، شل پني ماني کائين.

ڏسو تہ سهي اڄڪلهہ جا پير وڏي دولت مال اسباب جا مالڪ وڏا زميندار جيپن ۽ موٽرڪارن جا مالڪ آهن تہ بہ ساري عمر غريبن مسڪين مريدن جي درن تي پنندا وتن ٿا. ڪنهن مسڪين مريد وٽ کٽي پائي بہ نہ هجي تہ بہ ڏن وٺڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندس، جناب مختيارڪار صاحب ڍل جي معافي ڏئي تہ ڏئي پر پير صاحب ڪنهن غريب مسڪين کي اصل معاف نہ ڪري ڏن ضرور وٺي. ڪتاب پڙهي ڏسو تہ ڪو الله وارو پنيو آهي (هرگز نہ) ڏسو حضرت محبوب سبحاني پيران پير عبدالقادر جيلاني، حضرت خواجہ معين الدين اجمير وارو، حضرت محمد عثمان قلندر سيوهڻ وارو، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت خواجہ نظام الدين اولياء دهلي وارو حضرت خواجہ غلام علي دهلوي ۽ حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليهم. مطلب هي تہ جيڪي الله وارا ٿي گذريا آهن انهن مان ڪو بہ نہ پنيو آهي. اها پنڻ واري رسم جاهل پيرن شروع ڪئي آهي. پيا غريبن مسڪينن مٿان ڪي ڦرين، سچ پچ تہ آهي نبي سائين جي امت جا دشمن آهن، جيڪي نماز نہ پاڻ پڙهن نہ ٻئي کي ان جي تلقين ڪن، بس پير صاحب کي ڏن جا پيسا ملن پوءِ مريد نماز پڙهن يا نہ پڙهن انهن جي مرضي الله سائين جو ذڪر عجيب نعمت آهي ڏسو ڪٿي ڪيئي چور زاني هيا نيڪوڪار ٿي ويا.

مسلمانو! الله سائين ڪان ڊڄو رب جو ذڪر ڪمايو، الله سائين جي عشق جي لذت چکو، ٻيون سڀ ڳالهيون وساري رب سان دل لڳايو ۽ پوءِ مزو تہ ڏسو.

(راوي فقير شاه محمد ڄڻ وارو لاڙڪاڻہ سنڌ)

www.zikar.com


# جامع ملفوظات

اوهان جي اکين اڳيان موجود هي بابرڪت ملفوظات بقية السلف استاذ العلماء حضرت الحاج علامہ عبدالرحمٰن وڳڻ صاحب دامت برڪاتہ جا گڏ ڪيل آهن، جيڪي پاڻ خواجہ خواجگان قطب دوران حضرت پير محمد عبدالغفار المعروف پير مٺارحمۃ اللہ جي نوراني ۽ روحاني مجلسن ۾ روبرو ٻڌي قلمبند ڪيائون.

استاد صاحب جن حضرت پيرمٺا قدس سره جا مقرب خليفہ ۽ عالم باعمل آهن، فقهي ۽ علمي مسئلن جي سلسلي ۾ حضرت پير مٺارحمۃ اللہ بہ کين ياد فرمائيندا هئا.

سندن ڦوه جواني جو زياده زمانو ڪامل مرشد جي قدمن ۾ محبت ۽ خدمت ۾ گذريو ان زماني ۾ اڪثر اوقات مٿن وجد، جذبي ۽ مستي جي ڪيفيت طاري هوندي هئي.

حضرت پير مٺارحمۃ اللہ جي رحلت بعد سندن نائب حقيقي ولي ڪامل حضرت الحاج الله بخش المعروف سهڻا سائين قدس سره جي هٿن تي بيعت ڪيائون ۽ سندن فرمان مطابق محراب پور، ڪنڌڪوٽ ۽ قمبر علي خان ۽ ٻين هنڌن تي بي لوث دين جي دعوت ڏيندا رهيا. ساڳي وقت مدرسہ جامعہ عربيہ غفاريہ ۾ تعليم بہ ڏيندا رهيا.

حضرت قبلہ عالم سيدي ومرشدي سهڻا سائين نورالله مرقده جي جدائي بعد وري سندن خلف رشيد صاحبزاده علامہ الحاج پير طريقت حضرت خواجہ محمد طاهر المعروف پير سڄڻ سائين دامت برڪاتہ جي دست حق پرست تي تجديد بيعت ڪيائون ۽ حسب سابق سندن خدمت ۾ رهي فقہ ۽ حديث جي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ اوري پري تبليغ دين جو فريضو پڻ ادا ڪندا رهيا. هن وقت سندن عمر اسي 80 سال جي قريب آهي ڏکي سفر ۽ گهڻي تعليم ڏيڻ کان قاصر آهن تاهم جيترو وقت الله آباد شريف ۾ هوندا آهن مدرسہ ۾

www.zikar.com



پڙهائيندا آهن ۽ جڏهن پنهنجي صاحبزادن (مولانا عزيزالرحمٰن ۽ قاري خليل الرحمٰن) وٽ حيدرآباد ويندا آهن تہ زياده وقت ذڪر فڪر ۾ گذاريندا آهن.

پاڻ ڪمال درجہ متقي پرهيزگار انسان ۽ حضرت پير منارحمةالله جي چند خلفاء ڪرام مان هڪ آهن جن جي ڏسڻ سان الله وارن جي ياد تازه ٿئي ٿي.

الغرض حضرت قبلہ استاد مولانا عبدالرحمٰن صاحب جن حضرت پير منارحمة الله جي بابرڪت مجلسن ۾ ويهي وڏي شوق ۽ محبت سان سندن ملفوظات تحرير ڪيا، ان سان گڏوگڏ وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان مخلتف ماڻهن ڏي لکيل حضرت پير منا سائين جن جا مڪتوبات (خط) پڻ گڏ ڪيا. پر جيئن تہ سندن مالي حالت زياده مستحڪم نہ هئي انهن جي ڇپرائڻ ۽ عام ڪرڻ ڪان قاصر رهيا.

سيدي ومرشدي حضرت خواجہ سجڻ سائين دامت برڪاتہ، راقم الحروف ۽ ٻين دوستن سان انهن جي اشاعت جي باري ۾ بار بار صلاح مشورا ڪندا رهيا. راقم الحروف بہ گهڻي چاهت ۽ حب هوندي بہ ڇپائي جو تہ ذمو کڻي نہ سگهيو البتہ پنهنجي حال ۽ حيثيت آهر تعاون جويقين ڏياريندي سائين سان گڏ ويهي مڪتوبات ۽ ملفوظات تي سرسري نظر ثاني ڪئي ۽ بعد ۾ ڇپائي جي مناسبت سان استاد صاحب جي بياضن کي پنهنجي هٿ اکرن ۾ نقل ڪيو. ساڳي وقت استاد صاحب۽ سيدي ومرشدي سجڻ سائين دامت برڪاتہ جي منشا مطابق معنيٰ ۽ مفهوم کي سامهون رکي موقعہ جي مناسبت سان عبارتن جي اصلاح ڪئي ۽ غير ضروري لفظ يا جملہ حذف ڪيا.

۽ جيئن تہ هڪ هڪ خطاب ڪافي صفحات تي مشتمل هيو ان کي عام فهم بنائڻ لاءِ عنوان ( شہ سرخيون) قائم ڪيا، آيات مبارڪہ جا حوالہ ۽ ترجمہ اهڙي طرح فارسي اشعار ۽ عبارتن جا ترجما ڪيا، ساڳي وقت جنهن جملہ يا

www.zikar.com


مضمون ۾ مونجهارو نظر آيو قوسين يعني ٻن ڏنگين (.....) ۾ انهن جي وضاحت ڪري حتي المقدور ارشادات عاليہ کي عام فهم ۽ آسان بنائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، تعليم وتدريس سان گڏوگڏ مذڪوره مواد کي اصل بياض تان نقل ڪرڻ، ترتيب، ترميم ۽ اضافہ ۾ ٽي چار سال لڳي ويا. اجا اهو سلسلو جاري هيو تہ حسن اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ پير ڀائي دوست محترم عبدالرحيم نظاماڻي صاحب (ليڪچرار نواب شاه) مڪتب ۾ مون سان ملڻ آيو تہ مون ان سان ملفوظات شريف جو مسودو تيار ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ نظاماڻي صاحب چيو مهرباني ڪري اهو مسودو مون کي ڏيو تہ مان اوهان کي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڏيان، اهڙيءَ طرح چند مهينن ۾ موصوف محنت ڪري ڪتابي صورت ۾ مواد آڻي ڏنو جيڪو مون حضور قبلہ عالم سيدي ومرشدي خواجہ سجڻ سائين دامت برڪاتہ جي خدمت ۾ پيش ڪيو ڏسي پاڻ گهڻو خوش ٿيا ۽ ڪتاب پاڻ سان کڻي ويا مطالعہ فرمائي پسنديدگي ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪري دعائن سان نوازي مواد منهنجي حوالي ڪيائون.

ٻن سالن جي وقفي بعد گذريل جون جي 30 تاريخ تي هن عاجز حضور قبلہ عالم سيدي ومرشدي مدظلہ جي خدمت ۾ملفوظات شريف جي ڇپائي بابت لکت ۾ عرض ڪيو. ان وقت پاڻ ڪراچي وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. پر ڪرم ڪري ان ئي مهل عريضو پڙهي موٽ ۾ مون سان فون تي رابطو ڪري ملفوظات شريف جي اشاعت جا مڪمل اخراجات پاڻ برداشت ڪرڻ جو يقين ڏياريندي. جڏهن تہ ٻي حصي لاءِ حضرت قبلہ خليفہ مولانا عبدالرحمٰن صاحب ۽ لاڙڪاڻا جي پير ڀائي مرحوم دوست فقير شاه محمدرحمة الله (ڳوٺ حب نزد لاڙڪاڻا) جا لکيل مسودا ۽ هڪ سو کان زياده حضرت پير مٺا رحمة الله عليہ جا تحرير ڪيل مڪتوبات (خط مبارڪ) اجا اشاعت جي انتظار ۾ آهن. آخر ۾ حضرت صاحب مدظلہ،

www.zikar.com


جامع ملفوظات، راقم الحروف ۽ والدين مرحومين ۽ ٻين سين دوستن لاءِ دعائن جي درخواست آهي، جن هن متبرڪ مڪتوبات جي اشاعت ۾ دامي، درمي، سخني حصور ورتو.

وصلى الله على سيدنا محمد واله واصحابه اجمعين

رقمهٗ

**فقير حبيب الرحمن گبول طاهري نقشبندي**

درگاه الله آباد شريف، ڪنديارو

پهرين رمضان المبارڪ 1430هجري بمطابق 2009-08-23

www.zikar.com

# تقديم

## از جامع ملفوظات
## شيخ الحديث حضرت خليفه عبدالرحمٰن
## غفاري بخشي طاهري

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حامدا ومصليا ومسلما

امابعد احقرالعباد عاجز عبدالرحمٰن وڳڻ بن مولانا حاجي عبدالرحيم رحمة الله جوباڻوڳوٺ پائي خان وڳڻ لاڙڪاڻه آهي جيئن ته والد صاحب جن عالم باعمل هيو. سندن نيڪ صحبت جي صدقي نندپڻ کان ئي عاجز جي دل ۾ ديني عربي تعليم حاصل ڪرڻ جوشوق هيو. (اهڙي طرح منهنجو نانو حاجي احمد رحمة الله پڻ عالم هيو. انهن وٽ ملان ابڙا ۾ والد صاحب تعليم حاصل ڪئي هئي) اسڪول مان ضروري تعليم حاصل ڪرڻ بعد تيرهن سالن جي عمر ۾ والد صاحب جن عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سونو جتوئي ڳوٺ جي مدرسه ۾ داخل ڪرايو. هي مدرسو مولانا علامه غلام عمر صاحب جتوئي رحمة الله جو هيو (جيڪي سنڌ جي مشهور بزرگ پير مولانا محمد قاسم صاحب مشوري رحمة الله جا استاد هئا) مولانا صاحب جي وصال بعد سندن صاحبزادي مولانا فيض الله صاحب مدرسه جو انتظام سنڀاليو، جيڪي حضرت پير مٺا قلبي وروحي فداه جا نوان مريد ٿيا هئا ۽ سندن محبت ۾

www.zikar.com



مست هئا، ۽ حضور قبلهٔ عالم رحمة الله کي مدرسه ۾ اچڻ جي دعوت پڻ عرض رکي هيائون.

هن عاجز جي خوش قسمتي چئبي جو عاجز جي مدرسه ۾ داخل ٿيڻ بعد ٽئين ڏينهن تي حضرت پير مٺا قدس سره دعوت قبول فرمائي مدرسه ۾ تشريف فرما ٿيا. ان زماني ۾ حضرت پير مٺا رحمة الله عاشق آباد شريف (ضلع ملتان پنجاب) ۾ رهندا هئا ۽ اتان تبليغ سانگي سنڌ جو سفر فرمائيندا هئا، ۽ سفر ۾ حضرت قبلهٔ عالم سهڻا سائين رحمة الله سدائين ساڻن گڏ هوندا هئا.

جيئن ته حضور سهڻا سائين نورالله مرقدهٔ سفر حضر ۾ پنهنجي پير ڪامل حضرت پير مٺا رحمة الله عليه سان گڏ ۽ سندن سڀ کان وڏيڪ بااعتماد خليفا سڳورا هئا. سموري جماعت ڪين نالي وٺڻ بجاءِ وڏو خليفو ڪري سڏيندي هئي. اهوئي سبب آهي جو استاد توڙي شاگرد به حضورپير مٺارحمةالله کان بعد حضرت سهڻا سائين جن سان پيار ۽ محبت ڪندا هئا.

الغرض ته اجا مون فارسي مس پوري ڪئي ۽ عربي جو شروعاتي ڪتاب صرف بهائي شروع ڪيم ته والد صاحب جن خانداني مجبورين سبب منهنجي شادي ڪرائي ڇڏي، حالات کان مجبور ٿي تعليم ڇڏي ڳوٺ اچي رهيس ۽ اٺ سال لاڳيتو هارپو ڪندو رهيس. انهيءَ دوران حضرت پير مٺا قدس سره رحمت پور شريف لاڙڪاڻه ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ آءٌ به ڳاهي به ڳاهي سندن خدمت ۾ حاضر ٿي صحبت بابرڪت مان فيضياب ٿيندو رهيس ساڳي وقت علم حاصل ڪرڻ جو شوق به دل ۾ گهڻو هيو.

اچانڪ وضع حمل جي حالت ۾ گهرواري جو انتقال ٿي ويو، پوءِ حضور قبلهٔ عالم پير مٺا رحمة الله کان اجازت وٺي سندن ڪرم نوازي ۽ دعا سان صرف ٽن سالن ۾ درس نظامي جا ڪتاب پڙهي پورا ڪيم ۽ سنت ٿي اچي درگاه رحمت پورشريف تي رهڻ لڳس.

www.zikar.com



مولانا محمد عاشق سيال صاحبرحمة الله حضور قبلہ عالم پير منا رحمة الله عليه جو سچو عاشق لنگر جي ڪم ڪار ۽ انتظام لاءِ ڄڻ تہ وقف هوندو هيو، ان حضور قبلہ عالم قلبي وروحي فداه جي خدمت ۾ منهنجي باري ۾ عرض ڪيو تہ بااعتماد ماڻهو آهي جيڪر هن ڪي رحمت پور شريف ۾ ننڍن ٻارن جو استاد مقرر ڪيو وڃي تہ بهتر. اهڙي نموني حضرت صاحب جي اجازت سان عاجز ٻارن کي پڙهائڻ شروع ڪيو. درگاه شريف تي رهڻ وقت هن فقير تي وجد ۽ جذبي جي حالت تمام گهٽجي تي وئي، اڪثر ڪري حضور قبلہ عالم جن جي مجلس مبارڪ ۾ ويهڻ ٿيندو هو، پوءِ دل ۾ خيال ٿيو تہ ڇو نہ حضور قبلہ عالم جن جي تقرير مبارڪ لکان. چنانچہ سندن جي مجلس ۾ وعظ مبارڪ رف لکندو هيس پوءِ وري اڪيلائپ ۾ هڪ بڪ تي پڪو (فيئر) ڪري لکندو هيس. هي حضور قبلہ عالم جن جي حياتي مبارڪ جا آخري سال هئا. (اڪثر تقريرن جي ابتدا ۾ اسلامي تاريخ لکيل پڻ آهي)

حضور قبلہ عالم جن 8 شعبان المعظم 1384هجري ۾ وصال فرمائي ويا. اهو بڪ هن عاجز وٽ محفوظ رهيو تانتہ هڪ دفعہ حضور قبلہ عالم محبوب سڄڻ سائين مدظلہ العالي جي خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضور قبلہ عالم پير منارحمة الله جن جي ڪجھ ملفوظات هن عاجز وٽ هڪ بڪ ۾ محفوظ آهي ۽ اهو بڪ حضور جن جي خدمت ۾پڻ پيش ڪيم پوءِ پاڻ فرمايائون تہ استاد مولانا حبيب الرحمٰن صاحب سان مشورو ڪيو ۽ انهن ڪان تعاون وٺو جيئن موضوعن ۽ عنوانن سان سهڻي انداز ۾ ملفوظات کي ڇپرايو وڃي. هن عاجز استاد مولانا حبيب الرحمٰن صاحب سان مشورو ڪيو پاڻ وڏي مهرباني فرمائي هن عاجز سان گڏ ويهي ملفوظات شريف تي نظر ثاني ڪيائون گڏجي ٻنهي عبارتن مضمونن ۽ لفظن جي درستي ڪئي. جيئن ملفوظات شريف ۾ ڪنهن قسم جي ڪمي نہ رهجي، تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪا غلطي رهجي

www.zikar.com



وئي هجي تہ مهرباني ڪري واقف ڪندا تہ جيئن بئي ڇاپي ۾ ان جي اصلاح ڪجي مطلب تہ استاد صاحب وڏو تعاون ڪيو هر تقرير جو موضوع ۽ ضرورت مطابق وچ ۾ عنوان، اهڙي طرح ڪمپيوٽر تي لکائي ۽ ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ ڪوششون قابل قدر آهن. شال الله تعالىٰ کين دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو نيڪ بدلو عطا فرمائي. هن عاجز فقير عبدالرحمٰن ۽ مولانا حبيب الرحمٰن صاحب کي پنهنجي دعائن ۾ ضرور ياد ڪندا.

هن عاجز حضرت پير منا قلبي و روحي فداه جا مڪتوبات مبارڪ بہ گڏ ڪيا هئا. حضور سجڻ سائين مدظلہ العالي جن جي خدمت ۾ پڻ پيش ڪيا آهن. انهن تي بہ اسان پنهي ويهي ڪجھ محنت ڪئي آهي اهڙي طرح ڪجھ ملفوظات شريف بہ اڃا ڇپائي لاءِ تيار نہ آهن، دعا ڪندا تہ الله سائين توفيق عطا فرمائي جيئن رهيل ملفوظات ۽ مڪتوبات شريف بہ ڇپرائي جماعت جي خدمت ۾ پيش ڪجن جو الله وارن جي دعا، دوا ۽ نظر شفاء آهي.

**فقير عبدالرحمن غفاري بخشي طاهري**

درگاهہ الله آباد شريف

ڪنڊيارو

www.zikar.com



## نفلي عبادت سان قرب الاهي

تاريخ 5 ماه جمادي الثاني 1380ھ جمع ڏينهن پاڻ جامع مسجد رحمت پور شريف ۾ رونق افروز هيا. اردگرد اهل ذکر فقيرن جو مجموعو هيو. ان موقعي تي مولوي الله بخش صاحب کوٽ لالو واري عرض ڪيو: سائين قدسي حديث شريف ۾ آهي "يَتَقَرب العبد اليَّ بالنوافل الیٰ اخرہ"... يعني ٻانهو نفلن پڙهڻ سان منهنجو قرب حاصل ڪري ٿو. جڏهن ته توهان جي طريقه عاليه نقشبنديه ۾ ته فرض، واجب ۽ سنتن تي اڪتفا ڪئي ٿي وڃي (نوافل پڙهڻ لاءِ تاڪيد نه ٿو ڪيو وڃي)، سو ڇو؟ ان جي جواب ۾ پاڻ ارشاد فرمايائون: نوافل مان خاص نفلي نماز مراد نه آهي، بلڪ هن مان عام مراد آهي. فرض عبادات کان سواءِ جيڪي به عبادتون آهن جن ۾ ذڪر به شامل آهي، سي سڀ نوافل ۾ اچي وڃن ٿا.

## طريقه عاليه نقشبنديه جا فضائل

حضرت امام رباني مجدد و منور الف ثاني رحمة الله تعالیٰ عليه مڪتوبات شريف ۾ لکيو آهي ته اسان اهڙا راز لکيا آهن، جيڪي ڪنهن ٻئي ولي الله جي قلم ڪونه لکيا آهن. اهو انڪري جو سندن مرتبو تمام مٿاهون هيو ۽ پاڻ طريقت جي تجديد (نئين انداز ۾ پيش) ڪيائون ۽ بارگاه الاهي مان سهل ۽ آسان طريقو حاصل ڪيائون، ان ڪري مٿن اهڙا راز ۽ اسرار منڪشف ٿيا جو ڪنهن ٻئي ولي الله تي ڪونه ٿيا. پاڻ (حضرت امام رباني قدس سرہ) فرمايو اٿن ته جنهن ولي الله جو عروج (توجه الي الله ۾ ڪمال ۽ مخلوق کان لاتعلقي) اتم (مٿاهون) هوندو آهي ته ان جو نزول

www.zikar.com



(مخلوق ۽ دنيا جي اسباب سان تعلق) به اتم هوندو آهي ۽ اهو عام ماڻهن سان رلجي ملجي ويندو آهي ۽ ٻين ماڻهن وانگر عالم اسباب ڏانهن متوجه ٿي ويندو آهي، جنهن کي تصوف جي اصطلاح ۾ سير في الاشياء چئبو آهي. انهيءَ ولي الله جو درجو پنهنجي وقت جي سمورن ولين کان مٿاهون هوندو آهي، انهيءَ ولي کي قطب الارشاد ۽ قيوم الزمان چئبو آهي، انهيءَ جي وجود مبارڪ سان آسمان ۽ زمين جو تعلق ۽ ڳانڍاپو ۽ قيام هوندو آهي، ۽ ڪک به ان جي اجازت کان سواءِ نه چُرندو آهي. انهيءَ کي ماڻهن جي اصلاح، سڌاري ۽ وصول الي الله جي طريقه (الله جي واٽ) وناڻڻ واسطي موڪليو ويندو آهي. ان جو نوافل ڏانهن توجه گهٽ هوندو آهي، رڳو فرض، واجب ۽ سنت تي اڪتفا ڪندو آهي، اهو نماز ۾ بتمامهٖ (پوري طرح) متوجه الي الله ٿي ويندو آهي، ۽ سلام کان بعد وري سارو خلق ڏانهن متوجه ٿي ويندو آهي. ياد رکو اهو حال سيني ولين جو نه هوندو آهي. جيڪو بزرگ اجا وردن وظيفن ۾ مشغول آهي، اهو اجا رستي ۾ آهي. اهائي ان جي عدم رسائي جي نشاني آهي. ان کي اجا عروج اتم حاصل نه ٿيو آهي.

جڏهن ته مٿي بيان ڪيل ولي الله گهڻي انتظار کان بعد پيدا ٿيندو آهي، طريقت جي طالب کي انهيءَ جي خدمت ۾ آداب سان ويهي ڏسڻ سان هزار نفلن کان وڌيڪ فائدو حاصل ٿيندو. مبتديءَ کي نفلن پڙهڻ کان مراقبه ڪرڻ ۾ گهڻو فائدو حاصل ٿئي ٿو، مثلاً تهجد جي ٽائيم ۾ هڪ اهل ذڪر طالب تهجد ٿو پڙهي ۽ ٻيو مراقبه ٿو ڪري ته مراقبه واري کي فائدو زياده حاصل ٿيندو، پر جيڪڏهن ڪو مراقبه به ڪري ۽ تهجد به پڙهي ته پوءِ نورٌ علیٰ نور (معلوم هجي ته حضرت پير مٺا قدس سرّه پنهنجي جماعت کي نماز تهجد ۽ مراقبه ٻنهي جو پابند بنايو).

www.zikar.com



# حضرت پير قريشي قدس سرّه جو مقام ۽ مزاج

منهنجا مرشد حضور پير قريشي صاحب قلبي و روحي فداه انهيءَ (ڪمال عروج واري) منزل تي پهتل هئا. ڪين عام ماڻهن سان اهڙي تہ مشابهت هوندي هئي جو نئون آيل ماڻهو سڃاڻي نہ سگهندو هو تہ هي بزرگ، پير آهن يا نہ. پهرين وقت ۾ جڏهن هي فقير (حضرت پير منارحمۃاللہ) سندن خدمت ۾ ويو تہ اهڙو حال هين جو ڏاند هٿن ۾ ۽ هر پنجاري ڪلهي مبارڪ تي. پاڻ وجي هر ٻڌن، وري اچي ڏاندن کي گاه وجهن. سندن زمين سادي هئي، پر هئي ڏاڍي پڪي ۽ سخت، جو سانهر سان بہ پتر ڪونہ پڄندا هيا. پوءِ اسان وٺوهڻن سان پتر پڄندا هياسين، جنهن ۾ هر طبقي جا ماڻهو شامل هوندا هيا. جن ساري عمر ڪم ڪونہ ڪيو. اهڙي طرح ڪي ڪامورا ۽ وڏيرا جن اصل ڪم ۾ هٿ بہ نہ وڌو هوندو، اهي بہ لنگر جو ڪم ڪندا ۽ وٺوهڻن سان پتر پڄندا هيا. جڏهن تہ لنگر جو ڪم ڪرائڻ وارا فقير ڪنهن کي بہ نہ ڇڏيندا هيا توڙي جو عالم، سيد يا ڪامورو هجي، بنا رعايت هر هڪ کي چوندا هيا بابا اٿي لنگر جو ڪم ڪر، پير جو ڪم آهي... پوءِ ويچارا سڀ هلي ڪم ڪندا هيا، ڪير بہ انڪار نہ ڪندو هيو.

غرض هي تہ حضرت صاحب رحمۃ اللہ عالم اسباب ڏانهن بہ ايترا تہ متوجہ هوندا هيا جو ٻاهران آيل ماڻهن کي بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سان لڳائيندا هيا. سندن هڪ زمين پري هوندي هئي، اوڏانهن بہ فقيرن کي موڪليندا هيا جيڪي سارو ڏينهن اتي نار وهندا، پوک کي پاڻي ڏيندا ۽ ٻيو ڪم ڪندا هيا. ۽ زمين وري اهڙي سادي جو ٻج پوکڻ بعد ڪو سَلو ڪاٿي نظر اچي تہ ڪو ڪاٿي. حضرت صاحب جن وري اهڙن هنڌن تي پاڻ چنگيون هڻندا وتن. وري بہ حال اهو جو جڏهن ڪڻڪ تيار ٿئي تہ ڪو ٻوٽو ڪٿي بينو هجي تہ ڪو

www.zikar.com



ڪتي. اهڙي پوک ڏسي ماڻهو کلن ۽ چون ته واه جي پوک تي آهي، ڍل به نه لاهيندي... انهيءَ باري ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو حضور قبلهٔ عالم قلبي و روحي فداه جن کي عرض ڪندو هيو ته پاڻ فرمائيندا هيا 'توهان جو ان سان ڪهڙو واسطو، بس توهان پنهنجو ڪم ڪريو'. پاڻ لباس به تمام سادو پائيندا هيا.

حضرت امام رباني رحمة الله اهڙن ولين جي باري ۾ "مبدء و معاد" نالي پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي: اي الله پاڪ! عجب جهڙي ڳالهه آهي جو تو پنهنجي پيارن کي اهڙو ته جبو پارايو آهي جو توکان سواءِ ٻيو ڪو به انهن کي نٿو سڃاڻي، پر جيڪڏهن ڪنهن انهن کي سڃاتو ته ان توکي سڃاتو.

## حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جي سادگي

هڪ ڀيري رياست بهاولپور جي وزير حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جي دعوت ڪئي. ٻهرين پاڻ هڪ هنڌ پٽڪو مبارڪ لاهي وينا هيا. جڏهن دعوت تي وڃڻ لاءِ اٿيا ته ساڳيو ڍلو ڍيل پٽڪو مبارڪ ڪٽي مٿي تي رکيائون ۽ وزير موصوف سان گڏجي روانا ٿيا. پنيان وڏا وڏا آفيسر، ڪليڪٽر ۽ ڪامورا هجن. فقيرن ۾ جذبي جي ڌمال چوڪڙي (موج ۽ مستي) هجي، جن مان خليفه حافظ ڪريم بخش صاحب جذبي جي حالت ۾ چئي رهيو هو 'واه واه پير تنهنجي چال چلت مبارڪ، آئون انهيءَ تان صدقي وڃان'.

اهڙي طرح هڪ ٻي دفعي پاڻ ڪنهن سفر تي وڃي رهيا هيا. جڏهن اسٽيشن تي اچي وينا ته دستار مبارڪ لاهي رکيائون. جڏهن ريل گاڏي آئي ته ساڳي ڍلي ڍيل دستار مبارڪ ڪٽي مٿي تي رکيائون. جنهن وقت گاڏي هلڻ واري ٿي ته هڪ فقير عرض ڪيو ته سائين دستار مبارڪ ناهي ٻڌو. ٻهرين دفعي ته پاڻ ان کي ڪو جواب نه ڏنائون، ٻي ڀيري عرض ڪرڻ تي به فقير کي ڪا ورندي نه ڏنائون، پر جڏهن ان

www.zikar.com



ٽيون دفعو عرض ڪيو تہ سائين ريل گاڏي ڇٽڻ واري آهي دستار مبارڪ ناهي ٻڌو، تہ پاڻ جواب ۾ فرمايائون 'جنهن ڪي منهنجي شڪل ۽ صورت نتي وڻي تہ اهو ڪٿي نہ ڏسي'.

انهيءَ مجلس ۾ حضرت پير منارحمة الله جو ياءُ مولانا مولوي عبدالستار صاحب (جيڪو پڻ حضرت پير قريشي صاحب جن جو صحبت يافتہ ۽ عامل باعمل انسان هيو) بہ ويٺو هيو، جنهن پڻ حضرت پير قريشي صاحب جن جي سادگي جو هڪ واقعو ٻڌايو تہ هڪ دفعي عظيم الشان اجتماع هجي. هزارن جي تعداد ۾ مخلوق گڏ هجي. صدر مجلس حضرت پير قريشي صاحب جن هجن ۽ پهريون خطاب عطاء الله شاه بخاري جو هجي. اتفاقًا حضرت صاحب جن جي اک جي متان ڪنهن جيت چڪ وڌو ۽ سندن اک مبارڪ تي ورم (سوڄ) ظاهر ٿي پيو، پر وري بہ حضرت جن انهيءَ مجلس ۾ جلوه افروز ٿيا. ورم ظاهر هيو پر پاڻ منهن مبارڪ جي انهيءَ پاسي کو ڪپڙو بہ نہ ڏنائون. مولانا عطاء الله شاه بخاري جلسہ گاه ۾ اچڻ سان حضرت پير قريشي صاحب جن جي صدارت جو معلوم ڪري سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ انتهائي ادب ۽ تعظيم سان مليو.

اهو ٻڌي حضرت پير منا قدس سرہ ارشاد فرمايو، عطاء الله شاه صاحب ٻئي طريقي جو هيو، پر حضرت پير قريشي صاحب ۽ سندن جماعت جي ڏاڍي تعظيم ڪندو هيو.

## هڪ صاحب جي جذبہ تي ڪاوڙ

هڪ عالم اسان (حضرت پير منا رحمة الله) جو اڳي جو سنگتي هيو. هڪ ڀيري اسان ان کي دعوت ڏئي آندو. جنهن وقت تقرير شروع ڪيائين تہ هڪ فقير کان الله جي ضرب نڪري وئي تہ انهيءَ تي اهو ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو توهان بدتهذيب آهيو، آئون چوندو هوس تہ اها جماعت

www.zikar.com



تهذيب ۽ ادب واري آهي، پر اصل ادب کونہ اٿوَ جو تقرير ۾ گوڙ ٿا ڪيو... هن فقير کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي پر ڪجھ بہ نہ چيومانس ڇوتہ دعوت ڏئي وٺي آيا هياسون. پوءِ تہ بنا دعوت جي بہ ايندو هيو، پر ان کي تقرير لاءِ نہ چوندا هياسون. پوءِ بيٺ کي چوندو هيو تہ هن فقير (حضرت پير مٺا رحمة الله) جي مون تي رنجش آهي. آخرڪار اهو پاڻ طريقہ عاليہ ۾ بيعت ٿيو.

## سوال جواب کان بيزاري

ڪمال ديري واري مولوي غلام محمد صاحب جو ڏوهٽو عبيدالله نالي، هڪ مولوي صاحب وٽ پڙهندو هيو ۽ اهو مولوي صاحب ڪمال ديري واري مولوي صاحب جو شاگرد بہ هيو. هڪ ڀيري عبيدالله هن فقير ڏي خط لکيو تہ مون کي جذبو ٿئي ٿو تہ استاد صاحب جذبي تي ملامت ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ نقشبندي طريقي ۾ جذبو آهي ئي ڪونہ ۽ چوي ٿو تہ اسان بہ نقشبندي آهيون ۽ منهنجو پير بہ نقشبندي آهي، پر ان وٽ جذبو ڪونہ آهي، لهٰذا توهان مکر ٿا ڪريو. هن فقير (پير مٺا سائين) ان کي خط جو جواب ڪونہ ڏنو. هن فقير جي اصل کان اها عادت رهي آهي جو سوالن جوابن کان بيزار هوندو آهيان. انهيءَ طرف توجہ نہ اڳي هيو نہ هاڻي آهي. باقي معترضن کي پاڻ پيران ڪبار ڄاڻن، هي فقير تہ رڳو نياپو پهچائڻ وارو آهي. بهرحال ان وري ٻيو خط لکيو، ان جو بہ جواب نہ ڏنم. پر جڏهن ٽيون خط مليو تہ پوءِ بي اختيار ٿي ڪري خط جو جواب لکيم تہ ڀلهرين ڳالھ تہ جذبي تي ڪو اعتراض ڪري تہ تون ڪو خيال نہ ڪر جو تنهنجو نانو جيڪو وڏو عالم بہ هيو جذبي جو قائل هيو.

www.zikar.com



# مولانا غلام محمد صاحب

مولوي غلام محمد صاحب رياست خيرپور جو وڏو عالم باعمل هيو. هڪ دفعي ان اتي بيهي تقرير ڪئي ته آئون ننڍي هوندي ڪنڊيار وارن بزرگن جو دست بيعت ٿيل هوس ۽ علم پڙهندو هوس جو ڪنهن ماڻهو صلاح ڏني هئي ته اول تون علم پڙهي پورو ڪر، پوءِ وڃي پير جي خدمت ۾ رهه. آخرڪار آئون جڏهن علم پڙهي فارغ ٿيس ۽ علم به ٽڪڙ ۾ پڙهيس، پر جڏهن تياري ڪري مرشدن ڪريمن ڏانهن ويس ٿي، خبر پئي ته بزرگ وفات ڪري ويو آهي. پوءِ ته ڏاڍا هٿ هنيم ته جيڪر وڌيڪ علم نه پڙهان ها ۽ ڪجهه وقت پير جي صحبت ۾ گذاريان ها، جو فرضي علم جي ته ڄاڻ هئي، اهو ڪافي هيو. (بزرگ ٻڌايو ته منهنجي عمر هن وقت هڪ سو ڏهه سال آهي.) پوءِ ته ساري عمر الله وارن کي ڳوليندو رهيس پر اها صورت ۽ نقشو ڪٿي به هٿ نه آيو (جنهن جي تلاش ۾ هيس). الحمدلله پڇاڙي عمر ۾ اهو مطلب پورو ٿيو جو ساڳيو نقشو ۽ ساڳي صورت (حضرت پير مٺا رحمة الله جي صورت ۾) ڏٺم.

مولوي غلام محمد صاحب ڪمال ديري واري ڳالهه ڪئي ته هڪ ڀيري ڪنڊيار وارا بزرگ جماعت سميت اچي هڪ واهه جي پل تان لنگهيا ته پاڻي جي آواز ۽ ڏڪڪي (پل وٽ عمومًا پاڻي جو وهڪرو تيز ۽ ڪڙڪيدار ٿيندو آهي) تي جماعت ۾ جذبو پيدا ٿيو، ايتري قدر جو پنجويهه ڄڻن هڪ ٻئي جي پنيان ڪيڙن سوڌو پاڻي ۾ ٽپو ڏنو، ۽ پاڻ بزرگ گهوڙي تي سوار اتي بيٺا رهيا. (حضرت پير مٺارحمة الله وڌيڪ فرمايو) انهيءَ زماني ۾ اسان جي جماعت ۾ جذبو ڏاڍو هيو. مولوي صاحب جذبي وارن فقيرن کي چميون ڏيندو وتي ۽ هر هڪ ڪان نالو پڇندو وتي. نيٺ جڏهن عبدالله شاه جو وارو آيو، جڏهن ان پنهنجو نالو ٻڌايو ته مولوي صاحب چيس ته تون اهو آهين جيڪو هتي ماستر آهين ۽ ٻار پڙهائيندو آهين. اڙي

www.zikar.com



عبدالله شاه تو اسان کي اڳي نئي ٻڌايو؟ تون دوست تي کري اها ڳالھ (حضرت پير منا رحمة الله جي فيوض و برکات ۽ سنڌ ۾ آمد واري) نہ کئي سو تو ڏي اسان جي ميار آهي. پوءِ مولوي (غلام محمد) صاحب پنهنجي اولاد ۽ اهل خانہ سيني کي ذکر ونرايو ۽ پوءِ خلاصو تي اکيلائي ۾ چيائين تہ بيعت ثاني جائز آهي؟ هن فقير (حضرت پير منارحمة الله) چيس تہ جائز آهي، باقي کتابن جا حوالا، سو فقير ڳوٺ وڃي توهان کي لکي موکليندو. پوءِ ڳوٺ وڃي کتابن جا حوالا گڏ کيم تہ عبدالله شاه آيو ۽ چيائين تہ مولوي صاحب کي تسلي ٿي وئي آهي، سو حوالن جي کا ضرورت نہ آهي، مهرباني کري دعوت قبول فرمايو، مولوي غلام محمد صاحب هن وقت مريد ٿيڻ لاءِ تيار آهي. هن فقير جي اڳي ئي سنڌ ڏي تياري هئي (ان زماني ۾ پاڻ عاشق آباد شريف پنجاب ۾ رهندا هيا)، اڳ ۾ مولوي صاحب جي دعوت ورتم. جڏهن اسٽيشن تي اچي لٿاسين تہ مولوي صاحب جو فرزند نالي عنايت الله ٽانگو کاهي آيو. ٽانگي تي چڙهي آيس پئي تہ واٽ تي ميان عنايت الله ڳالھ کئي تہ بابو سائين وفات کري ويو آهي. بهرحال هاڻي مولوي صاحب مريد ٿيڻ جنهن ايتري کوشش کئي (پوءِ کڏي بيعت ٿيڻ جو موقعو نہ مليس)، جيئن کو ماڻهو حج جو ارادو کري گهران نکري ۽ واٽ تي وفات کري وڃي تہ ان کي حج جو ثواب ملندو.

ڳالھ پئي هلي مولوي صاحب جي خط جي،ہي ڳالھ تہ انهيءَ کان بعد مولوي صاحب معترض ڏانهن مکتوبات جي عبارت ولولہ عشق وطنطنہ محبت واري لکي موکلي

وجد و رقص در مقام ظلال پیدا می شود

(يعني عشق ولولہ ۽ محبت غلبہ وجد ۽رقص تمام ظلال (يعني ابتدا ۾) پيدا ٿيندا آهن لکي موکلي.

www.zikar.com



۽ هي تہ هن طريقہ ۾ پهريائين توحيد وجودي آهي ۽ پوءِ شهودي. خط ۾ اهو بہ لکيم تہ جذبي جو ثبوت ٻين ڪتابن ۾ بہ موجود آهي، باقي هن مولوي صاحب ۽ سندس پير صاحب کي جذبو نہ ٿيو تہ پنهنجي قسمت کي چوي. پوءِ جنهن وقت عبيدالله اهو خط پنهنجي استاد مولوي صاحب آڏو رکيو تہ سمورو خط پڙهيائين ۽ چپ ڪري اٿي گهر هليو ويو ۽ مڪتوبات شريف جو اهو جلد ڪڍي آيو جنهن جو حوالہ ڏنل هيو. پوءِ عبيدالله جي سامهون جو کوليائين تہ اها ساڳي عبارت نڪتي. عبارت پڙهي اچي شاگرد تي ڪاوڙيو تہ تو وري مون تي چغلي هنئي آهي. مون وٽ جيڪو بہ پڙهي پڳ ٻڌي ويو آهي اهو وڙهيو آهي، تون تہ اڃا ئي وڙهين ٿو... نمڪ حلال ناهين. شاگرد جواب ڏنس تہ سائين مون مسئلو پڇيو آهي، ٻي چغلي ڪهڙي هنئي آهي. اهو سمورو احوال عبيدالله خط رستي مون ڏي لکي موڪليو. بعد ۾ سندس استاد صاحب بہ خط لکيو تہ مهرباني ڪري ڪاوڙ نہ ڪجو، مون کي اڃا ئي ٻيا درد گهڻا آهن مهرباني فرمائي معاف فرمائيندا، مان الله وارن جو مخالف نہ آهيان. هن فقير پهرين خط جو جواب نہ ڏنو. وري ٻيو خط لکيائين، پوءِ جواب لکيومانس تہ عاجز توهان تي رنج نہ آهي، ڪو فڪر نہ ڪندا. مولوي غلام محمد صاحب ڪمالديري وارو ۽ ميان محمد صديق شهداد ڪوٽ وارو ٻئي هڪ پير جا مريد هيا. جنهن وقت ميان عبدالحليم شهداد ڪوٽي اسان جي دعوت ڪئي ۽ اتي وياسين تہ اسان هڪ حال واري فقير کي (جيڪو قبر وارن بزرگن جا احوال معلوم ڪري سگهندو هيو) بزرگ جي مقبره مٿان حال احوال وٺڻ واسطي ويهاريو.

www.zikar.com

# پير مٺا سائينءَ جي هڪ خليفي جا سترهن هزار مريد

(ان موقعي تي حضرت پير مٺارحمة الله وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمايو) شهداد ڪوٽ ۾ بزرگ انهيءَ جي ڪري ايتري ڪوشش ڪري پيو جو (مولانا خليفه) عبدالحليم سندن گادي نشين اڳي اسان کي دعوت ڏيندو هيو ته هڪ ماڻهو به ڪونه هوندو هوس، ۽ هاڻي هن فقير ڪان خلافت ملڻ بعد (ايتري قدر ته ان ڏي ماڻهو متوجه ٿيا آهن) هڪ ڀيري فقيرن جي شمار ڪرڻ جو خيال ٿيو ته عبدالحليم بڪ ۾ انگ اکر ڏيکاريا ته صرف سنڌ جا ماڻهو سترهن هزار جي تعداد ۾ طريقه عاليه ۾ داخل ٿيل هيا. خراسان، قلات، بلوچستان وغيره ته ان ڪان علاوه آهن. ڀهرين دفعي جو قلات ويو ته پنج سو ماڻهو طريقه عاليه ۾ داخل ٿيا، ٻئي ڀيري ويو ته واليءَ قلات ۽ لسٻيله سندس بيعت ٿيو. عبدالحليم محبت وارو ماڻهو آهي، سفر جو احوال جلدي جلدي موڪليندو آهي.

# مولوي عبدالرحمٰن ڪوسوءَ جذبو

هڪ ڀيري هي فقير پڊعيدن اسٽيشن تي ريل گاڏي لاءِ ترسيل هجي، هن فقير کي ننڊ هئي. ماستر بخش علي جو هڪ مائٽ نالي مولوي عبدالرحمٰن جيڪو سرهندي بزرگن جو مريد آهي، آيو ۽ اتي موجود فقيرن کي چيائين ته هن فقير (حضرت پير مٺارحمة الله) کي اٿاريو جو مون کي ڪا ڳالهه پڇڻي آهي. فقيرن ته نه اٿاريو، مولوي صاحب ڏاڍو ڪاوڙيو. پوءِ جنهن وقت ريل گاڏي آئي ته فقيرن اٿاريو. مولوي صاحب اچي مليو پر ڪاوڙيل پيو لڳي. احوال ڏنائين ته مون پنهنجي مرشد سرهندي بزرگ ڪان پڇيو ته هي فقير (پير مٺارحمة الله) سنڌ

www.zikar.com



۾ آيو آهي، سندس جماعت ۾ جذبي جي ڏمال چوکڙي لڳي پئي آهي، ماڻهن کي وينو نچائي، سو جذبو اسان جي طريقي ۽ ڪتابن مان ثابت آهي يا نه؟ ته پاڻ جواب ڏنائون ته (نه، انهيءَ قسم جو) جذبو ثابت نه آهي، باقي اکيون ٻوٽجي وينديون آهن، يعني استغراق ٿيندو آهي. پوءِ جواب ۾ هن فقير مولوي صاحب کي چيو، ڇا توهان کي مڪتوبات حضرت امام رباني رحمة الله عليه تي يقين آهي؟ چيائين ته ها، اهو معتبر ڪتاب آهي، انهيءَ تي يقين آهي. پوءِ مون چيو ڀلا انهيءَ ۾ جذبي جو ثبوت هجي ته پوءِ ٻئي دليل جي گهرج رهندي؟ چيائين نه، بس اهو هڪ دليل ئي ڪافي، پوءِ ڪنهن ٻئي دليل جي ضرورت نه آهي، پوءِ هن فقير مڪتوبات شريف جي ولوله... واري عبارت پڙهي ٻڌائي ته مولوي صاحب حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چيائين ته اها عبارت مڪتوبات ۾ آهي ته پوءِ ٻئي ڪنهن دليل جي گهرج نه آهي. ان ڪان پوءِ وري اهو مولوي صاحب نه مليو (ياد رهي ته اهو مولوي صاحب بعد ۾ پير منا سائين عليه الرحمه جو عقيدت مند ٿيو، فقه ۽ فتوىٰ خاص ڪري ميراث جي فن ۾ ماهر هيو، پيريءَ جي زماني ۾ به حضرت پير سهڻا سائين قدس سرّه جي خدمت ۾ الله آباد شريف ايندو هيو، راقم الحروف کي ياد آهي ته حضرت صاحب قدس سرّه جن مولوي عبدالرحمٰن صاحب جو گهڻو خيال رکندا هيا).

## نقشبندي طريقي جو دوڪان

تاريخ 7 ماه جمادي الثاني 1380ھ آچر ڏينهن صبح جو تقرير ڪندي جو ڪجھ فرمايائون، ان مان چند چونڊ ڳالهيون لکجن ٿيون.

فرمايائون: هن (روحاني) دوڪان تي اها شيءِ ملي ٿي (خدا جو قرب، رسول الله ﷺ جي سنتن جي تابعداري) جيڪا ما سلف (گذريل زماني جي) بزرگن وٽ ملندي هئي. هن جو مثال

www.zikar.com



ائين آهي، جيئن هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ پڳل هٽڙي هجي، ۽ ان جو رابطو ڪراچي وارن وڏن دوڪانن سان هجي. جيڪو ڪپڙو ڪراچي مان ملي اهو ساڳيو ڪپڙو انهيءَ پڳل هٽڙي تان ملي ۽ انهيءَ هٽڙي جو مالڪ ۽ هلائيندڙ ڪوجهي شڪل وارو ۽ رنگ جو ڪارو هجي، ڇا پوءِ توهان ان ڪان ڪپڙو وٺندؤ يا نه؟ ضرور وٺندؤ ۽ انهيءَ دوڪاندار جي صورت ڏانهن نه ڏسندؤ، ڇو ته ڪراچي وارو ڪپڙو هتي ئي ملي پيو.

اهڙي طرح هيءَ فقير به (روحانيت جي) پڳل هٽڙي کولي ويٺو آهي، شڪل ۽ صورت جو سادو ۽ ڪوجهو آهي، مگر سامان (فيوض و برڪات) هتي اڳين بزرگن وارو آهي. ۽ آهي به اٽڪت جو جيترو به وٺو ملي ويندو جو منهنجو پير (قريشي صاحب) ضلع مظفر ڳڙھ پنجاب مان پيو موڪلي. منهنجو پير حيات آهي ۽ هر وقت هن فقير سان گڏ آهي.

## هاڻي هن طريقي جو وارو آهي

هن وقت هيءَ هٽڙي ڪليل آهي، جڏهن ته ٻيا دروازا بند لڳا پيا آهن ۽ انهن کي قلف لڳل آهن. هاڻي هن طريقي جو وارو آهي، ڪنهن کي ٻيو اهڙو در سجهي ته اتي ٻيهي ٻڌائي. فقير ته پنهنجي ڳالھ دعوىٰ سان ڪري پيو ٻڌائي جو هي فقير توهان ڪان زياده سنڌ ۽ پنجاب جو واقف آهي. هتي ته سيني ملڪن جا ماڻهو اچن پيا. هڪ شخص ته پندرهن سال سارو ملڪ گهمي ڦري هتي پهتو آهي.

برابر اڳي وڏيون گاديون هيون ۽ اتي وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن، پر اڄ انهن جي درگاهن تي "ڏي بابا ڏي" لڳي پئي آهي.

ياد رکو، جيڪڏهن ڪو نيڪ، حاجي، قاري يا مولانا به هجي، پر جيڪڏهن ان جي دل ۾ طمع آهي ته اهو هرگز پيريءَ جي لائق نه آهي، اهو رهزن ۽ مڪار آهي جيڪو سهڻي شڪل صورت بنائي خدا جي خلق کي دوکو ڏئي پيو، اهڙي شخص ڪان پري ڀڄو.

www.zikar.com



## جامع مسجد رحمت پور شريف

اڄ ھي مسجد شريف دعوئ سان چئي رھي آھي تہ آئون ئي اھا مسجد آھيان جو مون لاءِ الله پاڪ کان سواءِ ڪنھن ٻي جي آڏو ھٿ ڊگھو نہ ٿيو آھي. ھن مسجد جو بنياد توڪل تي رکيو ويو ۽ انتھا بہ توڪل تي ٿي آھي. ۽ زبان حال سان ٻي ھڪ دعوئ بہ ڪري ٿي تہ منھنجا جماعتي بہ اھڙا آھن جو اڄ ساري دنيا ۾ ڪونہ آھن. ھن مسجد جا جماعتي يعني ڳوٺ وارا سڀ مرد بلڪہ ڳوٺ جون عورتون پنج وقتي نماز کان علاوه تھجد بہ پڙھندا آھن. حقو، نشو ۽ ٻيو بہ ڪو غير شرعي ڪم نہ ڪندا آھن. شادي غمي شريعت موافق ڪندا آھن. ميت جي ميراث شريعت مطابق ورھائيندا آھن. نياڻين کي حق ڏيندا آھن. ھتي اھڙا ٻاھتر (72) گھر آھن، توھان اھڙا ڏھ گھر ڏيکاريو جيڪي انھن صفتن سان موصوف ھجن. شام، روم، ايران، چين، سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڳوليو، جاچ ڪريو، توھان کي موڪل آھي. متان چئو تہ ھي فقير ائين (فقط دعوئ ڪرڻ وارو) آھي. ھتي تولا ۽ ماسا ترن تا (شريعت جي معاملي ۾ ڪا رعايت نہ ٿي ڪئي وڃي). آئون پير قريشي رحمۃالله جو موڪليل آھيان.

## پير ڪامل جي نشاني

تاريخ 8 ماه جمادي الثاني 1380ھ سومر ڏينھن تقرير ڪندي ارشاد فرمايائون:

لوھر ڏي ان لاءِ وڃبو آھي تہ ان کان ڪو لوھ جو اوزار (ڪوڏر، ڏاٽو وغيره) ٺھرائجي ۽ سوناري وٽ ڪو زيور ٺھرائڻ لاءِ وڃبو آھي، ۽ ڊکڻ ان لاءِ آھي تہ ڪاٺيءَ مان ڪا شيءِ ٺاھي تيار ڪري ڪم لائق بنائي ڏئي ۽ اوساريءَ جو ڪاريگر (رازو) جاءِ تيار ڪري ڏيندو آھي.

www.zikar.com



هاڻي ٻڌايو ته پير ڇاجي لاءِ آهي، ڪهڙي مقصد لاءِ پير ورتو آهي، پير ڪهڙي مدد ڪندو آهي؟ (فقيرن ادب جي پيش نظر ڪو جواب نه ڏنو ۽ خاموش رهيا. پوءِ پاڻ وڏيڪ ارشاد فرمايائون) توهان به رسمي پيرن جا منتوريل (ستايل) آهيو، تنهن ڪري جواب ڪونه ٿا ڏيو. شايد توهان ائين سمجهندا آهيو ته پير، دوست، يار، محبوب يا رنل زال پرچائي ڏيڻ لاءِ هوندو آهي ۽ پٽ، مال وٺي ڏيندو آهي. انهيءَ موقعي تي مجلس ۾ ويٺل هڪ پنجابي جواب ڏنو ته سائين پير ان لاءِ ورتو آهي ته شريعت پاڪ تي هلائي، ۽ ان جي صحبت ۾ ويهڻ سان نيڪ عمل ڪرڻ جي طاقت پيدا ٿئي. اهو ٻڌي ارشاد فرمايائون: ڏسو هن حافظ صاحب نيڪ ۽ صحيح جواب ڏنو آهي، هيءَ فقير اچا ان جو شرح بيان تو ڪري. پير انهيءَ لاءِ ورتو آهي ته جيڪڏهن اڳ ۾ ايمان ضعيف هيو ۽ انهيءَ جي زوال يعني وڃڻ جو خطرو هيو، پوءِ پير جي مدد سان اهو رجسٽرڊ ۽ پڪو ٿي وڃي اهو هن طرح يا ته اصل ۾ ايمان ڪونه هيس ۽ ڪفر ۾ پيل هيو، پير وٽان ان کي ايمان جي دولت ملي، يا اڳي مومن هيو پر اوجهڙ ۾ پيل هيو، پير ان کي سڌي واٽ وٺرائي ۽ روڊ تي آڻي بيهاريو، جو اڳي دوزخ جي واٽ وٺيو پي ويو، پير انهيءَ کي سڌي واٽ بهشت واري وٺرائي (نيڪ اعمال طرف راغب ڪيو). يا اڳي الله پاڪ جي محبت ڪان واقف به نه هيو، پير انهيءَ کي ان اعليٰ مقصود تائين پهچايو. مريد ٿيڻ ڪان اڳي شريعت ڪان صفا اوپرو هيو، پوءِ پير ان کي شريعت جو سونهون بنايو. اڳي باطن جي هزارن مرضن ۽ دردن ۾ گرفتار هيو پير هن کي انهن مرضن ڪان ڇڏايو... هاڻي جيڪڏهن توکي اهڙو پير ملي وڃي ۽ هٿ اچي ته ان لاءِ حضرت پيران پير سيدنا حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله فرمايو آهي ته انهيءَ تان، جان جيڪا سڀ شيءِ کان پياري آهي، قربان ڪر، ۽ انهيءَ جي فرمان جو تابع رهه ۽ ان جي صحبت کي غنيمت سمجهه. جيڪڏهن توکي

www.zikar.com


اهڙي پير جي محبت حاصل ٿي آهي ۽ تون ان جي تابع فرمان ۽ ان ۾ فاني آهين تہ وارو ۽ همت ڪر، ان کي نہ ڇڏ. توکي الله پاڪ ۽ رسول ڪريم ﷺ اتان ملندو. بيت

گر تو ذاتِ پیر را کردی قبول    هم خدا در ذاتش آمد، هم رسول

يعني: جيڪڏهن تون پير ڪامل جي ذات ۾ فاني ٿي وئين تہ الله تبارڪ و تعالىٰ ۽ رسول ڪريم ﷺ ان وٽان ئي توکي حاصل ٿي ويندا. عالم ٿيڻ حافظ يا قاري ٿيڻ ۽ ورق گرداني مان هرگز حاصل نہ ٿيندا. بيت

صد کتاب و صد ورق در نار کن    روئے دل را جانبِ دلدار کن

يعني سو ڪتاب ۽ سو پنا ڪٺي پاڻي ۾ وجهہ، پنهنجي دل جو رخ دلدار يعني محبوب حقيقي جي طرف ڪر.

## آداب شيخ

تاريخ 12 جي شام جو تقرير ڪندي فرمايائون: حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليہ جن فرمايو آهي تہ "در طریقہ ما محرومی نیست"، يعني هن طريقہ ۾ محرومي اصل نہ آهي، بشرطيڪ جيڪي هن طريقي جا آداب آهن سالڪ انهن کان ٻاهر نہ وڃي. اهي هي آهن:

- شريعت جي ڪمن کان روگرداني نہ ڪري، اٿڻ ويهڻ سڀ شريعت جي مطابق ڪري.
- پير جي مخالف سان دوستي نہ رکي ۽ حرام حلال جو ڇمڇو نہ ٻڌجي.
- پير جي حضور ۾ ادب سان ويهي، ٻئي طرف نہ واجهائي.
- رابطو ڳنڍي، پير ۾ فنائيت حاصل ڪري، پير جو تصور پچائي ۽ رابطي کي تمام مضبوط ڪري. ان لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪري، ڪوشش سان ئي هر مقصد حاصل ٿئي ٿو، جيئن الله پاڪ فرمايو آهي:

www.zikar.com



وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (سورة عنكبوت)

يعني جيڪو شخص اسان جي راھ ۾ ڪوشش ڪندو اسان ضرور ضرور ان کي پنھنجي راھ تي ھلڻ ۾ ڪامياب ڪنداسين. اھڙو سوال ۽ اھڙي ڪوشش الله تبارڪ و تعالىٰ رد ڪونہ ڪندو بلڪ ضرور قبول فرمائيندو.

## خدمت پير

تاريخ 13 شام خدمت بہ نسبت تقرير فرمايائون، انھيءَ ۾ الفاظ مبارڪ ھي ھيا:

الله وارن جي دروازي تي حاضر تي جنھن شخص بہ اخلاص سان لنگر جي خدمت ڪئي سو ضرور مخدوم بڻيو. جيڪي بہ اڳي وڏا وڏا اولياءالله تي گذريا آھن تن پنھنجن مرشدن ڪريمن جي خدمت ڪئي ۽ متن سر قربان ڪيائون، ۽ جيڪو بہ ولي الله جي خدمت ۾ خود مختيار تي ھليو سو محروم رھيو.

ھي فقير توڙي جو نازڪ بدن ھيو تہ بہ ايترو احساس ضرور ڏيندو ھيو جو جنھن وقت لنگر جو ڪو ڏکيو ۽ سخت ڪم ھوندو ھيو جھڙو ھر ڪاھڻ يا لاھ ڪڍڻ تہ چوندو ھيس تہ جيڪر ڪم ۾ ڪٽي سر ڏيان، جيستائين ساھ سريءَ ۾ آھي، پوءِ ڪم جو ڍنگ اچي يا نہ اچي. مطلب تہ جيڪڏھن ڪو ڪم تمام ڏکيو ھوندو ھيو ۽ ڪري نہ سگھندو ھوس تہ دل ۾ افسوس ڏاڍو ڏيندو ھيو ۽ دل ۾ چوندو ھوس تہ جيڪر ڪڙمي (ھاري) ھجان ھا.

ھڪ ڀيري منھنجا پير قيوم الزمان، نار جي لوٽن ٻڌڻ واسطي نوڙي وٺن پيا ۽ ھڪ فقير نوڙيءَ کي وٺي پيو. پوءِ منھنجي دل کي ڏاڍو صدمو پھتو ۽ خيال ٿيو تہ ھاڻي ڇا ڪيان جو نوڙي وٺڻ سڪيل ناھيان. افسوس جو پير پاڻ پيو

www.zikar.com



نوڙي ناهي، جيڪر سڪيل هجان ها ته پير ڪان نوڙي وٺي ناهيان ها. ۽ هُن فقير ڏانهن ويندس ۽ چوندومانس ته مون کي ڏي ته آئون وٽ ڏيان ته نه ڏيندو. پوءِ انهيءَ سوداء دل کي ڏاڍو پڪڙيو. پوءِ اوچتو خيال ٿيو ته پير کي نوڙي جي ڏائين (ڪٽيل مچ ٽورو ٽورو ڪري) ناهي ڏيان. پوءِ هوريان هوريان وڃي پاسي کان ويهي ڏائين ڪڍي حضور قبلہ عالم عليه الرحمة کي ڏنم، پاڻ اها مون کان وٺي فرمايائون توهان تڪليف نه ڪيو متان سُئا لڳنوَ. پوءِ ته ويتر شرمندو ٿيس ۽ دل ۾ چيم ته اي منهنجا مرشد توهان قيوم الزمان ۽ نازڪ بدن، توهان کي سُئا نتا لڳن باقي منهنجو قياس ٽا ڪريو.

ٻيو واقعو: هڪ ڀيري حضور قبلہ عالم جن هڪ واٽر ڪورس تان لنگهيا ٿي، جنهن تي هڪ ڪاني رکيل هئي ۽ ڪاني به سنهي هئي جنهن ڪري ڪين ٽيڪ ڏيڻ جي ضرورت هئي. ان ڪري عصا مبارڪ پاڻ پاڻيءَ ۾ وڌائون، پر پاڻي اونهو هيو جنهن ڪري ڪجهه توقف فرمايائون. ان مهل هن فقير دل ۾ خيال ڪيو ته جيستائين ڪپڙا لاهيندس حضرت صاحب جن کي دير ٿيندي، سو ڪپڙن سوڌو پاڻي ۾ ٽپو ڏيان. اهو سوچي مون ٽپو ڏنو، پر ٻئي طرف کان هڪ ٻي فقير اڳي پاڻي ۾ ٽپو ڏنو ۽ حضرت صاحب جن هن عاجز ڏي نهاري، هٿ هُن فقير جو پڪڙيو. دل ۾ چيم ته برابر منهنجي پير عدل ۽ انصاف کان ڪم ورتو جو هُن اڳ ۾ ٽپو ڏنو. اڃا تائين اهو سوداء رهندو آهي ته جيڪر آئون اڳ ۾ ٽپو ڏيان ها ۽ ڪپڙن لاهڻ جي باري ۾ نه سوچيان ها.

## خادم مان مخدوم

اهو شخص جيڪو ڪپڙن سوڌو پاڻي ۾ گهڙيو اڳ ۾ تارازي ڪٽي هٽ (دوڪان) هلائيندو هيو. پوءِ حضرت قبلہ عالم ان کي خلافت عطا فرمائي هندوستان ڏي موڪليو. هڪ

www.zikar.com



پيري اهو دوڪاندار (خليفو) ستر(70) مولوي صاحب حضور قبلھ عالم جن جي خدمت ۾ وٺي آيو. حضرت قبلھ عالم جن انهن مولوين مان بہ ڪن کي خلافت عطا فرمائي ۽ متفرق ملڪن ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو. اهو آهي نتيجو محبت ۽ خدمت جو.

## منشي کان فيض ملندو

مولوي نذير احمد صاحب ڳالهہ ڪئي تہ آئون طالب علمي واري وقت موسيٰ زئي شريف وڃي وڏي سائين حضرت خواجہ سراج الدين رحمۃالله جو بيعت ٿيس، پوءِ اچي علم پڙهيم ۽ ذڪر ڪونہ ڪمايم. آخر جنهن وقت علم پڙهي فارغ ٿيس تہ خبر پئم تہ حضرت صاحب جن وفات ڪري ويا آهن. پوءِ تہ ڏاڍو پشيمان ۽ پريشان ٿيس ۽ روئندي روئندي ننڊ وٺي وئي، تہ خواب ۾ حضرت سراج الدين صاحب رحمۃالله کي ڏٺم. پاڻ مون کي فرمايائون رو نہ، اسان جو منشي توکي فيض سان رنگيندو. پوءِ ڪجهہ ئي ڏينهن کان بعد حضرت پير قريشي صاحب جو نالو مشهور ٿي ويو ۽ سندن نور بلند ٿيو ۽ مخلوق جوق در جوق خدمت ۾ اچڻ لڳي. آئون بہ حضرت جن وٽ پهتس ۽ ذڪر پڇيم. ڪجهہ ڏينهن کان بعد سندن خدمت ۾ خواب وارو احوال عرض ڪيم. پوءِ پاڻ فرمايائون آئون حضرت سراج الدين صاحب رحمۃالله جن جا ڪتاب لکندو هوس انڪري پاڻ مون کي منشي سڏيندا هيا.

الغرض، پير جي صحبت ۾ محبت ۽ رابطي جي سخت ضرورت آهي، جو رابطي جي ذريعي ئي فيض حاصل ٿيندو آهي. حضرت پير قريشي صاحب محبوب الاهي رحمة الله عليہ فرمائيندا هيا تہ جماعت ۾ اهڙا بہ محبت وارا فقير آهن، جو اسان ڪن فقيرن کي توجہ ڏيون ٿا تہ اهي اسان جو ڌيان توجہ انهن کان زوري کسي ٿا وڃن. هي فقير پهرين اها ڳالهہ نہ

www.zikar.com



سمجهندو هيو. ادب جي ڪري حضرت صاحب جن ڪان به پڇي نه پيو سگهان. سوچيم ته ڪنهن ڪان اها اٽڪل پڇان. پر پوءِ جنهن وقت حضرت صاحب قلبي و روحي فداه جن خلافت عطا فرمائي ته اها ڳالهه ازخود حل ٿي وئي ۽ معلوم ٿيو جنهن کي پير سان محبت ۽ رابطو آهي، اهو انهيءَ محبت جي طاقت سان ٻئي کي ڏنل توجه ڪسي وجي ٿو، جهڙي طرح هيٺاهين زمين ۾ مٿاهين زمين وارو پاڻي ازخود لهي ايندو آهي.

## بي ادب مولوي وٽ ٻارن نه پڙهايو

سومهڻي جي فرض بعد فرمايائون: ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ اهڙو مولوي ويهاريو جيڪو الله وارن جو مخالف نه هجي، نه ته ان جي مخالفت جو اثر ٻارن تي پوندو ۽ ثواب ڪٽڻ بجاءِ اٽلندو نقصان ۽ عذاب پلئه پوندو. الله وارن جو مخالف وهابي مولوي نٿو سمجهي ته الله وارن جي محابي ئي مخلوق کي رزق ڏنو وجي ٿو ۽ انهن جي محابي مينهن وسايو وجي ٿو. حديث شريف ۾ آهي: "بِهِمْ يُمْطَرُونَ وَ بِهِم يُرْزَقُونَ". اهڙي ولي الله جو وجود مبارڪ هن جهان جي باقي رهڻ جو سبب هوندو آهي، ڪک به انهيءَ جي حڪم کان سوا نه چرندو آهي.

## علم غيب جو قرآن شريف مان ثبوت

الله وارن تي الهام ٿيندو آهي ۽ اهو قرآن ڪريم مان ثابت آهي، جو جنهن وقت حضرت موسیٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت خضر عليه السلام سان گڏجي ڪجهه سفر ڪيو ته حضرت خضر عليه السلام جا ڪجهه ڪم ڏسي نبي خدا حضرت موسیٰ عليه السلام حيران ٿي انهن جي باري ۾ دريافت ڪيو. حالانڪ حضرت خضر عليه السلام اهي ڪم الهام جي آڌار تي ڪيا هيا. نه ڪو تورات شريف ۾

www.zikar.com



انهن جو حڪم هيو جو انهيءَ تي عمل تي ڪيائون، نہ وري ڪو حضرت خضر عليه السلام تي ڪو نئون ڪتاب نازل ٿيو هيو جو ان مطابق عمل ڪري رهيو هيو.

فراق (جدا ٿيڻ) مهل حضرت خضر عليه السلام حضرت موسىٰ عليه السلام کي انهن رازن کان واقف ڪيو. حضرت موسىٰ عليه السلام جيڪو سوال ڪيو هيو تہ اسان کي هن شهر وارن ماني بہ نہ کارائي، توهان وري انهن جي ڀت بنا مزدوري جي تيار ڪري ڏني، ان جي جواب ۾ چيائين:

"وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِى الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا."

معنىٰ: پر ڀت ٻن ننڍن يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ انهيءَ ڀت هيٺان انهن (يتيمن) لاءِ خزانو پوريل هيو ۽ انهن جو پيءُ صالح هيو.

صالح مان مراد الله پاڪ جو دوست ۽ ولي الله آهي. هاڻي ولي جو شان ڏسو جو انهيءَ جي محابي، انهيءَ جي اولاد کي فائده پهچائڻ لاءِ حضرت خضر عليه السلام کي ڀت ٺاهي ڏيڻ جو حڪم ٿيو، اهو ڪلهن تي پاڻي کڻي ڀت پيو تيار ڪري.

هاڻي سڌيو ولين جي گستاخن کي تہ ڪمبخت تون ولين جي گلا ۽ شڪايت ٿو ڪرين، هوڏانهن الله وارن جو اهڙو شان آهي جو نبي (حضرت موسىٰ عليه السلام) کي حڪم ٿيو تہ انهيءَ (خضر عليه السلام) سان مدد ڪر ۽ ڀت تيار ڪري ڏيو.

## فقيرن کي تقوىٰ تي عمل ڪرڻ گهرجي

تاريخ 19 جمعي جي ڏينهن صبح جو حويلي مبارڪ ڏي تشريف فرما ٿي ويا. اٽڪل 9 وڳي خليفن سڳورن کي حويلي مبارڪ ڏي سڏ ٿيو، انهن ۾ هي عاجز (راوي خليفہ مفتي

www.zikar.com



عبدالرحمٰن صاحب) ۽ مولوي خدا بخش پنجاب وارو به هيو. گهرائڻ جو سبب هيءُ ٿيو جو خليفه عاشق محمد صاحب ۽ خليفه اميرالدين صاحب هڪ ٻڪري ڪٺي هئي، انهيءَ ٻڪري مان ٻارنهن ڪلو گوشت هڪ فقير وني لنگر ۾ ڏنو هيو. ٻڪري ڪراڙي هئي ۽ گوشت ۾ ڇيڇڙا به پيل هيا. حضور قبله عالمرحمةالله حاضر ٿيڻ تي مولوي خدا بخش صاحب ۽ هن عاجز ڏانهن مخاطب ٿي فرمايو:

هي مسئلو ٻڌايو ته ڪو شخص ڪنهن شيءِ ۾ اڌ تي اڌ کوٽ ملائي وڪڻي ته جائز آهي يا نه؟ مولوي خدا بخش صاحب ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو ته حضور قبله عالم جن علم جا مجسما آهن ۽ سڀ ڪجهه خبر اٿن. (جواب ۾) پاڻ فرمايائون: هن فقير ڪتاب پڙهي جو ڇڏيا ته وري ڪونه ڏٺا اٿم، مسئلو توهان ٻڌايو. ائين فرمائي پوءِ عجيب انداز ۾ مسئله به بيان فرمايائون ۽ نصيحت ڪندي فرمايائون ته حضرت امام اعظم‌رحمه‌الله جن ڪپڙي جو واپار ڪندا هيا. ڪپڙي جو هڪ ٿان جيڪو گهٽڻ ڏينهن جو پيل هيو ۽ هڪ هنڌ تان سڙيل هو. ان لاءِ غلام کي چئي ڇڏيو هيائون ته جڏهن به ڪو هي ڪپڙو خريد ڪري ته ان کي ڪپڙي جي عيب کان ضرور واقف ڪجانءِ. اتفاقًا غلام کان اها ڳالهه وسري وئي ۽ عيب ٻڌائڻ بغير ڪپڙو وڪڻي ڇڏيائين. جڏهن انهيءَ ڪپڙي بابت امام صاحب پڇا ڪئي ته خريدار کي ڪپڙي جي عيب کان واقف ڪيئي يا نه، ته غلام ادب سان عرض ڪيو مون کان ويسر ٿي وئي ۽ خريدار کي عيب نه ٻڌايم. بس ان ڳالهه جي ڪري حضرت امام اعظم سائين اهو سمورو دوڪان خدا جي راهه ۾ لُٽائي ڇڏيو. اهو ته آهي تقوىٰ جو مسئلو، باقي جيڪو شخص ڄاڻي واڻي کوٽ ٿو ڪري ته فقير جو آزموده آهي ته جلدي الله تبارڪ و تعالىٰ هن دنيا ۾ ئي ان کي خوار خراب ڪري ٿو، ان کي پڪڙ ٿئي ٿي ۽ نتيجو ڏسي ٿو.

www.zikar.com



# ادب ۽ محبت

ساڳي تاريخ تي ٽيپهري جي نماز پڙهي فارغ ٿيا ته قاري خير محمد صاحب اچي عرض ڪيو ته سائين جن اجازت فرمائين ته ذڪر وارن فقيرن جي خدمت ۾ هڪ عرض ڪيان. پاڻ اجازت عنايت فرمايائون. قاري صاحب چيو، ادا فقيرو! عرض هيءُ آهي ته جيڪو به شخص اعلیٰ منزل تي پهتو آهي ته ادب جي ڪري ئي پهتو آهي، بي ادبي جي ڪري طالب محروم رهي ٿو. سو هن دربار ۾ عشق ۽ ادب جي سخت ضرورت آهي. هي ڪپڙو جيڪو حضرت قبله عالم جن لاءِ رستي تي وڇايو وڃي ٿو، مون عام فقيرن کي ڏٺو آهي ته انهيءَ تان اورانگهي لنگهن ٿا، اهو ادب جي خلاف آهي. آئون جيڪڏهن ڪنهن وقت ويسر ۾ لنگهي ويندو آهيان ته دل کي چڻ ڦٽ ٿي پوندو آهي.

حضرت امام اعظم ابو حنيفهرحمةالله اها هستي آهن جو اڄ به ساري دنيا جي مسلمانن مان ٽي پتيون انهيءَ جي مذهب تي هلن ٿا. سندن هزارين شاگرد هيا، مگر انهن مان به اهي آهن جن جي روايت کي علماء گهڻو اعتماد وارو سمجهندا آهن. هڪ حضرت امام محمدرحمةالله ۽ ٻيو حضرت امام ابويوسفرحمةالله. اڪثر علماء انهن جي قول موافق فتویٰ ڏيندا آهن، جڏهن ته انهن جو ٽيون ساٿي حضرت امام زفررحمةالله به آهي، پر انهيءَ جي قول کي مفتي صاحبان ضعيف سمجهندا آهن ۽ ان جي فتویٰ تي گهٽ عمل ڪندا آهن، سو هن سبب جي ڪري جو حضرت امام اعظمؒ هڪ نهر تان وضو ڪندا هيا، هڪ ڀيري امام زفررحمةالله پنهنجي استاد امام اعظمرحمةالله جي وضو واري جاءِ جي مٿين پاسي کان وضو ڪيو. انهيءَ بي ادبي سبب سندن فتویٰ تي گهٽ اعتبار ڪيو وڃي ٿو، حالانڪه اها ڪا وڏي بي ادبي نه آهي.

www.zikar.com



حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ عشق ۽ محبت پچايو ۽ ادب ڪيو تہ اهڙي درجہ کي پهتو جو ڪوبہ انهيءَ درجہ کي نہ پهتو نہ پهچي سگهندو. حالانڪ ٻين اصحابن نفلي عبادتون گهڻيون ڪيون ۽ مجاهدا وغيره ڪيا.

## بي ادبي جو نتيجو

قاري صاحب بس ڪري وينو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: قاري صاحب سڀ سچ ۽ حق ڳالهايو آهي. پوءِ پاڻ وڌيڪ فرمايائون: اڳيان بزرگ بي ادبي جي ڪري مريدن کي جماعت مان ڪڍي ڇڏيندا هيا. هڪ بزرگ جي اڏو سندس مريد نازبوءِ جو پن پٽي، چپٽيءَ سان پي مهٽيو تہ بزرگ ڏسي فرمايو تون بي ادب آهين ۽ جماعت ۾ رهڻ جي لائق نہ آهين، جماعت مان نڪري وڃ. تو پنج گناه يا بي ادبيون ڪيون آهن. هڪ تہ بغير ضرورت پن پٽيو ۽ زيان ڪيو، ٻيو هيءَ تہ پن ذڪر پيو ڪري (جو سائو پن بہ ذڪر ڪندو آهي) تو ان کي ذڪر کان روڪيو، ٽيون هيءَ تہ تو پن کي نپوڙي اجلائي ڇڏيو، چوٿون هيءَ تہ تو اهو اجايو عمل ڪيو، پنجون هيءَ تہ منهنجي (شيخ جي) روبرو ايترن ڪمن (غلطين) جو مرتڪب ٿئين، تنهنڪري تون جماعت ۾ رهڻ جي لائق نہ آهين. ان بي ادبيءَ سبب بزرگ، انهيءَ مريد کي جماعت مان خارج ڪري ڇڏيو.

هاڻي چوڏهين صدي آهي، ماڻهن ۾ الله پاڪ جي طلب نہ رهي آهي. هڪ دفعي هڪ فقير حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جي روبرو ڳالهائي پيو ۽ تڏي جي پَڪي سان راند بہ پيو ڪري. پاڻ ڏسي فرمايائون: اهو ادب ڪٿان سکيو اٿئي.

باقي رهيو عشق ۽ محبت وارو ماڻهو، سو عاشق معذور هوندو آهي. انهيءَ کان بہ غلطي ٿي ويندي آهي پر اها معاف هوندي آهي.

www.zikar.com



# پير چمڻ يا هٿ لائڻ

حضرت پير قريشي صاحب قلبي و روحي فداه جن پيرين پوڻ ۾ چمي ڏيڻ کان منع فرمائيندا هيا. هڪ ڀيري هن عاجز (حضرت پير مٺا صاحب) کي حڪم فرمايائون ته هي مضمون ڪاغذ تي لکي مسجد شريف ۾ چسپان ڪر، انهيءَ ۾ لکيل هجي ته ڪوبه فقير حضرت صاحب جن کي پيرين نه پوي ۽ نه وري چمي ڏئي. هن فقير حڪم موجب اهو مضمون سهڻي طرح لکي مسجد شريف ۾ لڳايو. فقير اهو مضمون پڙهن به سهي، پر ساڳي طرح حضرت صاحب قبله عالم جن جي پيرن تي چميون پيا ڏين. هڪ ڀيري هڪ مولوي صاحب کي حڪم فرمايائون ته ماڻهن کي چئو ته صرف مصافحه ڪن، پيرن کي چمي نه ڏين ۽ پيرن تي هٿ به نه رکن. مولوي صاحب وڃي تقرير ڪري ماڻهن کي پير چمڻ کان منع ڪئي پر جنهن وقت حضرت قبله عالم جن جي خدمت اقدس ۾ پهتو ته حضرت جن جي پيرن تي پهريان پاڻ چمي ڏئي عرض ڪيائين ته قبله حسب فرمان آئون پيغام پهچائي آيو آهيان، باقي هن فقير کي چمي ڏيڻ کان نه روڪيندا ڪيو.

جو حديث[1] شريف ۾ چميءَ جو ثبوت آيل آهي. هيءَ فقير به هتي (رحمت پور شريف ۾) فقيرن کي جهليندو آهي ته چمي نه

---

[1] حدثنا موسیٰ بن اسمٰعيل قال حدثنا مطر بن عبدالرحمٰن الاعنق قال حدثني امراة من ضباح عبدالقيس يقال لها ام ربان ابنة الوازع جدها ان جدها الوازع بن عامر قال قدمنا فقيل ذاک رسول الله ﷺ فاخذنا بيده ورجليه فقلبها (ادب المفرد صفحه 436 امام بخاري)

1. حدثنا عبدالرحمٰن بن المبارک قال حدثنا سفيان بن حبيب قال حدثنا شعبة قال حدثنا عمرو عن ذکوان عن صهيب قال رايت عليا بقبر يدالعباس ورجليه. (الدب مفرد صفحه 437)
2. حضرت وزاع بن عامر چيو ته اسين رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا سين ته اهي رسول اڪرم ﷺ جن آهن. پوءِ اسان حضوراڪرم ﷺ جن جا هٿ پير چمڻ لڳاسين.
3. حضرت صهيب رضي الله عنه فرمائي ٿو ته مون حضرت علي المرتضیٰ رضي الله عنه کي ڏٺو ته حضرت عباس رضي الله تعالیٰ عنه جا پير چمي رهيا هئا.

www.zikar.com



ڏيو، صرف مصافحه ڪيو ۽ اهڙو ڪاغذ لکي مسجد شريف ۾ چسپان به ڪيوسين، پر فقير ان جو خيال ڪونه ٿا ڪن.

ٻيو چوڻ هوندو اٿن ته فرض نماز کان بعد ڪو به عرض معروض نه ڪري، سنتن ۾ مشغول ٿي وڃي. ڇو جو عرض معروض ڪرڻ سان سنتن جي ادا ڪرڻ ۾ دير ٿئي ٿي. پر فقير اچا فرض پورو مس ٿو ڪري ته ماٿهو اڳيان ويٺا آهن. نوان ته نهيو پر پراڻا به خيال نٿا ڪن. ادب جو مدار محبت تي آهي، محبت ئي ادب سيکاريندي آهي، جنهن کي ادب نه آهي سمجهو محبت کان خالي آهي.

حضرت پير قريشي صاحب فرمايو ته هڪ دفعه اسان عورتن کي ذڪر سمجهايو، پوءِ جنهن وقت اهي اٿي ويون ته انهن ۾ هڪ ڇوڪري ننڍڙي هئي، پوئين پير پٺ پئي ڪري. جيستائين نظر تي پئي ان پٺي نه ڪئي. فرمايائون ته مون ان ڏانهن ڏسي عبرت ورتي ته هن ننڍڙي ڇوڪريءَ کي اهو ادب ڪنهن سيکاريو. سو اها محبت ئي آهي. سيني حنفي مذهب وارن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته هن امت ۾ سيني کان وڌيڪ مرتبي ۽ فضيلت وارو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي، انهيءَ کان بعد حضرت عمر فاروق رضي الله عنه. جيڪو اهو عقيدو نه رکندو اهو حنفي نه آهي، ٻي ڪا بلا آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اهو مرتبو محبت ۽ ادب سان حاصل ڪيو. اهڙو عشق ۽ محبت لاتائين جو ڪنهن ٻئي کي اهو ڍنگ هٿ نه آيو.

## بيماري ۾ جن جو اثر

تاريخ 20 چنچر ڏينهن ٻيپهري جي نماز کان بعد مولوي عاشق محمد صاحب عرض ڪيو ته سائين حافظ احمد علي بروهي جي اهڙي حالت ٿي آهي جو غلط لفظ ٿو ڪڍي (ڳارگند ٿو ڏئي) انهيءَ جي واسطي دعا گهرو. پاڻ پهرين ان

www.zikar.com



لاءِ دعا فرمايائون، ان بعد ارشاد فرمايائون: هن کي سوداءِ جي بيماري آهي ۽ ان ۾ جن جي ملاوت آهي. جن اهڙي قوم آهي جو هنن ۾ کي اهڙا خبيث جن آهن، جو هر بيماري ۾ ملاوت ڪري وجن ٿا، تانجو مٽي جي سور ۽ زڪام ۾ به ملاوت ڪري سگهن ٿا. انسان جي بيماري خواه جانورن جي بيماري ۾ ملاوٽ ڪري ان کي تڪليف ڏئي سگهن ٿا. هن فقير کي اڳ ۾ ان ڳالھ جي خبر ڪانہ هئي، پر پير انهيءَ جي حقيقت کان آگاه ڪرايو. عام ماڻهن کي انهيءَ ڳالھ جو پتو ئي ڪونہ آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ حافظ احمد علي کي کنهن سڻي ڏاهي حڪيم کي ڏيکاريو ۽ سکڻ پڙهائي مغز کي مالش ڪيوس ۽ آيت الڪرسي، سورة القريش ۽ آخري ٻہ قل (سورة فلق ۽ ناس) پڙهي پنجن ئي نمازن جي وقتن تي دم ڪيو، انشاءالله تعالىٰ رحم ٿيندو.

## خلفاء ڪرام پهرين صف ۾ ويهن

انهيءَ ڏينهن ٽيپهري نماز کان بعد فرمايائون تہ هن عاجز (پير منا عليه الرحمة) جي طبيعت تي ويسر غالب ٿي وئي آهي. ڪنهن وقت نماز ۾ قرات پڙهڻ وقت اڳين ۽ پوين سورتن جو خيال نٿو رهي، يا وري پهرين رڪعت ۾ قرات گهٽ ۽ ٻي ۾ قرات زياده يا قرات ۾ ويسر ٿئي ٿي. تنهن ڪري مولوي صاحب ۽ خليفا پهرين صف ۾ ويهن، ۽ شرعي مسئلو بہ آهي تہ پهرين صف ۾ اهل فضيلت ويهن، ۽ اهل فضيلت هڪ مولوي صاحبان ۽ ٻيا خليفا سگورا آهن. ۽ هي بہ مسئلو آهي تہ پهرين صف ۾ ويهڻ، ٻي صف کان ثواب ۽ رحمت ۾ وڌيڪ آهي، ۽ ٻي صف ۾ ٽين صف کان ثواب وڌيڪ آهي. اهڙي طرح ترتيبوار پين پوين صفن ۾ ثواب آهي. تنهن ڪري اهل فضيلت کي گهرجي تہ اهڙي ثواب کان پوئتي نہ هٽن ۽ محروم نہ ٿين. سوير ڪوشش ڪري جڳهہ وٺي ويهي رهن.

www.zikar.com



بين جماعت وارن کي به گهرجي ته خليفن ۽ عالمن جو خيال ڪن، جيڪڏهن اهل فضيلت کي پوئين صف ۾ ڏسن ته پاڻ پهرين صف کان هٽي پوئتي ٿي بيهن ۽ انهن کي اڳتي جاءِ ڏين. اهو مسئلو هميشه ياد رکو. باقي اهل فضيلت مان جيڪو پاڻ پهرين صف جو خيال نٿو رکي ۽ هرو ڀرو پوئين صف ۾ گسڙجي ٿو، سمجهو ته اهو فضيلت جي لائق نه آهي ۽ فضيلت کي نٿو چاهي.

## ذاتي دشمن به پيارا لڳندا آهن

فرمايائون: هن فقير جو طريقو بين ماڻهن کان عليحده آهي، جو دشمني رکندڙ ۽ شڪايتون ڪندڙ ۽ بهتان هڻندڙ به هن فقير جا دوست آهن، ڪوبه اهل ذڪر هن فقير جي طرفان جواب ڏئي نه انهن سان بحث مباحثو ڪري، نه ئي انهن کي گهٽ وڌ چوي. هن فقير کي دوستن کان به وڌيڪ اهي پيارا آهن. اها حالت فقير تي اڳي به ڪيترو وقت رهي ۽ اڄ به اها حالت آهي. انهيءَ باري ۾ ڪجهه اشعار به ٺاهيم پر پوءِ وري خيال ٻي پاسي هليو ويو. هڪ دفعه ته اهڙي حالت ٿي جو هڪ منهنجو مخالف جيڪو هر وقت مخالفت ڪندو هيو، نماز پڙهندي انهيءَ ڏانهن خيال هليو ويو. پوءِ ته نماز ۾ اهڙي ته لذت ۽ مزو حاصل ٿيو، جو اڳي ڪڏهن اهڙو مزو نه آيو هيو. پوءِ دل ۾ چيم ته جيڪر اهو مخالف هتي هجي ها ته پاڪر پايانس ها ۽ چمي ڏئي چوانس ها ته تنهنجي ڪري مون سان هيءَ مهرباني ٿي آهي. انهيءَ جو گهر مسجد شريف کان پري شهر جي ٻي پاسي هيو. پوءِ ته اها حالت به ختم ٿي وئي. پهرين وقت ۾ منهنجا پير ڀائي مخالف گهڻا هوندا هيا، اها به خاص مهرباني هئي.

هڪ پير ڀائي مولوي صاحب جيڪو هن فقير جو مخالف هيو، اتفاقًا هڪ ڀيري ان مولوي صاحب گڏ هڪ

www.zikar.com



صف ۾ منهنجي پرسان فرض نماز تي پڙهي. درميان نماز ان مخالف ڏانهن هن فقير جو خيال هليو ويو. پوءِ ته نماز ۾ اهڙي لذت حاصل ٿي جو جيئن ئي امام سلام ورايو ته بي اختيار ٿي ڪري ان کي ياڪر وڌم ۽ چمي ڏنم. ٻين ماڻهن پي اها حالت ڏٺي، انهيءَ مخالف مولوي صاحب کي خود حيرت وٺي وئي. پوءِ ته مقلب القلوب (الله سائين) اهڙو ته ان جي دل کي نرم ڪيو جو اهڙو ته محبت ۾ مست ٿي ويو جنهن جي ڪا حد نه هئي.

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته فقير جو مزاج ۽ طرز طريقو ٻين ماڻهن کان جدا آهي. اهڙيون ٻيون به گهڻيون ڳالهيون آهن جن جو بيان ڪرڻ ضروري آهي. بيت

عاشقاں راںمذہب وملت جداست عشق اسطرلاب اسرار خداست

يعني عاشقن جو مذهب ۽ ملت جدا آهي، هي عشق الٰهي جي رازن ڄاڻڻ لاءِ اصطرلاب (زمين ماپڻ واري سرڪاري زنجير) وانگر آهن (جيئن سرڪاري زنجير سان ٽيل ماپ سوفيصد سچي ليکي ويندي آهي) تيئن الله سان وارن جي محبت ۾ سوفيصد خالص ۽ سچي آهي ۽ رازن کي به ڄاڻندي آهي.

## منهنجي ڪاوڙ خدا واسطي هوندي آهي

هن فقير کي ڪاوڙ ايندي آهي، پر پنهنجي نفسانيت جي ڪري نه، بلڪ انهيءَ شخص جي نفع لاءِ ۽ انهيءَ جي خير خواهي واسطي هوندي آهي. بلاشڪ جنهن وقت هن فقير کي ڪاوڙ اچي ته توهان ڪوليو ۽ قوليو ۽ جاچ ڪيو ته پنهنجي نفسانيت جي ڪري آهي يا توهان جي نفع ۽ فائده لاءِ.

ولي الله جي ڪاوڙ پنهنجي نفس لاءِ نه هوندي آهي، بلڪ طالب جي فائدي واسطي هوندي آهي ۽ اها چڙب ان کي

www.zikar.com



هوشيار ۽ چست ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. پر اها ڳالهه عام هر ڪو ماڻهو نہ سمجهندو، اهوئي سمجهندو جنهن ڪجهه لذت باطني چکي هوندي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ”اَنَا اَغْضَبُ كَمَا يَغْضَبُ الْبَشَرُ“ يعني مون کي ڪاوڙ انسانن وانگر ايندي آهي.

حضرت امام رباني رحمۃالله جن فرمايو آهي تہ انهيءَ (الله جي رضا لاءِ) ڪاوڙ ڪري ٿي انسان مرتبي ۾ ملائڪن کان مٿي ٿيو آهي (جو الله جي رضا لاءِ ڪاوڙجي ٿو يا ڪاوڙ ڪائي وڃي ٿو).

اي الله وارن جا بي ادب! توکي (اولياء الله جي شان جي) ڪهڙي خبر؟ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃالله فرمايو آهي تہ ملائڪ سڳورا ولي الله جا پير چمندا آهن. الله واري جي ڪاوڙ حقيقت ۾ مريد لاءِ رحمت جو ڪڪر هوندي آهي.

هن فقير جي طبيعت ۾ غيرت (۽ خدا واسطي ڪاوڙ) آهي، پوءِ پاڳن وارا پيا توڙ چڙهن.

هي فقير آزاد طبع آهي. مال ملڪيت جيڪو بہ هن فقير کي ڏيڻو اتوَ ٻين کي ڏئي ڇڏيو، هن فقير کي نہ ڏيو. صرف شريعت ۽ طريقت جي پابندي ڪيو.

هن فقير جو مذهب ۽ طريقو اهو آهي جيڪو منهنجي پير جو آهي. جنهن تي ان کي عمل ڪندي ڏٺم، هر مسئلہ ۾ منهنجي اها فتويٰ آهي جيڪا پير ڏني.

## خدمت خلق لاءِ عهدو

تاريخ 21 ماه جمادي الثاني 1380ھ آچر ڏينهن صبح جو مولوي عاشق محمد عرض ڪيو: يا حضرت مون کي سرڪار طرفان ميمبري (ڪاؤنسلري) ملي آهي. منهنجو اڳ ۾ بہ ارادو يا شوق ڪونہ هيو، ۽ هاڻي بہ انهيءَ کان بري آهيان، ڇڏڻ لاءِ بہ تيار آهيان، پنهنجو ڪو ذاتي شوق نہ آهي، البتہ ان ذريعي

www.zikar.com



آفيسن ۾ لنگر جا ڪم آسانيءَ سان ٿين ٿا. جواب ۾ پاڻ فرمايائون: ميمبري پلي هجي جو ان ۾ ماڻهن جو نفع آهي. نيڪ ميمبر هوندو ته ان کي مخلوق خدا جي خدمت جو موقعو ملندو ۽ خدمت خلق کان وڌيڪ ٻي ڪابه نيڪي نه آهي. پوءِ اها ڪهڙي به نموني حاصل ٿئي.

ترڪ ماسوي الله دل سان ٻڌل آهي، نه ظاهر سان. ائين نه آهي ته لٽا ڦاٽل پائي، گندي ويڙهي ٻارن ۽ زال کان پري رهي، ۽ انهن جا حق ادا نه ڪري، يا زال کي طلاق ڏئي ڇڏي ته انهيءَ کي ولي الله چئجي.

جاهلو! توهان ته جنهن جا لٽا ڦاٽل يا لٽل ڏسو ٿا انهيءَ کي ولي الله چئو ٿا، پر جيڪڏهن صفا اگهاڙو هجي ته توهان لاءِ اهو اجا وڏو ولي الله آهي.

پينون پيرن جا منتوڙيل... ادا ولي الله اهو آهي جنهن جي دل باخدا هجي، پوءِ ظاهر ۾ ان کي ڪهڙو به مرتبو يا عهدو هجي. نيڪ ماڻهو کي جيترو عهدو وڌيڪ اوترو مخلوق کي فائدو وڌيڪ. جڏهن ته جاهل، بي دين کي جيترو عهدو وڌيڪ اوترو مخلوق خدا کي ايذاء وڌيڪ. پر جي اجا به ڪجهه وڌيڪ عهدو مليس ته وڏو وچون ٿي ويندو، جي اجا به ڪجهه اڳتي وڌيو ته نانگ بڻجي ويندو. مطلب ته جيئن عهدي ۾ ترقي ٿيندس تيئن وڏي بلا بڻجندو ويندو.

## مجبور عورتن تي ظلم نه ڪيو

اڙي سنڌي! توهان ته موت، قيامت ۽ قبر کان اصل نٽا ڏجو جو زالن تي ظلم ٿا ڪيو. انهن ويچارين کي پورو خرچ به نه ڏيو، رهندو انهن کي ايذايو. بلڪ گهڻا ته اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي زال جي ڪمائي مان پاڻ پيا کائين. ڪلا بدمعاشو! قيامت ۾ ڪلا کائيندؤ (پيٽ جي) جاءِ به نه لهندؤ.

www.zikar.com



اي بلوچو! اي سنڌيو! ٿوري شبهي تي انسانن کي قتل ڪري ٿا وجهو. قرآن شريف ۾ اهڙو حڪم ڪاٿي آهي ته شبهي جي آڌار تي ماڻهو ماريو. سورة نور کي ڏسو. شريعت پاڪ ۾ آهي ته ٽي شاهد شاهدي ڏين ته به انهن جي شاهدي قبول نه ڪئي ويندي، بلڪ انهن (الزام هڻندڙن) کي اسي ڪوڙا لڳايا ويندا. جيستائين چار عادل شاهد، شاهدي نه ڏين، تيستائين زاني ۽ زانياڻي کي قتل ڪرڻ جو حڪم نه آهي. شاهدي به ائين ڏين ته اسان انهن کي اهڙي طرح ڏٺو، جيئن سرائي سرميداڻي ۾ پيل هجي.

اي جاهل! ڇا توکي شريعت پاڪ کان وڌيڪ غيرت آهي؟ اڙي ڄٽ! الله تعالىٰ اهڙو ته غيرت وارو آهي جو جيڪڏهن زاني جي زنا ثابت ٿي وڃي ته ان لاءِ الله تعالىٰ حڪم ڏنو آهي ته ان کي بندوق، ڪهاڙي يا لٺ سان قتل نه ڪيو، بلڪ پٿرن سان ڪٽي ڪٽي ماريو. اڙي بلوچ! تون الله پاڪ کان وڌيڪ غيرتي آهين؟ تون مر ته توکي خبر پوي ۽ ملائڪ ڪٽي ڪٽي تنهنجي ٽڪڻ لال ڪن.

سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي چاچي حضرت امير حمزه رضي الله عنه کي حضرت وحشي رضي الله عنه ڪفر جي زماني ۾ شهيد ڪيو هيو، ۽ حضرت حمزه رضي الله عنه کي شهيد به اهڙي نموني ڪيو ويو جو سندن چپ ۽ نڪ مبارڪ وغيره ڪپيا ويا ۽ بي رحمي سان نامناسب صورتحال ڪئي وئي. سهڻي نبي سائين کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ڳوڙها اکين مان وهي پين. مصيبت جي وقت ڳوڙها وهائڻ منع نه آهي، باقي دانهون ڪوڪون ڪرڻ منع آهي. پوءِ جنهن وقت سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن مڪ مڪرم فتح فرمايو ته اهو حبشي غلام وحشي رضي الله عنه به پين ماڻهن ۾ گڏجي ۽ لڪي اچي بيعت ٿيو. پوءِ جنهن وقت ايمان آندائين ته سهڻي نبي پاڪ ﷺ جن کي عرض ڪيائين سائين! آئون حبشي آهيان ۽ حضرت امير حمزه رضي الله عنه کي مون قتل ڪيو هيو. حضور نبي ڪريم ﷺ جواب

www.zikar.com



۾ ارشاد فرمايو جيڪڏهن تو سچي دل سان ايمان آندو ۽ توبه ڪئي آهي ته تنهنجا اڳيان سڀ گناه معاف آهن ۽ تنهنجو ايمان قبول آهي. پوءِ جڏهن به اهو وحشي رضي الله عنه حضور ﷺ جي سامهون ڪنهن مجلس ۾ ويهندو هيو ته پاڻ انهيءَ کي فرمائيندا هيا ته ڪجهه اوٽ ڪري ويهه ۽ سامهون نه ويهه. اهو به انڪري جو سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي حضرت حمزه رضي الله عنه جي شهادت جو وڏو صدمو پهتل هيو. پوءِ مجلس برخواست ٿيڻ تي حضرت وحشي رضي الله عنه روئي ۽ دانهون ڪري حضور ۾ عرض ڪندو هيو ته شايد منهنجو ايمان مقبول نه آهي، ته پوءِ پاڻ ان کي تسلي ڏيڻ فرمائيندا هيا ته تنهنجو ايمان مقبول آهي ۽ تون مؤمن آهين. هاڻي خيال ڪري ڏسو ته توبه ڪرڻ بعد کهڙو به گناه هجي معاف ٿي وڃي ٿو.

سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن اهڙو وڏو گناه معاف فرمايو، توهان وري شڪ شبهن تي ماٺهو ماريو. ادا! سياڻا ٿيو، هاڻي آخرت جي تياري ڪيو ۽ سنيرو. جيڪڏهن هاڻي اک نه پٽيندؤ ته پوءِ ڪڏهن پٽيندؤ؟ هي فقير ته توهان جو خيرخواه آهي، توهان جي فائدي لاءِ اهي ڳالهيون ڪري ٿو جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ان جي فائده لاءِ چپاٽ هڻندي آهي.

## جاهلن جا حال

الحمد لله جو الله پاڪ اسان کي هيءَ نعمت عطا فرمائي ۽ غريب بنايو پر جاهلن مان نه بنايو. شيخ سعدي رحمة الله ڇهين صديءَ واري بزرگ فرمايو آهي:

ز جاهل نيايد جز افعال بد وزو نشنود جز اقوال بد

(جاهلن کان سواءِ خراب ڪمن جي ۽ خراب ڳالهائڻ جي ٻيو ڪجهه به هٿ نه ايندو آهي)

www.zikar.com



سرِ انجام جاہل جہنم بود     کہ جاہل نکو عاقبت کم بود

(پڇاڙي جاهل جي جهنم هجي، جو جاهل چڱي پڇاڙي وارو گهٽ هجي).

سرِ جاہلاں بر سرِ دار بہ     کہ جاہل بخواری گرفتار بہ

(جاهل جي سِري سوليءَ تي ڀلي آهي، جو جاهل خواريءَ ۾ ورتل چڱو آهي).

## ظالم زميندار ۽ مظلوم ڪريمو

جواني واري وقت ۾ هن فقير سان هڪڙن وڏن زميندارن جي دوستي هئي. اهي مون کي پاڻ کان جدا نه ڪندا هيا. آئون انهن وٽ رهندو هوس، پر اصل کان وٺي طبيعت ۾ آزادي هوندي هئي (جو ڪنهن جي ڪاڻ ڪون ڪڍندو هوس). هڪ ڏينهن هڪ هنڌ ڌاڙو لڳو ۽ اهو ڌاڙو سونهارو نالي هڪ شخص هنيو. سونهاري کي هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس اچي وڏيرن وٽ لٿي. سونهاري ڇا ڪيو جو هڪ هزار رپئي قيمت جهڙو ڏاند زميندار کي آڻي ڏنو. سونهاري جي مٿان چوڏهن شاهد شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي آيا. صبح جو وقت هجي ۽ موسم سياري جي، ڪٿون ٻاهر اُس تي پيون هيون. هن فقير جي کٽ صوبيدار جي کٽ جي پرسان پيل هجي. ڏاند ملڻ بعد زميندار چوڏهن ئي شاهدن کي اندر اوطاق ۾ وٺي ويو ۽ اصل ڪيس کي بدلائي ڪوڙو مسودو تيار ڪرڻ لڳو. اهو هن طرح جو ڪريم بخش نالي هڪ غريب شخص جي وڏن هن زميندار تي ڪيس ڪيو هيو، انهيءَ جو عوض وٺڻ لاءِ زميندار ڪريم بخش کي ڦاسائڻ پيو چاهي. آخر اهي چوڏهن شاهد انهيءَ غريب جي مٿان شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ڪيائين، پر جنهن وقت صوبيدار (ايس ايچ او) سونهاري کان پڇيو ته چوري تو ڪئي آهي ته سونهارو جٽ ڦٽشو، زميندار جي ٽيڪ ۽ آسري تي

www.zikar.com



تمام بي خوفي سان ڳالهائڻ لڳو ۽ صوبيدار کي چيائين چوري مون نہ ڪئي آهي، توکي جيڪو ڪرڻو هجي سو ڪر. صوبيدار کي لڳي ڪاوڙ، چيائين چگو هاڻي پاڻهي خبر لڳندي. پوءِ جو شاهدن کي سڏ ڪيائين ۽ هر هڪ ڪان نالو پڇڻ بعد چوري جو پڇيائين تہ چوري ڪنهن ڪئي آهي تہ شاهدن چيو ڪريمو (ڪريم بخش). پوءِ تہ صوبيدار بہ ڏاڍيون ڪچيون ۽ فحش گاريون ڏنيون. انهيءَ ڏينهن هن فقير بہ صوبيدار جون گاريون ٻڌيون. پوءِ زميندار طاهر محمد خان کي سڏي چيو: مان سونهاري کي ضرور جيل موڪليندس، باقي ڪريمو ڪان توکي بدلو وٺي تو ڏيان. شايد صوبيدار کي انهيءَ قيرقار جي خبر هئي ۽ زميندار کي راضي رکڻ بہ ضروري هيو، سو هڪ سپاهي کي سڏ ڪري ڪن ۾ هوريان چيائين هن فقير(پير منا سائين) بہ انڪري ٻڌو جو ويجهو وينو هيس. ڪريمو جو پٽڪو لاهي وارن ڪان وٺي زمين تي دسيو ۽ اونڌو سمهاري ڏهہ جوتا ناهي هڻ. سپاهي ڪريمو کي سڏ ڪيو، هو ويچارو ڏڪندو آيو ۽ سپاهي مٿين نموني غريب کي موچڙا هنيا. اهو ڪم صوبيدارزميندار کي خوش ڪرڻ خاطر ڪيو.

اهو صوبيدار ذات جو قاضي هيو ۽ ان جا وڏا ملا ۽ نيڪوڪار هيا. انهيءَ ڪري زميندار سونهاري کي چيو صوبيدار آهي ملا، سو ڪيس ناهڻ مان چا ڇاڙي، هاڻي تون وڃ، پوءِ اسان شاهدي قيرائي توکي ڇڏائينداسين. صوبيدار کي بہ اها خبر پئجي وئي، سو چيائين آئون ملا آهيان، پاڻهي خبر پوندي. پوءِ تہ ساڳي زميندار شاهدن کي اندر گهرائي سونهاري خلاف شاهدي ڏيڻ جو چيو. جڏهن صوبيدار پڇيو تہ سيني سونهاري تي شاهدي ڏني. سونهاري جي پٽ کي بہ گهراياڻين جيڪو پڻ وڏو چور هيو، ۽ ان کي چيائين تہ ٻڌان تہ توکي ها پر تنهنجي ئي پيءُ لاءِ ازل ۾ جيل لکيل هيو. پوءِ سونهاري کي چيائين تہ اچي ڏاڙهي اٿئي، انڪري هتي

www.zikar.com



هٿڪڙي نٽو هٿائين، ٽاٽي تي حاضر ٿي. برابر آهيان ته ملا پر ڪيس ۾ پاڻهي پٽو لڳندؤ.

هاڻي ڏسو، زميندارن ڪوڙا شاهد بيهاريا پر هٿ ڪجھ به نه آيو ۽ سونهارو ڇهه مهينا جيل ڪاٽي پوءِ آزاد ٿيو. اهي حال آهن جاهلن جا جو سدائين خواري ۾ رهن. الله تعاليٰ اسان تي وڏي نعمت فرمائي آهي جو جهالت کان بچائي غريب ۽ فقير ڪيائين.

## اعتقاد واري کي فائدو پهچندو آهي

تاريخ 22 ڏينهن سومر ماه جمادي الثاني صبح جو هڪ شخص عرض ڪيو: سائين هن منهنجي مائٽ کي هيءَ بيماري آهي جو هلندي هلندي بيهوش ٿي ڪري ٿو پوي، هتي اعتقاد سان آيو آهي، حضرت قبلهٔ عالم جن جيڪو فرمان ڪن اهو ڪنداسين.

مرشدنا و مربينا و وسيلتنا في الدارين جن فرمايو ته مولوي عبدالرحمٰن لانگري صاحب کي احوال بڌاءِ، اهو تعويذ ڏيندو ته انشاءالله تعاليٰ بيماري ڇڏي ويندي. (وڌيڪ فرمايائون) جنهن وقت هي بيهوش ٿي ڪري پوي ته سڄي ڪن مان قابو جهلي انهيءَ ڪن ۾ ست پيرا بانگ چئو ۽ اجا سڄي ڪن ۾ هٿ هجي ته کٻي ڪن مان قابو جهلي انهيءَ ۾ ست پيرا تڪبير چئو. تعويذن استعمال ڪرڻ ۾ به اعتقاد جي ضرورت آهي، بنا اعتقاد جي فائدو نه ٿيندو. اعتقاد رکڻ باطن (دلي ويساه ۽ پروسي) جو ڪم آهي، ڪا ظاهري شيءِ نه آهي جو ڪنهن ۾ ڪٽي بند ڪجي. اعتقاد جنهن کي عطا ڪن اهو پيو فائدا وٺي. اعتقاد به پڪو ۽ يقين وارو هجي. يقين انهيءَ کي چئبو آهي جو ساري دنيا گڏ ٿي ڪري انهيءَ کي بگاڙي ۽ روڪي ته به هي انهن جو چيو اصل نه وٺي. اهڙو اعتقاد ئي فائدي وارو آهي. باقي ڪڏهن اعتقاد رکي ۽ ڪڏهن نه، ته اهو اعتقاد فائدو نه ڏيندو آهي. (هڪ مثال سان وضاحت ڪندي فرمايائون) هڪ

www.zikar.com



شخص آيو ۽ چيائين تہ منهنجي ننڍڙي نياڻي آهي، انهيءَ جي ڄنگھ سڄي پئي آهي، دوا بہ گھڻي ڪرائي اٿم پر ڪجھ بہ فائدو نہ پيو آهي، مهرباني فرمائي ڪا دعا ڏيو.

هن فقير ان ڪي دعا ڏني ۽ چيو تہ اعتقاد قابو رکجانءِ ۽ بي خبر ٻڌ تہ ڪڏهن دعا پاڻ سان مرض وڃڻدو آهي، پوءِ ماڻهو چوندا آهن تہ دعا نہ لڳي. اهڙن ماڻهن جي چوڻ تي نہ لڳجانءِ، بلڪ اڃا وڌيڪ پڪو ٿجانءِ ۽ چپل ڪٽي انهيءَ سوڄ واري هنڌ تي هوريان هوريان ڌڪ هڻجانءِ ۽ چئجانءِ تہ آئون دعا اصل ڪونہ ڇڏيندس. اڃا ٻيون دعائون وٺي ٿو اچان. ائين ننڍڙي جي ڄنگھ سان ڳالهائي ڏيڄارجانءِ جيئن ماڻهو سان ڪلام ڪندو هجين.

چيائين سائين آئون ائين ڪندس جيئن اوهان چيو. اهو ماڻهو جماعت جو ڪونہ هيو. گھڻن ڏينهن گذرڻ بعد رستي ويندي مليو ۽ احوال ڪيائين تہ سائين توهان جيئن فرمايو هيو، تيئن ئي ٿيو، جو دعا ٻڌڻ سان پهرين تہ ڄنگھ ۾ ايترو تہ سوڄ ۽ سور پيدا ٿيو جو توهان نہ سمجهايو ها تہ آئون بي اعتقاد ٿي وڃان ها ۽ دعا ڇوڙي ڇڏيان ها. منهنجي گھرواريءَ ۽ مائٽن اها حالت ڏسي ڏاڍيون دانهون ڪيون، پر مون زال تي ڏنبو ڪنيو ۽ مائٽن جو چيو نہ ورتم. بس جيئن توهان فرمايو هيو تيئن ڪيم. آخر ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ نينگري صفا خوش ٿي وئي. (مذڪور خطاب بعد هيءَ فقير خدمت اقدس مان ڪجھ دير لاءِ اٿي ويو، بعد ۾ حاضر ٿيس تہ هيءَ تقرير هلندڙ هئي). بيت

نفس مارا کمتر از فرعون نیست    لیک اورا عون ما را عون نیست

يعني اسان جو نفس، فرعون کان گھٽ نہ آهي، انهيءَ ڪي مال، دنيا ۽ دولت هئي جنهن جي ڪري خدا هجڻ جي دعويٰ ڪيائين، اسان ڪي اوترو مال ۽ دولت نہ آهي تنهن ڪري نفس دعويٰ ظاهر نٿو ڪري، باقي اندر ساڳي دعويٰ ڪري ٿو.

www.zikar.com



## بلند آواز سان ذڪر ڪرڻ

اڄڪلھ ڪي مولوي صاحبان ڏاڍيان الله پاڪ جو نالو وٺڻ کان منع ڪن ٿا. هن فقير وٽ انھن جي فتويٰ آهي. افسوس... چوں کفر از کعبہ شد ظاہر کجا ماند مسلمانی. جڏهن مولوي صاحبان اهڙيون فتوائون ڏين ته اسلام کي ڪٿي ڳوليون. وري پاڻ قرآن پاڪ هٿ ۾ ڪٿي ۽ قرآن شريف جون آيتون پڙهي، در در ۽ ريل گاڏين ۾ پنندا وتن چندو ڪن. واه واه، ادا مولوي صاحب الله پاڪ فرمايو آهي:

وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا، الله پاڪ جي آيتن کي ثمن قليل (ٿوري قيمت) جي عوض نه وڪڻو.

## نبي ۽ ولي جا اختيار

چندي خور ملا وري چون ته سڀئي نبي ڪريمﷺ ۽ اولياء الله مري ويا ته ڇتا، ڪا طاقت ڪانه اٿن. ائين چوڻ وارن تي حيف هجي. الله پاڪ ته فرمايو آهي:

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتًا، بَلْ اَحْيَاءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ.

يعني شهيد کي مئل نه چئو اهي زنده آهن، پر توهان کي سمجھ نه آهي. ظاهر ۾ ته ان جا عضوا هڪ ٻئي کان ڌار ۽ جدا جدا آهن ته به الله پاڪ انھيءَ لاءِ مئل جو لفظ نٿو سھي.

## بي ادب جي صحبت

اي بي ادب مولوي، هاڻي خبر ڏي. بي ادب جي صحبت ڪافر جي صحبت کان بُري آهي. اي ادا! جڏهن شهيد جيئرو آهي، باقي سڀئي نبي ڪريمﷺ ۽ اولياء الله مري ويا، زنده نه آهن؟ تون مر ته توکي خبر ڏيندا، ملائڪ سڀ گورا تنھنجي

www.zikar.com



تڪڻ موچڙن سان لال ڪندا. ادا بي ادبي واري باھ نجد ملڪ مان نڪتي، پوءِ تہ سموري سنڌ ۽ پنجاب کي لڳي وئي. بيت

بےادب تنہا نہ خودرا ساخت بد    بلکہ آتش در ہمہ آفاق زد

حضرت روميؒ فرمائي ٿو تہ بي ادب اڪيلو پاڻ کي خراب ۽ تباھ نہ ڪيو بلڪ بي ادبي واري باھ ساري دنيا ۾ لڳائي ڇڏي آهي.

# انبياءِ ڪرام ۽ اولياءُ الله وسيلو آهن

پاڻ فرمايائون: الله پاڪ نبين کي مخلوق لاءِ وسيلو ڪري موڪليو آهي ۽ هي ان جو قانون آهي تہ مخلوق جا اعمال صالح بہ انهن تي ايمان آڻڻ ۽ محبت رکڻ بعد قبول پون ٿا. الله سائين نبين کان بعد ولين کي انهن جو نائب ۽ قائم مقام بنايو، تنهن ڪري هاڻي انهن جي مدد کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي.

اي بي ادب! جڏهن تنهنجو پاخانوبند ٿو ٿئي تہ طبيب کان مدد نہ ٿو وٺين؟ تون تہ سڀ ڪنهن ڪم لاءِ غير کان مدد پيو وٺين، باقي ولي الله کان مدد وٺڻ کي ناجائز ٿو چوين، واھ ڙي واھ.

اڙي جاهلو! پنهنجي پاڙ نہ پٽايو، الله پاڪ کان ڊڄو ۽ اهڙن بي ادبن جي صحبت کان پرهيز ڪريو. الله تبارڪ و تعالیٰ بي مثل ۽ بي مثال ذات آهي، ان ذات پاڪ نبين ۽ ولين کي پنهنجو قرب عطا ڪري پنهنجي رازن کان واقف ڪري مخلوق ڏانهن موڪلڻ فرمايو، جيئن مخلوق کي الله پاڪ سان ملائن ۽ مخلوق جي ٽٽل تعلق کي الله پاڪ سان جوڙين. اهي برزخ جي مثل آهن. بيت

اولیاء را ہست قدرت از الٰہ    تیر جستہ باز گردانند زِ راہ

يعني الله وارن کي الله پاڪ جي طرفان طاقت مليل هوندي آهي. اهي ڇٽل تير کي بہ واپس ورائيندا آهن.

www.zikar.com



نوٽ: انهيءَ وچ ۾ حاجي جمعه بروهي عرض ڪيو ته سائين حافظ احمد علي بروهي جي حق ۾ دعا گهرو. پاڻ ان لاءِ دعا گهري پوءِ فرمايائون ته اسان حافظ واسطي سدائين دعا گهرندا آهيون جو نيڪ ۽ محبت وارو پراڻو دوست آهي. الله تبارڪ و تعالىٰ جي قدرت آهي جو اهڙا ڪيترا چريا سياڻا ٿي ويا آهن. هڪ زميندار ائين چريو ٿيو هيو، اجايو سجايو پيو ڳالهائيندو هيو. خبر پئي ته هڪ دوا ڪارايائونس ته خوش ٿي ويو. ان بعد وري ساڳي صحبت واري موضوع تي خطاب جاري رکيائون.

## انبياءٌ اولياءُ زنده آهن

ادا انهن بي ادبن جي صحبت کان بچو. هي فقير انهن بي ادبن کي علي الاعلان چوي ٿو، پلي پنهنجي وڏن کي به وٺي اچو. اولياء الله جا به درجا آهن. صديق جو درجو ته شهيدن کان به مٿاهون آهي، شهيدن کان پوءِ صالحن جو مقام آهي. صديقن کي نبي نٿو چئي سگهجي، ليڪن ”برنگ نبي است“ نبين وارا ڪم ڪن پيا.

اهل بيت عظام جي باري ۾ الله تبارڪ و تعالىٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو: ”يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا“، اي اهل بيت توهان کي الله تعالىٰ جل شانهٗ پاڪ ڪرڻ فرمائي ٿو. جنهن کي الله جل شانهٗ پاڪ فرمائي ته ان کي بيو ڇا گهرجي. وري فرمائي ٿو: ”يَا نِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ“، اي نبي ڪريم ﷺ جون بيبيون، توهان ٻين عورتن وانگر نه آهيو. الله پاڪ انهن جي تعريف ڪري ٿو ون وري انهن کي مٿل سڏين، افسوس صد افسوس. حديث شريف ۾ آهي ”وَ بِهِمْ يُمْطَرُوْنَ وَ بِهِمْ يُرْزَقُوْنَ“، انهن الله وارن جي محابي ماڻهن تي مينهن وسايو وڃي ٿو ۽ ماڻهن کي رزق ڏنو وڃي ٿو، تون وري انهن کي گاريون ڏين ۽ انهن جي شان ۾ گستاخي ڪرين. ٻي حديث

www.zikar.com



شريف ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪراڙا ڏنگي پنيءَ وارا ۽ جانور هن دنيا ۾ نه هجن ها ته الله تبارڪ وتعالىٰ گنهگارن جي مٿان هن دنيا ۾ ئي عذاب نازل فرمائي ها. ڏسو ته الله تبارڪ و تعالىٰ جانورن ۽ ڪراڙن جي پنيءَ جي ڏنگائي سبب به گنهگارن کي پڪڙ نٿو ڪري ۽ جانورن جي محابي وسيلي ڪري انهن کي دنيا ۾ معافي ڏي ٿو. باقي الله وارن جي محابي معافي نه ڏيندو؟ يا الله وارا وسيلو نٿا ٿي سگهن؟ افسوس، صد افسوس. ٽين حديث شريف آهي ته ڪي ولي الله مدد ڪرڻ جي لاءِ مقرر ٿيل آهن ۽ جيستائين هي دنيا باقي هوندي تيستائين اهي به هوندا.

ڪو بي ادب ۽ بد عقيدي وارو هيڏي نه اچي، ان کي ڪو فائدو ڪونه ٿيندو.

الله تبارڪ و تعالىٰ فرمايو آهي: ”وَ ابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ“. وسيلي ۾ نيڪ عمل ۽ اولياء الله سڀ شامل آهن. مسلمانو! انهن بد عقيده ملن جي صحبت کان بچو.

## فرضي تعليم ضرور ٻارن کي ڏياريو

انهن بي ادب مولوين جا مدرسا اصلاح ۽ سني تربيت کان خالي آهن. اڪثر مدرسن ۾ ڪِن لڳو پيو آهي، ان ڪري اسان ڇوڪرن جو مدرسن ۾ پڙهائڻ بند ڪيو آهي. عام مدرسن ۾ ڇوڪرا اصل نه پڙهايو، باقي ڪو نيڪ عالم پنهنجي ڳوٺ ۾ ويهاري ان جي خدمت ڪيو ۽ اڪين جي آڏو تعليم ڏياريو. فرضي علم ضرور پڙهايو، باقي دستاربندي مستحب آهي. فرضي علم کان پوءِ پنهنجي اکين جي سامهون انهن کي ڪو هنر سيکاريو. جيڪڏهن فرضي علم نه پڙهائيندؤ ته قيامت ڏينهن ڪلا ڪائيندؤ.

عورتن کي به فرضي علم پڙهايو. پاڪائي ۽ پليدي جا مسئلا سيکاريو. جيڪڏهن انهن کي توهان نه سيکاريندؤ ته

www.zikar.com



اهي ويچاريون ڪاٽي وڃي سگھنديون. جي نہ سيڪاريندؤ تہ ان جيترو گناه مردن کي بہ ٿيندو.

## لواطت عام آهي

فرمايائون: ادا اڄڪلھ لواطت عام ٿي وئي آهي، وڏي عمر وارا بہ ان ۾ مبتلا ڏٺا ويا آهن.

مسلمانو! باه دوزخ جي کان بچو ۽ پنهنجي اولاد کي بچايو. ڇوڪرين کي ڇوڪرن سان راند ڪيڏڻ نہ ڏيو. ڇوڪرين کي گهر ۾ رهايو. هتي هڪ ماڻهو پنهنجي ڇوڪريءَ کي فقير وٽ وٺي آيو، ڇوڪريءَ کي ڏاڍي مار ڏني هيائين. پوءِ هن فقير ان کي تنبيه ڪئي تہ ڏوھ تنهنجو آهي. گهر جو ديندار وارو انتظام توهان کي رکڻو آهي. ڇوڪرين کي ٻاهر نہ ڇڏيو، خدا کان ڊڄو، احتياط ڪيو. هن فقير کنهن بہ مولوي صاحب کي حقو ٻيڙي پيئندي ڪونہ ڏٺو، هتي سنڌ ۾ اچي ڏٺم. پنجاب ۾ کنهن بہ عالم کي ڪونہ ڏٺم جو الله بلند آواز سان چوڻ کي گمراهي چوي، اهو بہ سنڌ ۾ ڏٺم. ادا هاڻي قيامت ويجهي آهي، اها ان جي نشاني آهي.

## اسلام جي خدمت ڪيو/علم پڙهايو

ادا! اسلام جي خدمت ڪيو، خلق کي سجاڳ ڪيو، احڪام الاهيءَ سيکاريو، خير خواهي ڪيو، ماڻهن کي ديني غيرت ڏياريو.

عورتن کي بہ ضروري فرضي علم پڙهايو، علم خدا ڪارڻ پڙهايو، پنڌ تي سندرو نہ ٻڌو، چندو ڪري نہ پڙهايو.

ديري نواب ۾ اسان جو استاد هوندو هيو، خدا ڪارڻ تعليم ڏيندو هيو. ٻيو استاد اُچ شريف ۾ هيو اهو ائين ئي پڙهائيندو هيو.

www.zikar.com



علم فرضي ضرور پڙهايو، متان چئو ته هي فقير علم جو مخالف آهي. آئون علم پڙهڻ، پڙهائڻ جو مخالف نه آهيان، مدرسن جو حال (جن ۾ اخلاق ۽ تربيت نه آهي فقط زباني تعليم ڏني وڃي ٿي) ڏسي چوان ٿو ته مدرسن ۾ نه پڙهايو، باقي پنهنجي روبرو تعليم ڏياريو.

# پردو اهم آهي

فرمايائون: هڪ مولوي صاحب هيو. ظاهر ۾ نيڪ، هن فقير کان ذڪر به پڇيائين، انهيءَ ڳوٺ وارن ٻين به ذڪر پڇيو ۽ طريقہ عاليہ ۾ نوان داخل ٿيا. عورتون پردو نه پيون ڪن. اهو مولوي صاحب عورتن کي قرآن شريف پڙهائيندو هيو. خبر پوڻ تي هن فقير انهيءَ مولوي صاحب کي جهليو ته تون عورتن کي نه پڙهاءِ، عورتن کي پڙهائي ثواب نٿو ڪٽين بلڪ گناه ٿو ڪرين. هيڪر جهليومانس، ٻيهر، ٽيهر، ڪرات مرات (بار بار) روڪيومانس پر نه مڙيو، جو ملا کي شيطان سبق سيکاريو.

چيائين: سائين منهنجو هڪ سوال آهي، اهو هيءَ ته عورتن ۾ پردو ته آهي ڪونہ. ٻر، جهنگ ۾ بنا پرده جي گهمنديون وتن ٿيون، اوڏانهن گهمڻ جائز آهي باقي مان قرآن شريف نه پڙهايان؟

انهيءَ سوال ٻڌڻ سان ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳي پر هن کي جواب باصواب اخلاق ۽ پيار سان ڏنم. چيومانس ته تون چوڏهن سال صحبت ۾ رهين، ته به اهڙو جواب ٿو ڏين. عورتن جو بي پرده جهنگل ۾ ڪانئين ۽ ٻين ڪمن لاءِ ٻاهر وڃڻ جو گناه انهن جي وارثن تي ٿيندو، باقي تون جيڪڏهن پرهيز نه ڪندين ته اهو گناه تنهنجي مٿان ٿيندو. تون ڪو فاني (في الله) ناهين جو توکي ڪجهه به خيال نه ٿيندو هجي. آخرڪار ملا لاجواب ٿيو. ان کان علاوه عورتن ۽ ڇوڪرين

www.zikar.com



جي وارثن کي بہ گهرائي جهليم. اهي ذڪر وارا هيا. سيني مردن کي عورتن سميت گهرائي چيم تہ جيڪڏهن توهان اچا بہ هن ملا وٽ عورتون پڙهائيندؤ ۽ عورتن کي نہ روڪيندؤ تہ هن فقير جو هي آخري اچڻ آهي، وري اصل ڪونہ ايندس. پوءِ سيني عورتن کي روڪيو ۽ ملا کي بہ چيو. پوءِ تہ ملا جي گهر ماتم پئجي ويو، اهو انڪري جو ملا ڏسڻ جي لذت ۽ اک جي لذت ۾ قاتل هيو. الله سائين جو ڪرم ۽ احسان جو خيبر جو ڪوٽ فتح ٿيو. پر وري هڪ عورت نہ مڙي، انهيءَ جي گهر ايندي ويندي هئي. آخر هڪ دفعہ اها عورت بہ هن فقير وٽ آئي ۽ چيائين آئون دوزخ جي ڪناري تي بيٺي هيس، ۽ پوڻ جي قريب هيس، توهان مهرباني فرمائي بچائي ورتو. مان هاڻي سچي دل سان توبہ ٿي ڪيان تہ وري ملا جي گهر اصل ڪونہ وينديس.

## عورتون بہ مردن ڏانهن نہ ڏسن

ادا طريقہ نقشبنديہ تمام نازڪ آهي. برو ڪم زنا تہ ڇڏ پر جيڪو بري نظر ڪري نهاريندو تہ انهيءَ کي بہ طريقہ مان اصل ذرو بہ فائدو ڪونہ ٿيندو. اڙي جاهلو! توهان هن طريقہ کي پوڳ پائنيو آهي. حڪم آهي تہ عورت غيرمرد کي نہ ڏسي، بلڪ پردو ڪري ۽ مردن کي امر ٿيو تہ غير محرم عورتن ڏانهن نہ ڏسن.

ادا پنهنجي نظرن کي عورتن جي ڏسڻ کان بچايو. حديث شريف ۾ آهي: "النظر سهم من سهام ابليس". يعني نظر شيطان جي تيرن مان هڪ تير آهي. ذڪر وارا ضرور بالضرور احتياط ڪن. جيڪڏهن ڪا ڏاري عورت سامهون اچي ۽ انهيءَ ڏانهن نهارڻ مان شر ٿو معلوم ٿئي تہ ڪنڌ هيٺ ڪيو. ٿورڙو خطرو محسوس ٿئي تہ اصل نہ ڏسو، نہ وري انهن سان ڳالهايو. باقي اهو طريقت جو مسئلو آهي تہ جيڪڏهن پير کي فنائيت حاصل

www.zikar.com



نہ آهي تہ اهو پيري ۽ شيخي جي لائق نہ آهي. اهو اجا ناقص آهي. حضرت امام رباني رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ ”ناقص، ناقص را كامل نمي كند“. يعني ناقص ٻئي ناقص كي كامل نٿو كري سگهي. پير كامل صاحب فنائيت هجي. جيكو مريد پنهنجي پير ۾ اهو اعتقاد نٿو ركي ۽ سمجهي ٿو تہ منهنجو مرشد فاني نہ آهي تہ ان مريد كي كجهہ فائدو حاصل كونہ ٿيندو.

## كشف حضرت امام ربانيؒ ۽ حضرت قريشيؒ

حضرت امام رباني رحمۃاللہ لكيو آهي تہ مون كي هك شخص جي قبر تي وڃي ويا، انهيءَ قبر واري كي توجه جو ڏنم تہ ان جي قبر مان دونهون نكتو. جيئن جيئن توجه گهڻو ڏنم تي تيئن تيئن دونهون زياده ٿي نكتو، تانجو آسمان تائين دونهون ڳنڍجي ويو. آخر توجه ڏئي ٿكجي پيس تہ بہ دونهون كونہ كٽو. پوءِ الله پاك جي حضور ۾ التجا كيم تہ هن شخص كهڙا گناه كيا آهن جو گناهن وارو دونهون كٽي ئي نٿو. الهام ٿيو تہ هن جا گناه شرك جي لڳ لڳ آهن، سو تون كيڏي بہ كوشش كندين تہ اهي معاف نہ ٿيندا. پوءِ وري عرض كيائين: سائين ڀلا جهنم كان ٻاهر نكرندو يا نہ، تہ الهام ٿيو ها، ذرو ايمان جو اٿس، تنهن كري مدتِ مديد (گهڻي وقت) كان بعد نكرندو.

هن واقعہ مان گهڻيون ڳالهيون ثابت ٿيون. هك هيءَ تہ پاڻ (قبر واري كي) توجه ڏئي پاك كرڻ تي چاهيائون. ٻيو هي تہ اهو سندن مريد بہ نہ هيو پر پاڻ ان تي ايتري شفقت ۽ مهرباني تي فرمايائون. انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ اولياء الله (مرڻ كان بعد بہ) پنهنجي مريدن سان مدد فرمائيندا. ٽيون هي تہ الله وارن جي الله پاك تائين رسائي آهي جو ان سان (الهام وسيلي) كلام كن ٿا. چوٿون هي تہ الله تعاليٰ ان شخص جي پڇاڙي (خاتمي) جو علم بہ امام ربانيرحمۃاللہ كي ڄاڻايو.

www.zikar.com



هاڻي گهرجي تہ پيءُ ماءُ جند جان سڀ انهن الله وارن تان قربان ڪجن، جيڪي مئلن کي بہ گناهن کان پاڪ پيا ڪن.

**ٻيو واقعو:** حضرت قبلہ عالم پير قريشي صاحب جن جو مولوي خدا بخش نالي هڪ مريد هيو. جنهن وقت وفات ڪيائين ۽ ان کي دفن ڪيو ويو تہ حضرت پير قريشي صاحب ان جي قبر پرسان ويهي توجه ڏنو. بعد ۾ بيان فرمايائون تہ مون جنهن وقت مولوي خدا بخش کي توجہ ڏنو تہ ان جي مٿان وڏن بزرگن واريون مهربانيون، اسرار ۽ راز وارد ٿيڻ لڳا، جيڪڏهن ڪو اکين وارو هجي ها تہ ڏسي ها.

**ٽيون واقعو:** رحمت الله نالي هڪ فقير وفات ڪري ويو. ان موقعي تي پاڻ فرمايائون تہ ڪو باطني اکين وارو هجي تہ وڃي اچوس تہ ڏسي تہ هن فقير تي ڪهڙيون مهربانيون پيون ٿين.

**چوٿون واقعو:** حاجي احمد بخش نالي تمام گهڻي محبت وارو فقير هيو. سندس وفات کان پوءِ حضرت پير قريشي صاحب جن مولوي خدا بخش کي موڪليو تہ ان جو احوال وٺي آءُ. پوءِ جنهن وقت ان جي مزار تي پهچي مراقبو ڪيو ۽ مولوي صاحب قبر واري بزرگ کان حال احوال وٺڻ شروع ڪيو تہ حاجي احمد بخش جي قبر پرسان هڪ ٻي قبر هئي. مولوي صاحب خدا بخش ڏنو تہ ان ۾ هڪ نوجوان مرد آهي ۽ ان سان گڏ هڪ خوبصورت عورت بہ موجود آهي، ٻئي پاڻ ۾ راند پيا ڪن. اها عورت اهڙي تہ سهڻي نظر آئي جو ان جي مثل ڪا خوبصورت عورت دنيا ۾ ڪونہ آهي. بقول مولوي صاحب منهنجو خيال اوڏانهن ويو تہ فقير احمد بخش جو مون کي ٻئي طرف متوجہ ڏٺو تہ چيائين مون ڏي خيال ڪر، ايڏانهن نہ ڏس. مون فقير ڏي خيال ڪيو. فقير جو احوال ڪٿي ڪونہ پيو، سو ٻيهر بہ منهنجو خيال انهيءَ نوجوان ڏانهن هليو ويو، تہ وري تنبيه ڪيائين تہ مان هن ڏي متوجہ ٿيس. آخر ٽين ڀيري جڏهن منهنجو خيال ان نوجوان ڏانهن ويو تہ چيائين حضرت پير قريشي صاحب جن توکي مون

www.zikar.com



ڏانهن موڪليو آهي يا انهيءَ نوجوان ڏانهن؟ مون ڏي آيو آهين ته خيال، ڏيان سمورو مون ڏانهن ڪر، ٻي پاسي ڇو ٿو نهارين؟ مون پڇيو پلا ٻڌاءِ ته سهي، هي ڪير آهي؟ ته چيائين هي محمد اشرف نالي منهنجو رشتيدار آهي، انتهائي پرهيزگار انسان هيو، دنيا ۾ هڪ عورت تي عاشق ٿيو هيو، پر الله تعاليٰ جي خوف کان سموري جواني جي حياتي ۾ انهيءَ عورت کي هٿ به نه لاتائين. انهيءَ جي عوض الله پاڪ بهشتي حور عطا فرمائي اٿس.

هاڻي اوهان هن واقعي مان قبر وارن جو حال معلوم ۽ محسوس ڪيو ته مولوي صاحب جو ٻي طرف واجهائڻ به سهي نٿو سگهي.

**پنجون واقعو:** هڪ پيري حضرت پير قريشي صاحبرحمۃاللہ جن حضرت خواجه نصير الدين چراغ دهلويرحمۃاللہ جي مقبري تي ختم شريف بخشي اڳتي روانا ٿيا ۽ ٻن فقيرن کي امر فرمايائون ته بزرگ کان حال احوال معلوم ڪري پوءِ اچو. حضرت قبله عالم قريشي صاحب ﷫ جو هي قاعدو هوندو هيو ته جنهن به بزرگ وٽان لنگهندا هيا ته ختم شريف ڏيڻ کان پوءِ انهيءَ بزرگ کان حال احوال يا ته پاڻ وٺندا هيا، يا وري ٻن فقيرن کي حال احوال وٺڻ جي لاءِ حڪم فرمائيندا هيا. چنانچه سندن حڪم موجب آهي به فقير حال احوال وٺڻ جي لاءِ مزار شريف تي مراقبو ڪري ويٺا.

هي فقير (حضرت پير مٺا صاحب﷫) سيني جي پويان پيو هلندو هيو. پوءِ جڏهن هن بزرگ جي مزار تي ختم پڙهيم ته دل ئي دل ۾ خيال سان چيم، اي حضرت نصير الدين شاه صاحب، برابر تون پنهنجي زماني ۾ قطب ٿي گذرين، هاڻي منهنجو پير غوث الزمان آهي، مون کي توهان ڏانهن اچڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، مگر منهنجو پير جو آيو تنهن ڪري آئون به آيس. پوءِ جنهن وقت اهي حال وارا موٽي آيا ته بزرگ جي احوال سان گڏ اهو به ٻڌايئون ته سائين، بزرگ صاحب چيو

www.zikar.com



تہ توهان جو فلاڻو فقير (حضرت پير منا ﷺ) مون کي هي لفظ پيو چوي. انهيءَ وقت هي فقير سموري جماعت جي پويان هيو. پوءِ حضرت صاحب جن گهوڙي کي جهلي هن فقير کي سڏ ڪرائي پڇيو تہ برابر تو هي الفاظ چيا آهن. هن فقير چيو تہ هائو سائين. پوءِ پاڻ ڏاڍا ڪليا ۽ فرمايائون بزرگ هن مست جو خيال چو تو ڪري.

هاڻي خيال ڪري ڏسو تہ بزرگ دل جو احوال ڪيئن معلوم ڪيو.

## اُچ شريف ۾ نزول ارواح

چوندا آهن تہ اُچ شريف ۾ سوا لک ولي آرامي آهن. انهن ۾ حضرت بهاءالدين ذڪريا ملتاني رحمة الله جو حضرت سيد جلال الدين رحمة الله خليفو آهي ۽ وڏو بزرگ آهي. انهيءَ بزرگ جي مزار سامهون هڪ بي بي صاحبہ جي مزار آهي. ڪنهن زماني ۾ درياء جو پاڻي بيبي صاحبہ جي روضي مبارڪ جي پرسان اچي پهتو. بيبي صاحبہ جي مزار جي هڪ پاسي کان ڪوهہ آهي، ان طرف کان روضہ پاڪ ڊٺل آهي. درياء جي پاڻي ڪري اهو طرف ڪري پيو هيو، پر پوءِ اتان درياه چڏي ويو هيو.

هي فقير (حضرت پير منا ﷺ) جڏهن اوچ شريف ويندو هيو، سيد پير جلال الدين جي مزار مبارڪ تي ضرور ويندو هيو ۽ ختم شريف ڏيندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن بيبي صاحبہ جي مزار تي بہ ويندو ۽ ختم شريف ڏيندو هوس. پوءِ هڪ ڀيري حضرت پير قريشي صاحب جن وٽ انهيءَ بيبي صاحبہ جو نزول ارواح ٿيو. بيبي صاحبہ حضرت قريشي صاحب جن کي چيو تہ هن فقير کي تاڪيد ڪيو تہ جنهن وقت سيد پير جلال الدين جي مزار تي اچي ختم شريف ڏئي تہ مون ڏانهن بہ اچي ۽ ختم شريف بخشي.

www.zikar.com



# دنيا جو حرص خدا جي ڪاوڙ جي نشاني آهي

تاريخ 23 ماه جمادي الثاني 1380ھ ڏينهن اڱارو وقت صبح پاڻ ارشاد فرمايائون ته اڄڪلهه مخلوق الله تعالىٰ ڪان منهن موڙيو آهي ته الله پاڪ به انهن ڪان منهن موڙيو آهي. مخلوق جو الله تبارڪ و تعالىٰ کي وساري ڇڏيو آهي ته رب العالمين به انهن کي وساري ڇڏيو آهي. الله پاڪ جي وسارڻ جي اها نشاني آهي جو ننڍين توڙي وڏن کي دنيا جي مار و مار لڳي پئي آهي، جو نماز پڙهڻ جي به مهلت ۽ وقت نٿو ملين، ان لاءِ به ڪا واندڪائي ڪانه اٿن. اهو الله پاڪ جو قهر ڪڙڪيو اٿوَ، اها الله پاڪ جي پڪڙ اٿوَ ۽ اها بيماري ننڍي وڏي کي لڳل آهي. توهان جنهن کي بزرگ ۽ مولوي صاحب ٿا سڏيو، انهيءَ کي به اها مار و مار لڳي پئي آهي.

# ڏاڙهي رکو

توهان جو سارو اندر دنيا جي درد سان ڀريل ۽ رذل آهي. ظاهري صورت به الله پاڪ بدلائي ڇڏي اٿوَ. اڳي ڪنهن کي سزا ڏيندا هيا ته انجو ڏاڙهي مٿو ڪوڙيندا هيا ۽ عورتون به جنهن وقت ڪاوڙجنديون هيون ته چونديون هيون: ماريا ڏاڙهي ڪوڙيانءِ! هاڻي ته پنهنجي هٿ سان پاڻ کي سزا ڏيو ٿا.

ادا ڏاڙهي ته سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي هئي، اصحابن ۽ امامن کي هئي. جيڪڏهن ڏاڙهي سهڻي نه هجي ها ته الله تبارڪ و تعالىٰ پنهنجي نبيءَ کي نه عطا فرمائي ها، اهو قانون آهي ته پنهنجي محبوب ۽ پياري کي سهڻيون شيون ڏبيون آهن. ٻيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جو حڪم ۽ امر آهي: "وَاعْفُوْ اللِّحیٰ، خُذُوْا الشَّوَارِبَ". ٽيون ته وڏن طبيبن لکيو آهي ته جيڪو ڏاڙهي ڪوڙيندو ته هيترن سالن کان پوءِ انهيءَ جي مڙسي گهٽ ٿي ويندي. مولوي الله بخش پنجابي لالو

www.zikar.com



ڪوٽ وارو وڏو حڪيم آهي ۽ حڪيم اجمل خان جو شاگرد آهي. ان چيو ته اڪثر ماڻهن کي مردي گهڻ آهي ۽ اها بيماري عام آهي.

وڏيڪ پاڻ فرمايائون: جيڪو ظاهري شڪل بدلائيندو ته الله تعالىٰ ان جي باطن کي به بدلائي ڇڏيندو.

ادا اها پڪڙ آهي جو دنيادار ظاهر ۾ ته ڪرسيءَ تي چڙهيو وينو آهي، مگر اندر ڪٽي ڪوليوس ته سارو اندر رذل اتس ۽ حرص ۾ پريل آهي ته اجا بي دنيا به هجي. بيت

غم دین خور کہ غم غم دین است    ہمہ غمہا فروتر ازیں است

يعني غم دين جو کاءُ جو سڀ غم انهيءَ کان گهٽ آهن، پر جيڪڏهن غم دنيا جو کائيندين ته پوءِ ڪافر ۽ مسلمان ۾ ڪهڙو فرق؟

اي ادا! تون الله پاڪ کي نه وسار، الله پاڪ به توکي ڪڏهن نه وساريندو. آيت ڪريمه آهي: فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ يعني توهان مون کي ياد ڪيو ته مان توهان کي ياد ڪريان. الله پاڪ جنهن کي ياد ڪري ته ان کي پوءِ ڪهڙوخوف؟ ذڪر ڪرڻ سان دل اطمينان واري ٿيندي آهي.

أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ

يعني خبردار الله سائين جي ذڪر سان دلين کي اطمينان ملي ٿو. پر جيڪي ذڪر ڪندڙ نه آهن انهن جي دل متحير ۽ پريشان هوندي آهي. ڳوٺن ۾ وڃي سفر ڪري ڏسو، سڀ ماڻهو دردمند ۽ رذل آهن. رڳو شرم کان دانهون نٿا ڪن ۽ ڪپڙا نٿا ڦاڙين.

## دنيا جي محبت کان بچو

سکر شهر ۾ هڪ سيٺ هيو، هن فقير کي احوال ٻڌايائين ته منهنجو اهڙو حال آهي جو دنيا جي محبت ۽ سور

www.zikar.com



اهڙو آهي جو جيڪر لتا ڦاڙي جهنگ منهن ڪيان. وري دل کي آسرو ڏيان ته وڏو دوڪان آهي ۽ دنيا گهڻي آهي، پر سوداء ڪاٽي بيهڻ ڏئي؟ چوان ته اجا دنيا گهڻي هجي. اهي حال آهن دنيادارن جا. انهن جي دلين کي دنيا جي محبت چريو ڪري ڇڏيو آهي. اڳين قومن جون گناهن جي ڪري شڪليون بدلبيون هيون، پولا باندر ٿي ويندا هيا. هاڻي سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي محابي شڪليون نٿيون بدلجن. الله پاڪ سهڻي نبي ڪريم ﷺ سان واعدو فرمايو ته سندن امت کي پولا، باندر نه بنائيندو. پر باطن ۾ اندر ۾ صورتون تبديل اٿن. الله پاڪ جو قهر آهي جو اندر پيو چڪين.

ڇا پير ڇا مولوي، سڀ دنيا جا قتيل آهن. پير هٿ ڏگهو ڪيو "ڏي مريدا" لايون وينا آهن.

ادا سياڻا ٿيو، ڪو الله وارو ڳوليو ته توهان جي دل کي روشن ڪري. اڄوڪا زميندار (دنيا جي محبت ۽ سرڪشي ۾) فرعون کان گهٽ ڪونه آهن، پر انهيءَ جيتري طاقت ڪانه اٿن، موچڙن جي خوف کان پاڻ کي خدا نٿا سڏائين. بزرگ فرمايو آهي: بيت

نفس ما را کمتر از فرعون نیست ليک اورا عون مارا عون نيست

معنيٰ: اسان جو نفس فرعون کان گهٽ نه آهي، پر ان کي دنيوي طاقت هئي، اسان کي اها نه آهي.

نه ته اهي زميندار به پاڻ کي خدا سڏائين ها پر اها طاقت نه اٿن، باقي باطن سو هڪ جهڙو اٿن، ڪو فرق نه آهي.

مثال: هڪ چور هيو بي عقل، زميندار جي عزت نه ڪندو هيو ۽ چوندو هيو ته مون کي فلاڻو زميندار ڇا ڪندو؟ پر ايترو به زميندار نه سَنو ۽ صوبيدار سان ملي ڪري ڇهه مهينا جيل ڏيارياڻينس. پوءِ ان جاهل ڦڙجي جيل مان چوائي موڪليو، بيهه ته مان جيل مان نڪران ته پاڻهي خبر لڳندئي. نيٺ جيل مان نڪتو ته زميندار وري به جيل ڏياري ڇڏيس، ته

www.zikar.com



۽ انهيءَ جو اهو حال. آخر تئين پيري اهڙو ڪوڙو ڪيس ڪيائينس جو ان جي اها خبر ۽ نہ پئي تہ ڪهڙي جيل ۾ آهي. حالانڪ اهو چور زميندار کي گاريون بہ نہ ڏيندو هيو، رڳو اهو چوندو هيو تہ زميندار مون کي ڇا ڪندو ۽ زميندار انهن لفظن تي اهڙو تہ ڪاوڙيو جنهن جي ڪا حد نہ رهي.

## دوستي جي لائق الله وارا آهن

هن فقير(پير مٺا) سان هڪ زميندار جي محبت ۽ دوستي هوندي هئي. ان جي مون سان ايتري تہ محبت هئي جو هن فقير لاءِ ليلا نالي هڪ گهوڙي خاص مقرر ڪري ڇڏيائين. اسان جي ڳوٺ کان ٻہ ميل ڪن جي مفاصلي تي ان جو ڳوٺ هيو، پوءِ والد صاحب جن مون کي ٻي طرف ڪڏيو جيئن ان جي صحبت ۾ نہ اچي نہ وڃي.

ادا مسلمانو! الله پاڪ کان ڊڄو، ٻين کان جيتري بي پرواهي ڪندؤ اوترو اوهان کي غِنا (بي پرواهي) حاصل ٿيندو، ۽ دوستي اهڙي ماڻهو سان رکو جيڪو توهان کي دنيا جي محبت کان ٿڏو ڪري ۽ الله پاڪ جي محبت ۾ چست ڪري. ذڪر ڪمايو تہ سڀ مرض هليا وڃن، اها ذڪر جي خاصيت آهي. قدسي حديث شريف ۾ آهي:

"مَن شَغَلَه ذِكري عَن مسئَلتي اَعطيتُهٗ خيرًا مِن السَّائِلِين".

يعني جيڪو شخص رات ۽ ڏينهن ذڪر ۾ مست آهي ۽ سوال ڪرڻ جي بہ فراغت ڪانہ اٿس تہ انهيءَ کي سوال ڪندڙن کان ڀلو ڏيندس.

رب سائين فرمايو:

فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُم

جڏهن الله پاڪ اسان کي ياد ڪري تہ پوءِ تشويش ۽ پريشاني ڇا جي؟

www.zikar.com



پوءِ جيڪي مون کان بچن مسافرن کي يا ڇوڪرن (شاگردن) کي ڪارائيندو آهيان.

هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪرو ٻاجهري جي اَن جي ڳنڊ کڻي آيو. انهيءَ کي چيائين تہ ڇوڪرا ٻاجهري ڇو آندي اٿئي؟ چيائين تہ سائين اسان انَ جي ٻار (ديرو) ڪنئي تہ منهنجي والد صاحب مون کي هيءَ ٻاجهري جو اَنُ ڏنو تہ فقير صاحب کي خدا ڪارڻ ڏئي آ٫. فقير صاحب چيس: مون توهان ڏي چورائي تہ ڪونہ موڪليو هيو؟ ڇوڪري جواب ڏنو تہ نہ سائين. ڇوڪري کان اهو پڇي ڪري هن فقير کي ٽي ٻڌايائين تہ مون کي ڪا لالچ طمع نہ آهي. ان وقت فقير چيو ڏنئي، منهنجي چوڻ کان سواءِ آندائين، الله پاڪ ائين ڏيندو آهي.

هن فقير نندپڻ کان وٺي توڪل جو سبق فقير عبدالله کان سکيو ۽ پچايو (عمل ڪيو). توهان بہ انهيءَ کان توڪل جو سبق سکو. ميان عبدالله ڳالهہ ڪئي تہ هڪ مسافر عورت مون وٽ آئي ۽ بہ ٽي ڏينهن ٽڪي پئي. پوءِ چيائين تہ مان رنڙ آهيان، مون سان شادي ڪرين تہ مان حاضر آهيان. مون چيو تہ منهنجي آهي پيجاڙي، پيجاڙي ۾ شيطان کي وجهہ نہ ڏيار، ٻيا شاهد ڳوٺ جا وٺي آءُ تہ پوءِ توسان شادي ڪندس. پوءِ انهيءَ عورت شهر جي زميندار کي چيو. اهو خوشيءَ سان آيو ۽ شاهدي ڏنائين تہ برابر هيءَ عورت رنڙ آهي، ڀلي توهان هن سان شادي ڪيو. پوءِ انهيءَ عورت سان شادي ڪيم. فقير عبدالله چيو تہ آئون هتي نندي ڳوٺ ۾ جمع نماز پڙهائيندو آهيان، جو مون کي پير اجازت ڏني آهي. هن فقير ان کان سندس پير جو ڪونہ پڇيو اهو ڪٿان جو آهي. ٻاڻ ڳالهہ ڪيائين تہ هڪ مولوي ههڙي شڪل ۽ صورت سان گهوڙيءَ تي چڙهي آيو ۽ مون کي ڏاڍو سخت سست چيائين ۽ گهڻ وڏ ڳالهايائين تہ تون هتي جمعي جي نماز ڪيئن ٿو پڙهائين. مون چيو تہ آئون تنهنجي چوڻ تي ڪونہ مڙندس جو مون کي پنهنجي پير اجازت ڏني آهي (پنجاب ۾ ننڍن ڳوٺن ۾ جمعو نہ

www.zikar.com



پڙهائيندا آهن). هن فقير مولوي جي سيرت، صورت ٻڌي سڄاتو. ان جو نالو مولوي محمد موسىٰ هيو. واعظي هيو، طبيعت جو چيڙاڪ هيو، پر فقير جي استقامت ڏسو، نماز ٻه پاڻ پڙهائيندو هيو توڙي جو کهڙو ٻه مولوي اچي. قرآن شريف سادو پڙهندو هيو.

# پير جو لنگر

حضرت قبلہ عالم (حضرت پير منارحمةالله) جن فرمايو ته منهنجو پهريون پير سپ کنهن کي لنگر کارائيندو هيو، پر پهريائين سيني کي نفل پڙهائيندو هيو. جيڪو نفل نه پڙهندو هيو، انهيءَ کي لنگر نه ملندو هيو. کي ماڻهو ماني واسطي نفل پڙهندا هيا. بزرگ جو شايد اهو خيال هيو ته بي نمازيءَ کي ماني کارائڻ مناسب نه آهي تنهن ڪري انهن کان نفل پڙهائيندو هيو، جيئن اهو بار ٻه لهي وڃي، پوءِ پڙهن يا نه.

پيو ته پير قطب الارشاد هيو، جنهن جي فيض جو نمونو هتي وينا ڏسو. سندن خدمت اقدس ۾ سواءِ عرب شريف جي ساري دنيا جا ماڻهو ايندا هيا. افغانستان، هندوستان ۽ ڪاٺياواڙ جا جام ايندا هيا ۽ لنگر عام هلندو هيو. چندو اُصل ڪونه هوندو هيو. لنگر ۾ رات ڏينهن ماني هلندي هئي. اسان ٻه اڳي ماني ڪندا هياسون، پر پوءِ سنڌين صلاح ڏني ته سنڌ جا ماڻهو هڪ وقت ضرور پيت ڪائن ٿا، تنهن ڪري لنگر ۾ هڪ وقت يعني رات جو پيت شروع ڪيوسين.

هاڻي الله وارن جو شان ڏس ته هتي ٻه انهيءَ جوان جو رنگ لڳو پيو آهي. لک کان وڌيڪ جماعت آهي پر ڪو چندو ڪونه آهي.

www.zikar.com



## اسان جو ڏاڏو بزرگ بہ هيو ۽ زميندار بہ

پاڻ فرمايائون تہ هن فقير جو ڏاڏو وڏو بزرگ هيو. انهيءَ جو شجرو موجود آهي. انهيءَ بزرگ جي هزارين جريب زمين ملڪيت هئي. اها سڀ هاڻي خليفن وٽ آهي، سندن گاديءَ تي بہ اهي ويٺل آهن، اسان جي وڏن انهن کي ڏئي ڇڏي. اجا تائين اسان وجون تہ چوندا آهن تہ توهان اسان تي احسان ۽ تورو ڪيو آهي جو اسان کي گادي ۽ ملڪيت ڏني اٿوَ.

## اسان ذات جا چنڙ آهيون

فرمايائون: هي فقير ذات جو چنڙ آهي. جيڪڏهن ڪو ويسر پل ۾ سيد سڏي تہ اها ان جي پل آهي. آئون سيد نہ آهيان بلڪہ سيدن جو غلام آهيان. مخالف ڪاوڙ مان چنو سڏين ٿا، شايد هتي سنڌ ۾ چنو موچي کي سڏيندا آهن. اسان جي ملڪ ۾ چنن جي وڏي قوم آهي ۽ وڏا زميندار، ملڪيت وارا آهن.

هن فقير جا وڏا ستن پيڙهين کان وني عالم آهن. پلا ٻڌايو تہ موچي بهشت ۾ نہ ويندو؟ سهڻا عمل ڪندو تہ بهشت ۾ ويندو، بلڪہ اهي ملان دوزخ ۾ ويندا جيڪي قرآن ڪريم کي وڪڻن ٿا. حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنہ ڪورڪو ڪم (ڪپڙا تيار ڪرڻ) ڪندو هيو، ادا پوءِ ڏس تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي ڏاچي انهيءَ جي دروازي تي اچي گوڏا کوڙيا. حضرت ابو ايوب رضي الله عنہ اهڙو بخت وارو جوان هيو جو انهيءَ جي بخت سان ساري دنيا ۾ ٻيو ڪو انسان نہ تو ملي.

www.zikar.com



# ڪنهن جي توهين نہ ڪجي

ادا ٻئي جي توهين ڪرڻ سخت گناہ آهي. الله تبارڪ و تعالىٰ فرمايو آهي:

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ (المنافقون)

معنىٰ تہ عزت الله ۽ ان جي رسول ۽ مؤمنن جي آهي. مؤمن ڪهڙي بہ ذات جو هجي. ڏسو شيطان هن جماعت تي ڪيئن ٿو سڙي.

# عالم نما جاهل

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله فرمايو آهي تہ جيڪو عالم الله وارن جي صحبت ۾ نہ ٿو ويهي، اهو جاهل وانگر آهي. مگسي قيصر خان توهان جي سنڌ جو هيو، ڪوٽ منڻ وارن بزرگن جو مريد هيو ۽ ديوان صاحب ملتان وارو ذات جو سيد هيو، اهو بہ ڪوٽ منڻ وارن جو مريد هيو. جڏهن تہ ڪوٽ منڻ وارو بزرگ ذات جو قريشي هيو.

ادا مولوي صاحب! تون منهنجي پير جي هن فيض کي لوڙهو پيو ڏين. هي فيض ڪنهن لوڙهي سان بند نہ ٿيندو. هي فيض سهڻي نبي پاڪ ﷺ جو فيض آهي، هن وجي جبل ڪنيا. قلات، لسٻيلي ۽ بنگال بہ وڃي پهتو. بيت

هر ڪجا کہ بود چشمہء شیریں مردم و مور و مرغ گرد آیند

يعني جنهن جاءِ تي مٺو چشمو هوندو آهي انهيءَ جاءِ تي ماڻهون ۽ ڪوليون پکي گڏ ٿيندا آهن.

اولياء الله جي مخالف مولوين جي صحبت کان بچو، پرهيز ڪيو. جيڪو انهن جي صحبت ۾ ويو سو ڇٽو.

www.zikar.com



## حضرت غوث الاعظم محبوب سبحاني رحمة الله عليه

## ۽ حضرت امام رباني رحمة الله عليه

اهي اهل الله جيڪي خانقاهن جا صاحب آهن، ڇا اهي سڀ جٽ هيا؟ نه نه، بلڪ اهي سڀ عالم هيا. پهريائين علم پڙهيائون، پوءِ الله وارن جي خدمت ۾ وڃي رهيا. حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلانيرحمةالله حسيني سيّد هيو. پاڻ وڏا عالم هيا. حضرت امام ربانيرحمةالله سرهندي فاروقي هيا ۽ وڏا عالم هيا. حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيرحمةالله پنهنجي دستار مبارڪ پيٽي ۾ محفوظ فرمائي هيءَ وصيت فرمائي ته يارهين صديءَ ۾ هن نالي سان سرهند ۾ هڪ جوان پيدا ٿيندو، هيءَ دستار انهيءَ کي ڏجو. پنهنجي پٽن کي فرمايائون اوهان پنهنجي اولاد کي اها وصيت ڪجو، اهي وري پنهنجي اولاد کي اها وصيت ڪن. پوءِ جنهن وقت حضرت امام ربانيرحمةالله پيدا ٿيو، پاڻ پنهنجي گادي نشين صاحبزادن کي خواب ۾ حڪم فرمايائون ته وڃو اها امانت سرهند شريف پهچايو. هنن پرواهه نه ڪئي. وري ٻي رات خواب ۾ حڪم ٿين، ته به خيال نه ڪيائون، ته ٽين رات انهن کي تنبيه فرمايائون. پوءِ گادي نشين صاحب دستار مبارڪ کڻي سرهند ڏانهن روانو ٿيو ته حضرت امام ربانيرحمةالله کي الهام ٿيو ته بغداد شريف مان سجاده نشين صاحب دستار مبارڪ کنيو ٿو اچي. پوءِ حضرت امام ربانيرحمةالله انهن جو استقبال ڪيو.

## ڍرڪي جا ماڻهو

فرمايائون: هي فقير پهريائين تبليغ جي لاءِ ڍرڪي آيو. اتي جا ماڻهو اهڙا سخت ۽ بي مروت هجن، جو هڪ ملان کان

www.zikar.com



پڇا ڪيم ته مسجد شريف ڏي ڪاڏهون وڃا ته ڪاوڙ مان جواب ڏنائين: اهو تئي رستو، ٻيو ڪاٿئون ويندين. شايد اهو ملان چندي وارن مولوين جو ستايل هيو. آخر مسجد وٽ پهچي وضو لاءِ ڪؤنرو ڪٿي آيس ته هڪ عورت کوه مان پاڻي ٽي پريو. کوه مسجد جي سامهون هيو. پاڻي ڪڍڻ وارو ٻوڪو (ڏول) مائي جي هٿ ۾ هيو. انهيءَ کي چيم ته مائي وضو ڪرڻ لاءِ ڪؤنري ۾ پاڻي وجهي ڏي، جواب ۾ چيائين: هٿ ڪونه ٿئي چا؟

دل ۾ چيم خدايا! تون پناه ڏي. هتي جا ماڻهو ته ڏاڍا سخت آهن، آئون هنن کي ڪيئن تبليغ ڪندس؟ ملان جو اهو حال ته اڻ پڙهيلن جو ڪهڙو حال هوندو؟ اجا جو مسجد ۾ وڃان ته چمڙن جي ونين جي اهڙي ته بدبو هجي جو بيهي نه سگهجي. وري جو مسجد ۾ اندر نهاريان ته ڪتي ڪنڊ ۾ ٻچا ڪيو ويٺي آهي. مون کي ڏسي، سڌي مون ڏي اُلر (حملو) ڪري آئي. هن فقير کي به لٺ هٿ ۾ هجي، ڪٿي سڌي ڪئي مانس. پوءِ لٺ ڏسي پوئتي هٽي. مسجد کي ٻئي طرف کان دري هجي، انهيءَ دري مان ٻاهر نڪتس. دل ۾ چيم ته هن ڳوٺ مان هليو وڃان جو مسجد جو هيءُ حال آهي، ۽ ماڻهو اهڙا بخيل آهن جو چڱي طرح جواب ئي نٿا ڏين. اجا ٻاهر نڪتس ته پلجي وڃي گهرن ۾ پيس. مان صحن ۾ پيو ڦران، عورتون پيون ڏسن، پردو ڪونه هجين، پر رستو ڪونه پيون ڏسن. پوءِ وري ساڳي دري مان مسجد ۾ داخل ٿي ٻي پاسي کان ٻاهر نڪتس ته هڪ ٻيو ملان گهٽيءَ ۾ مليو جيڪو ٻي مسجد ۾ نماز پڙهندو هيو. پوءِ اهو گهر وٺي ويو، رات رهايائين ۽ ذڪر به پڇيائين. ڏاڍي محبت پيدا ٿيس. ٻين کي به ذڪر پچرايائين. ان ملان جو پٽ بيمار هيو، بيماري به ڏاڍي ڏکي هيس، ان لاءِ لوڻ پڙهايائين. لوڻ استعمال ڪرڻ سان اهو خوش ٿي ويو. پوءِ ته ٻين ماڻهن ۾ به احساس پيدا ٿيو ۽

www.zikar.com



چيائون تہ هي فقير تہ ڪو بزرگ ماڻهو هيو، اسان انهيءَ جو قدر نہ ڪيو. ٻئي دفعي وڃڻ بعد تہ محبت ۾ مست ٿي ويا.

## جادوگري جو الزام

انهن مان هڪ نوجوان عاشق آباد شريف اچي پهتو. ڏاڍي محبت هجيس جو ڳوٺ رهڻ نہ آيس. انهن ڏينهن ۾ حضرت پير قريشي صاحب سنڌ ڏانهن اچڻا هجن، انهيءَ ڪري ان نوجوان نينگر کي صلاح ڏنم تہ منهنجو پير سنڌ ڏانهن اچڻو آهي، تون درگاه مسڪين پور شريف سندن خدمت ۾ دعوت جو عرض ڪر تہ جيئن ساري ڳوٺ کي رنگ لڳي وڃي. پوءِ اهو نوجوان مسڪين پور شريف، حضرت قبلہ عالم قلبي و روحي فداه جن کي دعوت عرض ڪري ويو. پوئتان سندس والد آيو، ڏاڍو ڪاوڙ سان پريل هجي ۽ چوي پيو تہ تون ڪو جادوگر آهين جو منهنجي پٽ کي جادو هڻي مست ڪري ڇڏيو اٿئي. هن فقير کي ان سان ڏاڍو خلق ۽ پيار ڪرڻو پيو. ماني چڱي طرح کارائي مانس، هنڌ بسترو ڏنومانس ۽ پيارسان چيومانس تہ ڪو فڪر نہ ڪر، تنهنجو پٽ سياڻو آهي، اجهو آيو. حضرت صاحب جن کي دعوت ڏيڻ ويو آهي. هن فقير تہ توهان سان سڄڻائپ ڪئي آهي، جيئن توهان جو سارو ڳوٺ سڌري، نيڪ ۽ باخدا ٿئي. پوءِ ڳالهہ سمجهہ ۾ آيس ۽ متفق ٿيو، ۽ حضرت قبلہ عالم جن انهيءَ ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا. ايتري مهرباني ٿي جو سارو ڳوٺ نمازي ٿي ويو، انهيءَ مسجد شريف کي صاف ڪيائون، ٻانگو ۽ امام مقرر ڪيائون ۽ جماعت سان نماز پيا پڙهن.

## جذبو ۽ جادو

حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جن ڳوٺ وارن کي فرمايو تہ هتي هڪ فقير اچي جذبي جو دوڪان ڪيندو. هي

www.zikar.com



فقير (حضرت پير مٺاﷺ) انهيءَ وقت اتي موجود ڪونہ هيو. پوءِ ٿيو بہ ائين، حضرت قبلہ عالم جن جي پيشين گوئي صحيح ثابت ٿي. (اتي جذبو ڪثرت سان ٿيڻ لڳو) ايتري قدر جو مسجد شريف جي دروازي تي پاڻي جي کوهي هوندي هئي، ماڻهو جو پاڻي پرڻ اچن تہ ڪنڌ هيٺ ڪري ۽ منهن ڍڪي اچن تہ متان فقير تي نظر پوي ۽ ان جو جادو اثر ڪري وڃي. شهر جو وڏيرو بہ جيڪڏهن مسجد شريف ۾ نماز پڙهڻ اچي تہ صلوٰة سڄوري ڏاڍيان پڙهندو اچي. هن جو گمان هيو تہ صلوٰة شريف پڙهڻ ڪري جادو اثر نہ ڪندو.

هڪ دفعي ٻي شخص هي بحث ڪري آيا تہ اسان فقير جي جماعت ۾ وڃون ٿا، ڏسون تہ جذبو ٿئي ٿو، اسان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، جن مان هڪ نالي عبدالغني ۽ ٻيو رحمت الله جيڪو هاڻي هتي رحمت پور ۾ بہ رهي ٿو، ٻيون بہ هڪ شخص هيو. هن فقير کي اڳ ۾ ئي اها ڳالهہ ٻڌايائون هي ٻي شخص اچن ٿا ۽ چون ٿا تہ ڏسون تہ فقير ڪيئن ٿو اسان کي ٽپا ڏياري. پوءِ جنهن وقت عبدالغني مسجد شريف ۾ (ذڪر جي) حلقہ جي قريب آيو تہ اهڙو جذبو ٿيس جو جيئن پاڻيءَ ۾ ٽپي هڻبي آهي تيئن حلقي اندر زمين تي مٽي پر ٽپي هنيائين. انهيءَ کان پوءِ رحمت الله سان بہ اها حالت ٿي. ٽين ماڻهوءَ سان بہ ساڳي حالت ٿي. رحمت الله فقير تي سالن گذرڻ بعد بہ اجا تائين روئڻ جي حالت غالب هوندي آهي. فقير رحمت الله موجود آهي، انهيءَ کان پڇي سگهو ٿا.

۽ اهو ملان جنهن چڳي طرح ڊڳ (رستو) نہ پئي ڏسيو ۽ رهڙ ڏئي جواب ڏنائين، ان جي سيني گهروارن کي جذبو ٿيندو هيو. سندس گهرواريءَ تي جذبي جي اهڙي حالت جو پردي مان ٻاهر نڪري آئي ۽ جنهن عورت ڪڏهن بہ نہ پئي پري ڏنو انهيءَ تي اٺ اٺ پهر جذبو هوندو هيو، ۽ اها خاوند بخش فقير جي پيڻ هئي جيڪا پوءِ ڏاڍي پشيمان ٿي هئي.

www.zikar.com



## امروٽيءَ جو مريد

عبدالواحد نالي اتي هڪ فقير هيو جنهن ٻڌايو ته آئون امروٽي بزرگ وٽ پندرهن سال رهيس ته به مون کان حسن پرستي جو مرض نه ويو، ۽ منهنجي اهڙي حالت هوندي هئي جو جيڪا به عورت ڏسان ته ضرور بيهي رهان ۽ انهيءَ ڏانهن نظر ڪيان. الحمدلله جو هاڻي (حضرت پير منارحمةالله عليه جي مريد ٿيڻ بعد) انهيءَ مرض جي پاڙ ئي پٽجي وئي آهي. حالانڪ امروٽي بزرگ وٽ حياتي گذاريم، مون کي شادي به انهيءَ ڪرائي هئي.

حضور قبلهٔ عالم جن وڌيڪ فرمايو ته امروٽيءَ جو وڏو خليفو، خدمت ۾ گهڻو رهندڙ مولوي غلام رسول شيخ جي تڪ جو رهندڙ هيو، امروٽي جي وفات کان بعد هن جماعت ۾ داخل ٿيو ۽ پنجاب ۾ اچي ذڪر پچيائين.

## بيعت ثاني ضروري آهي

هي تصوف جو مسئلو آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن بزرگ جو مريد ٿيو ۽ اجا ڪينو، حسد ۽ ٻيون اندر جون بيماريون رهيل اٿس جو اهو بزرگ وفات ڪري ويو ته هاڻي اهو شخص ٻئي بزرگ وٽ وڃي باطني علاج مڪمل ڪرائي. پر جيڪڏهن باطني امراض ختم ٿي ويا آهن ته پلي ٻئي بزرگ وٽ نه وڃي جو پاڻ ڪامل ٿي ويو آهي. باقي اڌورو مريد (جنهن جي باطني اصلاح مڪمل نه ٿي آهي) ايئن آهي جيئن ڪو طالب پندرهن سيپاره قرآن شريف جا هڪ استاد وٽ پڙهيا هجن ۽ اهو استاد فوت ٿي وڃي ته اهو شاگرد ضرور ٻئي استاد وٽ ويندو ۽ پنهنجي قرآن شريف جي تعليم مڪمل ڪندو. اهڙي طرح هي ناقص مريد به ٻيو ڪامل پير ڳولي. پير قل سڳين (ڏاڳن ڦيٽڻ) واسطي ڪونه ونبو آهي،

www.zikar.com



پير ونبو آهي دل سڌارڻ لاءِ. مريد اڳي اوجهڙ ۾ هلندو پيو وتي، هاڻي پير ان کي سنئين رستي تي بيهاريو. اڳي سڌي سڙڪ دوزخ جي وٺيو پي ويو، پير ان کي بهشت جي روڊ تي بيهاريو. عام ماڻهن کي ان ڳالھ جي خبر ئي نہ آهي.

## حضرت پيران پير رحمة الله عليه

حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله چار پير ورتا هيا. هڪ پير کان باطني شيءِ ۽ نعمت وٺي جنهن وقت ڳوٺ پهتو تہ خبر پئي تہ ٻيءِ بزرگ ان کان وڌيڪ فيض وارو آهي. پوءِ اوڏانهن ويو ۽ ڪيترو عرصو ان بزرگ جي خدمت ڪري انهيءَ کان بہ باطني نعمت حاصل ڪيائين. پوءِ جنهن وقت اتان واپس آيا، ٻڌائون تہ ٽيون بزرگ انهيءَ کان بہ وڌيڪ آهي تہ وري انهيءَ وٽ ويا. پوءِ جنهن وقت انهيءَ بزرگ وٽ پهتا تہ ان باطني نظر سان ڏٺو تہ هي ٻن بزرگن جي شيءِ (فيض) اڳي ئي وٺيو وينا آهن، سو جلدي پنهنجي اها شيءِ بہ کين عطا ڪري ڇڏيائون. وري جنهن وقت واپس آيا تہ ٻڌائون تہ چوٿون بزرگ حضرت ابوسعيد مخذومي رحمة الله جو شور لڳو پيو آهي. پوءِ وري تياري ڪري اوڏانهن روانا ٿيا. واٽ تي بہ ڇڙا پيا مليا. پاڻ انهن کان احوال ورتائون جن مان هڪ چيو تہ آئون بزرگ سان مناظرو ڪرڻ ٿو وڃان، ٻئي چيو تہ آئون مناظرو ڏسڻ لاءِ ٿو وڃان. پاڻ فرمايائون آئون بہ بزرگ کان فيض وٺڻ ٿو وڃان.

## بزرگن جا مشرب

بزرگن جا ٻہ قسم هوندا آهن. هڪڙا جلالي، اهي موسوي المشرب هوندا آهن، ۽ ٻيا جمالي (نرم مزاج). هي بزرگ هيو موسوي المشرب، سو ملان کي چيائين تون اسان کي

www.zikar.com



سمجهائڻ آيو آهين، وچ بدبخت بي ايمان ٿي مرندين. پوءِ پنهنجي فقيرن کي چيائون ته هن بدبخت کي ڪڍي ڇڏيو. آخر اهو ملان هڪ عيسائڻ عورت تي عاشق ٿي پيو. انهن چيو ته تون اسان جو مذهب قبول ڪر ته عورت توکي ڏينداسين. پوءِ اهو عورت جي ڪري مرتد ٿي ويو.

پوءِ بزرگ ٻئي ڪان پڇا ڪئي. ٻئي چيو ته آئون توهانجو مناظرو ڏسڻ آيو هيس. انهيءَ کي فرمايائون، وڃ تون سدائين مرض ۾ گرفتار رهندين.

آخر ۾ حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه کان دريافت فرمايائون. پاڻ جوابًا فرمايائون آئون حضرت جن جي زيارت ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. ان بزرگ باطني نگاه سان ڏسي حضرت محبوب سبحاني کي فرمايو: تون ته ڏاڍو حريص آهين، جتي به ڪو بزرگ ٻڌين تو ته اتي وڃين تو. هاڻي آئون توکي اهڙو پُر ڪندس جو ڪنهن وقت چوندين "قدمي هٰذه علی رقبة کل ولی الله" (منهنجو هي قدم هر وليءَ جي مٿان آهي). پوءِ ٿيو به ائين. (نوٽ: جامع ڪرامات صفحه 202 ۾لکيل آهي ته حضرت ابوسعيد مخزومي عليه الرحمة کين اهو ولايت جو خرقو ڍڪايو جيڪو رسول الله ﷺ جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان حضرت علي رضي الله عنه کي ڍڪايو هيو.)

هڪ وقت حضرت پيران پيرؒ وعظ مبارڪ فرمائي رهيا هيا ته حضرت خضر عليه السلام جو مٿان گذر ٿيو ته پاڻ نصيحت ڪندي فرمايائون: "يا بني اسرائيلي اسمع کلام محمدي" (اي بني اسرائيل جا بزرگ، اچ اچي محمدي بزرگ جو ڪلام ٻڌ). هاڻي ڏسو حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله کي گهڻن پيرن وٽڻ مان فائدو پيو يا نه؟

## عورتون سنهون ڪپڙو نه پائين

تاريخ 25 ڏينهن جمع نصيحت ڪندي فرمايائون:

www.zikar.com



جاري وارو ڪپڙو مردن کي ڍڪڻ جائز آهي، ان مان قميص ڪري سگهجي ٿي جو مردن جي اوگهڙ ڌُن کان وٺي گوڏن تائين آهي. باقي عورتن کي جاري وارو ڪپڙو ڍڪڻ جائز نہ آهي، جو عورت جو سارو بدن اوگهڙ آهي. ۽ وڌيڪ فرمايائون تہ عورت کي بہ عورت جي اوگهڙ ڏسڻ جائز نہ آهي.

## سادات سان مون کي محبت آهي

تقرير دوران فرمايائون: سيدن کي سيّد، سيّده بيبي خاتون جنت رضي الله عنها جي ڪري سڏيو وڃي ٿو جو بيبي صاحبہ جو لقب آهي "سيدة النسآء في الجنة". يعني بيبي سائڻ جنت ۾ سيني عورتن جي سردار هوندي. سيّد جي معنىٰ آهي سردار، بزرگ ۽ وڏو. باقي سيد اصل قريشي آهن. سيد لقب بيبي خاتونِ جنت رضي الله عنها جي ڪري ملين. ڏسو ڪٿي حضرت علي ڪرم الله وجهه کي بيبي سائڻ کان سواءِ ٻين بيبين مان بہ پٽ هيا، انهن کي سيد نٿو سڏيو وڃي. انهن جا نالا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان هيا رضي الله عنهم. انڪري اسان جو اهو سوال آهي تہ جيڪڏهن حضرت علي سائين ڪرم الله وجهه جا ٽي يار دشمن هجن ها تہ انهن جا نالا پنهنجي اولاد تي نہ رکي ها. سيّد هن فقير کي پيارا آهن ۽ دل ۾ انهن جي سخت محبت آهي.

## خداوارن جي تعريف خدا جي تعريف آهي

تاريخ 26 جمادي الثاني 1380هجري جمعي جي ڏينهن پاڻ نصيحت ڪندي فرمايائون تہ ڪو سج جي تعريف ڪري تہ سج نڪتو تہ ملڪ ۾ روشنائي ٿي وئي ۽ ملڪ مان اونداهي هلي وئي، ۽ سج ڏاڍو روشن آهي، تہ اها ڪنهن جي تعريف آهي؟ حقيقت ۾ اها تعريف سج جي نہ بلڪ الله تعالىٰ جي آهي

www.zikar.com



جنهن سچ کي اهڙو روشن خلقيو. اهڙي طرح مسجد جي تعريف ڪيو تہ هيءَ مسجد پنجن گنبذن واري آهي ۽ اڏاوت ڏاڍي سهڻي اٿس، جو سڀ گنبذ هڪ جيڏا آهن، تہ حقيقت ۾ اها تعريف مسجد جي نہ پر مسجد ٺاهيندڙ ڪاريگر جي آهي.

## الله وارن جي تعريف ڪُلي ڪيو

اهڙي طرح جيڪو الله واري جي تعريف ڪري ۽ چوي تہ غوث الاعظم آهي، پيران پير دستگير آهي تہ اها حقيت ۾ الله تعالىٰ جي تعريف آهي، جنهن ذات انهيءَ الله واري کي اهڙو بنايو آهي.

بيشڪ پير جي تعريف رات ڏينهن وينا ڪيو ۽ پير منا پير منا ڪيو. ڇاها نہ ٻڌجو ۽ ڪُمي نہ ٻڌجو، جيئن ڇاهي يا ڪميءَ کي ڪو شخص ڪجهہ چوي يا ڪا شيءِ ڏيکاري تہ منهن ڪٽي لڪائيندو آهي.

توهان مرد ٻڌجو. پير جي تعريف خود الله پاڪ جي تعريف آهي. ڇاهي ۽ ڪُميءَ وانگر ڪنهن جي طعني تي منهن نہ لڪايو. ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ پير جي تعريف ٿا ڪن، ڪفر ٿا ڪن. ادا اهو ڪفر نہ آهي (ان کي چئو) اها تنهنجي اکين ۾ ٽيڏ آهي، ان ڪري توکي ٻہ نظر اچن ٿا. اهو ٽيڏ ڪيراءِ ۽ دوا ڪراءِ تہ هڪ جي تعريف نظر اچئي. الله واري جي تعريف، الله پاڪ جي تعريف. بيت

مداحِ خورشید مداحِ خدا ست      وصف کردن اولیا راهم رواست

(يعني سج جي تعريف ڪندڙ حقيقت ۾ خدا جي تعريف ڪندڙ آهي، اهڙي نموني الله واري جي تعريف ڪرڻ بہ جائز آهي).

منهنجي پير (حضرت فضل علي قريشي رحمۃ اللہ) جي جماعت ۾ هڪ فقير هيو، سدائين محبت مان پيو چوندو هيو: ميڏا پير، ميڏا پير. رڳو نماز ۽ کائڻ جي وقت بس ڪندو هيو.

www.zikar.com



هن فقير انهيءَ کي ڪجھ اکر وڌائي ڏنا تہ هيئن چئو: ميڏا پير ڪنڌ ڪير، مکڻ ماکي ڪنڌ ڪير. ٻيا فقير انهيءَ ويچاري کي مارين ۽ چون تہ اسان کي بہ شامل ڪر ۽ چئو اساڏا پير. پوءِ جنهن وقت ڪنهن فقير کي ڏسي تہ چوي اساڏا پير، اساڏا پير، ۽ جنهن وقت اڪيلو ٿئي ۽ ڪنهن کي نہ ڏسي تہ ساڳيو ميڏا پير ميڏا پير چوي.

## هڪ مفتي جي فتويٰ ءِ ان جو رد

منهنجي پير تي پنجاب جي هڪ عالم ۽ مفتي فتويٰ ڏني. پير علي اڪبر شاه وڏي عمر وارو هيو، ماڻهن جي چوڻ ۽ ٻڌ سُڌ تي فتويٰ ڏني تہ اهو مذهب جو مرزائي آهي. انهيءَ مولوي جي ساري پنجاب ۾ شهرت هجي. ماڻهن ان جي فتويٰ کي صحيح سمجهيو ۽ اها ڳالهہ سچي سمجهيائون. پوءِ حضور قبلہ عالم جن جي جماعت ۾ جيڪي مولوي عالم هيا، انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هلي هن بزرگ کان انهيءَ جو سبب پڇون ۽ ان کي غلطي تي واقف ڪيون. پوءِ ڇھ مولوي ٻيا ۽ هي فقير(پيرمٺا)، مولوي تہ ڪونہ هيس مگر انهن جي لڙهي ۾ داخل هيس. پوءِ جنهن وقت اتي وياسين تہ پڇيوسين، شاه صاحب ڪٿي آهي، انهيءَ سان ملنداسين. چيائون تہ اهو پيرسن آهي، ٻاهر ڪونہ ايندو آهي. فرض نماز بہ گهر ۾ پڙهندو آهي. اسان چيو تہ پلا پردو ڪرايو تہ اسان اندر گهر هلي ملونس. پوءِ انهيءَ جو پٽ مولوي نور احمد نالي اندر ويو ۽ وڃي ٻڌايائينس تہ ڇھ ست مولوي توهان جي ملاقات لاءِ آيا آهن. پوءِ شاه صاحب لٺ جي ٽيڪ تي ٻاهر آيو ۽ سندس پٽ ڪٽون وڇيون. پاڻ بہ کٽ تي ويٺو ۽ اسان بہ کٽ تي ويناسين. حال احوال ورتائين. اسان مان هڪ مولوي ڳالهائڻ جو چالاڪ هيو، سو چيائين تہ توهان جو اسان جي پير تي فتويٰ مرزائي هجڻ جي ڏني آهي انهيءَ جو ثبوت؟ مولوي

www.zikar.com



علي اڪبر شاھ جلالي سيد ھيو، سو ڪاوڙ مان جواب ڏنائين تہ توھان مولوي چالاڪ آھيو ۽ ماڻھن کي گمراھ ڪندا ٿا وتو. ھي مولوي بہ جوشيلي مزاج جو ھيو سو تمام گھڻو پاڻ ۾ ٽپي ويا. مولوي شاھ صاحب کي چيو تہ پاڻ کي مفتي ٿو سڏائين، منھنجي اڳيان عبارت تہ پڙھ. ھڪ اکر بہ پڙھي نہ سگھندين تہ جواب ۾ مولوي علي اڪبر شاھ جي پٽ چيو تہ تون اسان جي طالبن اڳيان بہ پڙھي نہ سگھندين. مطلب تہ ٻہ ڌريان تہ ٻنھي طرفن کان نفسانيت ظاھر ٿيڻ لڳي.

آخرڪار ھن فقير پنھنجي طرف وارن کي ٻانھن کان وٺي اٿاريو. چيومانِ تہ ميان جھيڙي جو ڪم ناھي. پوءِ جنھن وقت در کان نڪرڻ وارا ھياسين تہ ايتري ۾ پيءُ پٽ پاڻ ۾ سُسر پُسر ڪئي ۽ پٽ اسان کي سڏ ڪيو تہ ادا مولوي صاحب خدا جو قسم اٿوَ موٽي اچو. اسان موٽي آياسين. پوءِ مولوي علي اڪبر شاھ پھريون پاڻ ڪلمو شريف پڙھي چيو تہ توھان جيڪو پڇندؤ آئون ڪوڙ نہ ھڻندس. توھان بہ قسم ڪڻو تہ جيڪي آئون پڇندس تہ ڪوڙ اصل نہ ھڻندؤ. اسان بہ ڪلمو شريف پڙھيو. پوءِ اسان پڇيو تہ اوھان اھا فتوىٰ ڇو ڏني؟ جواب ۾ شاھ صاحب چيو تہ فلاڻو ملان، تيرھن چوڏھن ماڻھو وٺي آيو ھيو، تنھن ڪري مون فتوىٰ ڏني. ھاڻي توھان ٻڌايو تہ توھان جو مذھب ڪھڙو آھي؟

اسان مان وري بہ انھيءَ مولوي صاحب جيڪو ڳالھائڻ جو چالاڪ ھيو جواب ڏنو تہ اسان جو مذھب حنفي آھي ۽ طريقو نقشبندي آھي. پوءِ سلسلہ شريف پڙھڻ شروع ڪيائين. جنھن وقت سلسلہ شريف ختم ڪيائين تہ مولوي علي اڪبر شاھ صاحب چيو تہ توھان سچا آھيو ۽ توھان جو سلسلہ شريف بہ سچو آھي، ۽ اھو ملان ڪوڙو آھي. آئون تہ نقشبندين تي اھڙو اعتقاد رکندڙ آھيان جو اھو سلسلہ شريف ھر روز پڙھندو آھيان. پوءِ پاڻ سلسلہ شريف پڙھڻ شروع ڪيائين ۽ پوءِ پنھنجي پٽ کي چيائين تہ اسان جي سچي اعتقاد جي ھنن

www.zikar.com



کي ڳالهه ٻڌاءِ. پوءِ سندس پٽ ڳالهه شروع ڪئي ته جنهن وقت آئون علم پڙهڻ کان فارغ ٿيس ته والد صاحب کان اجازت ورتم ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪو الله وارو ڳولي ان جو هٿ وٺان (ان جو مريد ٿيان). پوءِ ڦرياڻين سموري سنڌ گهميس پوءِ پنجاب ويس.

## موسى زئي شريف ۽ مسڪين پور شريف ۾ علماءِ جي ڪثرت

آخرڪار جنهن وقت صوبہ سرحد جي ضلع ڊيره اسماعيل خان ۾ واقع درگاه موسىٰ زئي شريف پهتس ۽ حضرت خواجہ سراج الدين صاحب رحمة الله جي زيارت ڪيم ته چيم اهڙو جوان سنڌ پنجاب ۾ ڪٿي به ڪونہ نظر آيو نہ ڪنهن ٻئي تي منهنجو اعتقاد ٻيٺو. برابر ٻيا بزرگ به پاڻ نيڪ هيا مگر جماعت ۾ عمل ڪونہ هين. جڏهن ته موسىٰ زئي شريف ۾ ساڳيو نبوي نمونو ڏٺم. حضرت صاحب جن پاڻ عالم ۽ سندن پوٽن ساري صف عالمن جي هجي.

انهيءَ موقعي تي پاڻ (پير منا سائين ﷺ) فرمايائون: حضرت پير قريشي صاحب جن وٽ به پهرين صف عالمن جي هوندي هئي ۽ هي شرعي مسئلو به آهي ته پهرين صف ۾ عالم بيهن. پوءِ اسان موٽي ڊيري نواب آياسين ته اشتهار ڇپرائي ماڻهن ۾ ورهايوسين ته مولوي علي اڪبر شاه اقرار ڪيو آهي ته مون فتوىٰ غلط ڏني آهي ۽ ان لاءِ تائب آهيان. اسان اڃا انهيءَ ڪوشش ۾ هياسون ته حضرت صاحب جن جو خليفو مولوي نور احمد آيو. ان پڇيو ته توهان ڇا ڪيو؟ اسان ٻڌايو ته اسان فتح ڪري آياسين. ان تي مولوي صاحب چيو ته مون کي مبارڪ ڏيو جو مان چڱي طرح فتح ڪري آيو آهيان. اسان وضاحب پڇي، پوءِ ٻڌايائين ته توهان ڪالهه شام جو مولوي علي اڪبر شاه صاحب کان موڪلائي آيؤ ته آئون وري

www.zikar.com



صبح سوير ان وٽ پهتس. مون پاڻهن کان پڇڙي شاه صاحب کي چيو ته توهان منهنجي پير جي خلاف فتويٰ ڇو ڏني آهي؟ ته شاه صاحب چيو ادا مون خطا ڪئي هئي ان لاءِ مون توبه ڪئي آهي. ڪالهه مولوي صاحب آيا هيا ۽ اڄ توهان آيا آهيو. مون چيو سائين مهرباني ڪري مون کي هٿ اکر به لکي ڏيو ته مون کان غلطي ٿي وئي آهي آئون تائب آهيان، سو مولوي صاحب قلم ڪاغذ ڪڍي پنهنجي هٿن سان لکي ڏنو آهي ته اهو ملان ڪوڙو آهي ۽ مون کان شيطان غلطي ڪرائي آهي (جو بنا تحقيق فتويٰ ڏنم) ان لاءِ آئون توبه تائب آهيان. پوءِ ته اسان ڏاڍا خوش ٿياسين ۽ اشتهار ڇپرائي جتي ڪٿي هر جڳهه تي اهي اشتهار هٽي ڇڏياسين.

## عرض معروض ڪرڻ جو طريقو

فرمايائون هي شرعي مسئلو آهي ته فرض نماز کان بعد جلد سنتون پڙهجن. ڪي فقير فرض کان بعد اچي ٿا آڏو ويهن ۽ عرض ڪن. ائين ڪرڻ سان سنتن کي دير ٿئي ٿي، اها بدتميزي آهي. ڪي وري فرض کان اڳ ۾ دروازي تي اچي ويهن ۽ عرض ڪن ٿا، ان ۾ جماعت کي تڪليف ڏيڻ آهي جو هڪ ماڻهو جي ڪري ساري جماعت انتظار ۾ ويٺي رهي، سو ائين ڪوبه نه ڪري ۽ ٻين کي ايذاء نه ڏئي. ۽ جنهن وقت تقرير هلندڙ هجي ته وچ ۾ اچي ڪو عرض نه ڪري جو وچ ڪلام ۾ ڳالهائڻ بيوقوفي جي نشاني آهي. ۽ فجر جي نماز کان بعد اسان نقشبندين جو طريقو آهي ته ٻين وظيفن کان اڳ ۾ مراقبو ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري مراقبه کان اڳ ۾ به ڪو عرض معروض نه ڪري. ٻيو ته مراقبو ڪري ڪي فقير مزدوري تي ويندا آهن، جيڪڏهن ڪو عرض ڪندو ته انهن کي به انتظار ڪرائيندو ۽ ايذاء پهچائيندو. تنهنڪري اسان

www.zikar.com


توهان کي وقت مقرر ڪري ڏيون ٿا ته مراقبه کان بعد عرض ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪو خلاصو احوال هجي ته خط لکي ڏيو.

۽ جيڪڏهن صبح جو مراقبه مان هي فقير ڪنهن ضرورت جي ڪري اٿي وڃي ته پوءِ به خط لکي احوال ڏيو.

حقيقت ۾ ته احوال ڏيڻ ۽ دعا گهرائڻ جي به ضرورت نه آهي. ڇو جو جتي قلبي ذڪر آيو ته اتي ٽيڙ هليو ويو، پوءِ جيترو اعتقاد صحيح هوندو ۽ قلب کي صاف رکندو، اوترو فائدو حاصل ٿيندو. فائدو باطن تي موقوف آهي، ظاهري دعائن گهرائڻ ۽ احوال ڏيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. فقير پنهنجي پير کان تعويذ يا گهٽيون دعائون ڪونه گهرائيندو هيو. ڪو ضروري احوال هوندو هيو ته پوءِ عرض ڪندو هوس.

## بزرگن جي صحبت ۾ اميربه فقير نظر اچن ٿا

تاريخ 29 جمادي الثاني 1380ھ سومر جي ڏينهن خطاب ڪندي فرمايائون: گهڻا وڏا ماڻهو ڪامورا اهڙا به آهن جيڪي متواضع ۽ الله پاڪ کان خوف ڪرڻ وارا آهن. رياست بهاولپور جو وزير مولوي رحيم يار ۽ ڪپتان غلام محي الدين ٻئي منهنجي پير جا مريد هيا. پر اهڙي نموني جماعت ۾ رهندا ۽ اٿندا ويهندا هيا جو ڪو ماڻهو انهن کي ڪونه سڃاڻندو هو ته هي ڪو وزير يا ڪپتان آهي. ان زماني ۾ نواب جو صاحبزادو ننڍو هيو ۽ سمورو ملڪ ۽ رياست وزير صاحب جي هٿ هيو، تنهن هوندي اهڙو طبيعت جو ساده هيو جو ديري نواب ۾ جنهن وقت هي فقير پڙهندو هيو، هي به اتي مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ آيو. اسان جو استاد سبق وينو پڙهائي. استاد صاحب هٿ ته ڪونه ڏنس پر ان ڏي نهاريو به نه. هن اچي سلام ڪيو ۽ پڇيو ته "نماز ٿي وئي" ته استاد صاحب جواب ڏنو "ها ٿي وئي"، ته اندر مسجد ۾ وڃي ڪپتان غلام محي الدين کي سڏ ڪيائين ته "نماز ٿي وئي اندر اچ" پوءِ نماز

www.zikar.com



ڪان فارغ ٿي ڪري استاد صاحب جي مٿان اچي ويٺو، ته به استاد صاحب هٿ ڪونه ڌنس ۽ اسباق پڙهائڻ ۾ مشغول رهيو. پوءِ وزير صاحب پڇيو "توهان ڪٿي جا آهيو؟" ته استاد صاحب فرمايو "مان جتوئي شهر جو رهندڙ آهيان." پوءِ سيني شاگردن جي باري ۾ پڇا ڪيائين ته هي ڇا پڙهندو آهي ۽ هي ڇا پڙهندو آهي.

## پيرمٺا سائين جي تصنيف

ان وقت هي فقير هڪ ڪتاب پيو لکي. پڇيائين "هي شاگرد ڇا لکي رهيو آهي" ته استاد صاحب فرمايو ته شيعن جي ترديد ۽ بي نمازين جي مذمت ۾ ڪتاب لکي رهيو آهي. پوءِ هن فقير کي سڏ ڪري چيائين ڪتاب پڙهي ٻڌاءِ. هن فقير دل ۾ چيو ته هي هندوستاني آهي، سو پنجابڪي ڪونه سمجهندو هوندو. پڙهڻ ۾ ڪجهه ڇڏي پيو ڏيان ته چيائين هتان ڇو ڇڏيئي؟ ڪُنُ لائي ٿي ٻڌائين. ڪجهه ڪتاب ٻڌڻ کان پوءِ چيائين: واه جو ڪتاب آهي، شيعن سان چڱي جٽ ٽيل آهي.

## قادياني جي پٺيان نماز نه ٿيندي

هڪ ڀيري هڪ مسجد ۾ جمع جي نماز قادياني امام پڙهائي ۽ هن وزير به ان جي پٺيان نماز پڙهي ۽ ٻئي ڪپتان جيڪو ڏاڙهي ڪوڙيل هجي ان به پڙهي. پوءِ استاد صاحب وزير ۽ ڪپتان ڏانهن اسان کي موڪليو ته وڃي چئوس ته توهان ڪافر قادياني جي پٺيان نماز ڇو پڙهي آهي؟ اسان پهرين ڪپتان وٽ وياسين ته ان چيو اوهان هن جو ڪفر ثابت ڪيو. پوءِ وري وزير وٽ وياسين ته ان چيو، مون کي خبر پئي ته قادياني آهي، انڪري مون نماز ورائي پڙهي آهي، ۽ لکي به ڏنائين "اسان نماز ورائي پڙهي آهي" اسان اها پرچي

www.zikar.com


ڇيرائي شهر جي در و ديوار تي هنئين. هن ڪان سواءِ ٻيا به وڏا وڏا ماڻهو ڏٺاسين جو انهن ڪي نياز هجي ۽ نياز الله تعالیٰ کي وڻندڙ آهي.

## طريقه نقشبنديه ۾ سادات ۽ صديق اڪبرؓ ٻنهي جو فيض آهي

تاريخ پهرين ماه رجب 1380ھ فرض ڪان بعد هڪ سيّد صاحب حضور جن (پير مٺا سائين رحمةالله ﷺ) وٽ آيو. پوءِ نصيحت ڪندي پاڻ فرمايائون: منهنجا پير حضرت قريشي صاحب رحمة الله عليه فرمائيندا هيا: بيت

خودي تڪبر ٿي گهر مُني سيّد مُلان مصر
وڏا وڏا آپ ڪون ڄاڻن وڏا ڳيونِ وسر

(يعني پير، عالم ۽ وڏيرا ٽنهي ٽولن کي تڪبر ۽ وڏائي نقصان رسايو جو پاڻ کي وڏو سمجهن ۽ اصل وڏي يعني الله سائين کي وساري وينا.)

هي جيڪو به فيض آهي سادات جو آهي. اهڙو علم ۽ فيض سادات ۾ هيو جو حضرت علي ڪرم الله وجهه هڪ رات الم شريف جي الف، لام ۽ ميم جي تعريف، تشريح ۽ تقرير بيان فرمائي ته صبح ٿي ويو. پوءِ پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن حضرت علي رضي الله عنه کي قيامت تائين زندگي ملي ۽ الف، لام، ميم جي تشريح ڪري ته به پوري ڪانه ٿي سگهندي ۽ قيامت اچي ويندي.

هن طريقه عاليه ۾ جيڪو اثر آهي ۽ جلدي فائدو پيو پهچي ۽ ماڻهو پيا سڌرن اهو انڪري آهي جو هن ۾ سادات جو فيض به شامل آهي.

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه (جيڪي طريقه عاليه نقشبنديه جا شيخ آهن) پنهنجي آباء و اجداد (ابن ڏاڏن)

www.zikar.com


کان ٻہ فيض ورتو ۽ ٻئي پاسي پنهنجي نانا حضرت قاسم رضي الله عنہ کان ٻہ فيض ورتو جيڪو حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ جو پوٽو هيو، تنهنڪري هن طريقہ ۾ ٻيٽي طاقت آهي.

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنہ کي مجمع البحرين ٻہ انڪري چوندا آهن جو سندن سيني مبارڪ ۾ فيض جا ٻہ درياء اچي ڪٺا ٿيا، هڪ سادات جو ۽ ٻيو حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ کان آيل فيض.

## سادات جي تعظيم فرض آهي

سادات جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ فرض آهي، خاص ڪري اسان جا تہ اهي پير ۽ مرشد آهن. حضرت امام رباني رحمة الله عليہ فرمايو آهي تہ جنهن کي اهل بيت جي محبت نہ آهي، انهيءَ جي ايمان ۾ نقص آهي. الله پاڪ جي راه ۾ نياز، نوڙت ۽ عاجزي جي ضرورت آهي. عاجزي کان سواءِ ڪم بڻجي ئي نٿو. پاڻ کي سيني کان گهٽ سمجهو. خدا جي مخلوق کي نفعو پهچايو. حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪو شخص پنهنجي مؤمن ڀاءُ سان خنده پيشاني (مسڪرائي) سان ملي ٿو، انهيءَ جو ثواب ٻہ قيامت جي ڏينهن ملندس. اهڙي طرح ٻڪو پاڻيءَ جو ڪوهہ مان ڪڍي ٿو تہ ٻيو شخص دلو پاڻي لاءِ ڪٽي آيو تہ هن اهو ٻڪو پاڻي جو انهيءَ کي ڏنو تہ انهيءَ جو ثواب ٻہ ملندس. ۽ جيڪڏهن رستي تان ايذاء واري شيءِ پاسي ڪيائين جيئن ڪنڊو وغيره تہ انهيءَ جو ثواب ٻہ ملندس.

وري انهيءَ شام جو توڪل ٻہ نسبت تقرير ڪندي ڪجھ اهم ڳالهيون بيان فرمايائون.

www.zikar.com


# خدا جي رضا لاءِ مدرسا هلايو

فرمايائون تہ هڪ حافظ صاحب پگهار تي پڙهائيندو هيو. هن فقير چيس تہ پگهار تي نہ پڙهاءِ، پر توڪل ڪري خدا ڪارڻ پڙهاءِ. هن کي اها ڳالهہ سمجھ ۾ آئي ۽ چوڻ تي عمل ڪيائين. پوءِ ڳالهہ ڪيائين تہ پگهار وارو پڙهائڻ ڇڏي، پهرين هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ مدرسو ڪيم تہ زميندار آيو ۽ چيائين منهنجو بنگلو ڪشادو آهي، خدا ڪارڻ اهو قبول پوي ۽ انهيءَ ۾ ٻار پڙهايو. ڏينهون ڏينهن بنا گهر جي خدمت شروع ٿي وئي. هاڻي تہ ايتريون مانيون ٿيون اچن جو اسان سڀ ڪائي نٿا سگهون، بچائي ٻين کي ڏيون ٿا. ٻيو خرچ بہ اهڙي طرح اچي ٿو. الحمدلله جو توهان اها صلاح ڏني ۽ ڏکن کان ڇڏايَو. حافظ خدا بخش منهنجو پير ڀائي هيو ۽ ننڍي هوندي کان ذڪر ۾ داخل ٿيل هيو. چيائين والد صاحب قرآن پاڪ جي حفظ کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ پڙهايو ۽ هر علم کان جاهل رکيو، نہ ڪو ڪم سيکاريائين، رهندو بہ ڳالهون پرٽايائين. پوءِ هن عاجز ان کي صلاح ڏني تہ بنا اجازت وڃي علم پڙهہ ۽ علم ختم ڪرڻ کان اڳ نہ موٽج. جنهن وقت علم پڙهڻ لاءِ ويو تہ سندس پيءُ هن فقير تي ڏاڍو ڪاوڙيو. آخرڪار جنهن وقت علم پڙهي، پڳ ٻڌي موٽي آيو ۽ سندس والد هن جو علم ڏٺو تہ پوءِ هن فقير کي دعائون پيو ڪري. حافظ خدا بخش صاحب اهڙو توڪل جو صاحب هيو جو توڪل تي مدرسو ڪديائين. پوءِ تہ زميندار بہ هن جي پڙهائڻ ۽ توڪل تي عاشق هجن. ڪجھ وقت تائين پڙهائي ڪيائين، هاڻي پڙهائي بند ڪري ڇڏيائين. اڪيلو ۽ جدا ٿي رڳو الله تعالىٰ کي پيو ياد ڪري، اڄ بہ توڪل تي پيو گذاري. عيال بہ وڏو اٿس الائي ڪٿان پيو ڪائي. مهينن جا مهينا هتي ٽڪي وري تبليغ تي پيو وڃي، الاءِ ڪٿان خرچ پيو اچي.

www.zikar.com



هڪ ٻيو پيرپائي هيو، اهو بہ صاحب توڪل هيو. ڪجھ وقت ڪم ڪندو هيو ۽ گهڻو وقت الله پاڪ جي ياد ۽ ذڪر ۾ مشغول هوندو هيو. پيءُ ڪراڙو ۽ جاهل هيس. احوال ڏنائين تہ والد صاحب تي چوڏهن سو قرض هيو، اهو بہ مان پيو لاهيان ۽ ڪيس ڪٽ تي ويهاري اوقراتا ۽ مڪڻ پيو ڪارايان، تہ بہ چوي تہ هڪ هنڌ ويٺو آهين، ڪم نٿو ڪرين. وري جو جماعتي فقير اچن ۽ انهن کي ماني ڪارايان تہ دانهون ڪري ۽ چوي اڙي اهي سجو ڪري ڇڏيندئي. الائي ڪٿان جا اهي ٽولا ٽا اچن. آئون چوانس بابا تون بس ڪري ويهي ڪاءُ، تہ بہ بس ئي نہ ڪري. منهنجو ٻيو ڀاءُ جاهل بي دين آهي. انهيءَ جي حصي ۾ والده آئي آهي. اهو انهيءَ ڪراڙيءَ کان ٻڪريون چارائيندو آهي، وري بہ مون کي منهنجو والد چوي، توکان تہ منهنجو اهو پٽ چڱو ۽ مراد وارو آهي. پوءِ هن فقير ان کي نصيحت ۽ وصيت ڪئي تہ تون ڪجھ بہ نہ ڪچ، صبر ڪري گذار ۽ والد جي خدمت ڪندو رھ، هن کي جيئن وڻي تيئن پلي پيو چوي.

## تعويذ

منهنجي پير حضرت پير قريشيرحمةالله جن هيءُ ڳالھ بيان فرمائي تہ هڪ زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ جهيڙو هوندو هيو. پاڻ ۾ نهراء ۽ محبت ڪونہ هين. پوءِ ملان ان عورت کي چيو تہ تي مڻ اَن جا ڏي تہ مان دعا لکي ڏيانءِ تہ مڙس ساري عمر تنهنجو غلام ٿي رهندو. عورت چيس تہ تنهنجي مهرباني، اَنُ وٺ دعا لکي ڏي. پوءِ ملان دعا لکي ڏنس ۽ چيائينس تہ در کان اندران ڪوٺي زمين ۾ پوري ڇڏ. انشآءالله جلد مڙس تنهنجو مطيع ٿيندو. اتفاقًا سندس مڙس بيمار ٿي پيو. ملان انهيءَ کان پڇڻ ويو ۽ انهيءَ کي ٻجهيءَ طرح چيائين تہ تنهنجي زال تعويذ پوريو آهي، سو تون اصل چاڪ چڱو پلو

www.zikar.com


ڪونہ ٿيندين، جيستائين اهو تعويذ نہ نڪرندو. مون کي پنج مڻ اَن جا ڏي تہ مان تعويذ ڪڍي ڏيانءِ. انهيءَ بہ چيو توهان جي مهرباني، پنج مڻ اَن جا وٺ ۽ جلدي تعويذ ڪڍي ڏي. ملان اهو اَن وٺي ۽ عورت ڪان پرپٺ، انهيءَ تعويذ جي مٿان اچي بيهاريائين. اجا ڪجهہ ڪوٺيائين تہ ڏٺائين برابر تعويذ پوريل آهي. پوءِ تہ زال ۽ مڙس ۾ جهيڙو اجا وڌي ويو ۽ عورت وڃي پيڪن ۾ ويني.

ملان جو نالو مشهور ٿي ويو تہ ملان پوريل دعائون تو ڪڍي. ملان جي آمدني زياده ٿي وئي. گهڻن ڏينهن کان بعد انهيءَ مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ نهراءُ ڪرايائون. عورت قسم کڻي ڳالهہ سموري ٻڌائي تہ مرد قسم تي اعتبار ڪيو. پوءِ ملان جو آيو تہ انهيءَ مرد ملان جي ڏاڍي بي عزتي ڪئي ۽ چيو تہ يڪو هڪ گهر مان پيو کائين، توکي شرم ڪونہ آيو؟

## لِڪ صلوٰة جو

تقرير ڪندي پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ اسان جي علائقي ۾ رواج آهي تہ ڪو بيمار ٿئي تہ لِڪ صلوٰة جو ڪيندا آهن ۽ پوءِ چيلو کهي ماني تيار ڪري صلوٰة پڙهندڙن کي کارائيندا آهن. اتي ملان صلوٰة وري ڪيئن پڙهن جو هوڏانهن صلوٰة واري پٽري بہ هيٺ رکن تہ وري پاڻ ۾ حال احوال بہ پيا ڏين.

اسان بہ اڳي ائين ڪندا هياسين، پر پير اسان کي منع فرمائي تہ صلوٰة کي وڪڻو نہ، خدا ڪارڻ بنا لالچ بنا طمع پڙهو.

طالب علمي جي زماني ۾ جڏهن اسان ملتان ۾ پڙهندا هياسين، اتي رواج هيو صلوٰة پڙهائڻ جو. ڪو وٺڻ اچي تہ پهريون پڇندا هياسين تہ ڪيتري جي صلوٰة آهي، ڇهن پيسن جي يا ٻن آنن جي؟ پوءِ انهيءَ جڳهہ تي وڃون ۽ ڪجهہ پڙهون تہ حلوي جي پيالي آڏي اڳيان رکن. جنهن وقت ڪائي بس

www.zikar.com



ڪيون تہ ڇهہ پيسا ڏين. بس اٿيا هليا اچون. ڪنهن وقت وري اڍائي آنن واري صلوٰة ايندي هئي. اسان طالب علم وري هڪ ٻئي کي احوال ڏيون تہ ادا آمدني ۾ خرچ ڪٿان پيو اچي، جواب ۾ چئون تہ لکن جي ڪمائي آهي، انهن مان پيو خرچ هلي. ملتان ۾ اهو رواج آهي.

## نصيحت ڪيو فتنہ ڪان بچو

تاريخ 2 رجب 1380هہ اربع جي ڏينهن صبح جو هڪ شخص عرض ڪيو تہ سائين توهان جو فقير حاجي صاحب فوت ٿي ويو آهي. انهيءَ کي پنج پٽ آهن، انهن مان وڏو پٽ بي دين آهي، سو انهيءَ پنهنجي پيءُ کي قبرستان کان جدارو رکائي انهيءَ جي مٿان پڙ ۾ دستار رکي اٿس. انهيءَ جاءِ تي اڳي ملاکڙو ڪرائيندو آهي، ڀنگي بہ اچي گڏ ٿيندا آهن. هاڻي بہ نيت اهي ڪم ڪرائيندو، سو هاڻي ٻڌايو تہ اسان ڇا ڪيون؟

اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ تي شيطان غالب آهي، بي دين ۽ بي عقل آهي، سو توهان انهيءَ کي نرمي سان نصيحت ڪريو. پر جيڪڏهن باز نہ اچي تہ انهن ڪمن جو گناه ۽ ڏوهہ انهيءَ جي مٿان آهي. ڇڏي ڏيوس، جهيڙو جهڳڙو نہ ڪيوس، مٿان فتنو ۽ فساد وڌيڪ ٿئي.

وري انهيءَ عرض ڪيو سائين! هڪ ماڻهو خواب ڏٺو تہ حاجي صاحب چوي ٿو تہ منهنجي امانت پٽن وٽ آهي سو ڏين، شايد تہ هڪ چادر اٿس ۽ تسبيح اٿس جيڪي حرمين شريفين کان آنديون هيائين.

پاڻ فرمايائون: حاجي صاحب جي روح کي ثواب پهچائڻ جي نيت ڪري اهي شيون ڪنهن نيڪ ماڻهو کي ڏيو تہ حاجي صاحب کي ثواب پهچي.

www.zikar.com



## حڪمت عمليءَ سان ڪم نہ ڪرڻ ۽ جلدبازي ڪرڻ جي باري ۾ بہ عجيب مثال

انهيءَ تقرير کي جاري رکندي فرمايائون تہ چريو مست مسجد شريف ۾ آيو ۽ مسجد شريف ۾ ٽڪ اچلايائين تہ ملان ڪاوڙجي اٿيو ۽ اچي مُڪ اولاريائينس، تہ مست چيس تہ نہ هٽجانءِ نہ تہ اجا وڏيڪ گند ڪندوسانءِ. پر ملان نہ مڙيو ۽ مڪ هٽي ڪڍيائين تہ مست پيشاب ڪري ڏنو، تہ ملان لٺ کڻي آيس تہ وري بہ مست چيس تہ نہ هٽجانءِ تہ نہ وڏيڪ ڪِن ڪندس. ملان چيو هن کان وڏيڪ ڪِن ڪهڙو ڪندين؟ ملان لٺ هٽي ڪڍي تہ مست پاخانو ڪري ڏنو، تہ ملان وري لٺ کڻي آيو تہ مست ساڳي طرح چيس تہ نہ هٽجانءِ، نہ تہ ڪِن ڪندس. ملان ڪاوڙ مان چيو اڙي بيوقوف هنگي ڏنو اٿئي، هن کان وڏيڪ گند ڇا ڪندين؟ اهو چئي لٺ هٽي ڪڍيائينس تہ مست بُڪ پائخانہ جو پري سموري مسجد ۾ ۽ سيني طرفن جي ڀتين کي هنيو ۽ ڪجھ ملان کي بہ هٽي ڪڍيائين. اهڙي نموني مست پائخانہ جون لپون پري وسائيندو رهيو. جلد بازي جو اهو حال آهي.

## لنگر جي ڪم جو ثواب

ساڳي تاريخ ٻيپهري نماز کان بعد جمعدار غلام محمد بروهي کي گهرائي فرمايائون تہ جيڪي فقير لنگر جو ڪم ڪن ٿا، اهي جيڪڏهن لنگر جي ڪم ۾ مشغول هجڻ ڪري نماز جماعت سان ملي نہ سگهن تہ انهن کان مقرر ڪيل ڏنڊ وصول نہ ڪيو وڃي. باقي نماز قضا ڪن يا وقت کان پوءِ پڙهن تہ قانون موافق ڏنڊ ورتو وڃي.

www.zikar.com



# ولي کي باطني اک سان سڃاڻبو آهي

ساڳي تاريخ ٽيپهري نماز کان بعد فقير غلام قادر پنجابي پنهنجي ٺاهيل ٽيهه اکري شاعري پڙهي ٻڌائي جنهن ۾ مرشدن سڳورن جي تعريف بيان ٿيل هئي. اها ٻڌي پوءِ فرمايائون ته الله وارا باطني نموني سان امتحان وٺندا آهن. پوءِ جيڪو پاس ٿئي، جيڪو ناپاس. پوءِ جيڪو ناپاس ٿيندو آهي انهيءَ کي به جماعت کان خارج نه ڪندا آهن. ڇو جو انهن جو خلق نبوي هوندو آهي، پوءِ ڀلي اهي به وينا رهن.

سنڌ ۽ پنجاب جي عام ماڻهن ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته اسان فقير وٽ وياسين، هاڻ نيڪ آهي، باقي اها شيءِ (ولايت) ڪا ٻي آهي.

اي ادا! تون الله واري کي سڃاڻندين؟ حضرت امام رباني رحمة الله لکيو آهي ته اي الله تعاليٰ! تو الله وارن کي اهڙو ته جبو پهرايو آهي جو جنهن شخص انهن کي سڃاتو تنهن توکي سڃاتو ۽ جنهن انهن کي نه سڃاتو ته اهو توکي ڪڏهن نه سڃاڻندو. هاڻي ان ڳالهه کي سمجهه ته جنهن انهن کي سڃاتو تنهن الله تعاليٰ کي سڃاتو ۽ جنهن انهن کي نه سڃاتو تنهن الله تعاليٰ کي نه سڃاتو پر ائين نه لکيائين ته جيڪو علم پڙهندو ته الله تعاليٰ کي سڃاڻندو يا حج ڪندو يا قاري ٿيندو يا ٻيا نيڪيءَ جا ڪم ڪندو ته اي رب توکي سڃاڻندو.

بس مٿين لفظن ۾ الله پاڪ جي سڃاڻپ کي بند ڪري ڇڏيائين.

هاڻي خيال ڪري ڏسو ته الله واري جو سڃاڻڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. ڇا انهن کي ظاهري اکين سان سڃاڻبو آهي؟ هرگز نه ... باطني ۽ دل واري نظر سان انهن کي سڃاڻبو آهي.

وري ڇَون ته فقير ڏسي آياسين، پر اُها ٻي شيءِ آهي. اي ادا! تون سڃاڻندين ڪيئن جو باطني اکين تي دنيا جي محبت جا پردا چڙهيل اٿئي.

www.zikar.com



حضرت رسول ڪريم عليه افضل الصلوات و اڪمل التحيات جن جي حديث شريف آهي "مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاٰي الْحَقَّ" يعني جنهن مون محمدﷺ کي ڏٺو تنهن الله پاڪ کي ڏٺو. ڇا ان مان ظاهري اکين سان ڏسڻ مراد آهي؟ ڇا انهن ظاهري اکين سان ابوجهل حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪونہ ڏٺو هيو؟ بلڪ حديث مان مراد باطني اکين سان ڏسڻ آهي. مطلب تہ جنهن مون کي باطني اکين سان سڃاتو تنهن الله پاڪ کي سڃاتو.

حضور عليه الصلواة والسلام جن اصحابن کي فرمائيندا هيا تہ توهان اهي نہ آهيو جو جڏهن آئون چوندو هوس تہ "اَنَا رَسُوْلُ اللّٰهِ" تہ توهان سيئي چوندا هيؤ "كَذَبْتَ"، هڪ صديق چوندو هيو "صَدَقْتَ" (اوهان سچ ٿا چئو). اهو آهي باطني اکين سان ڏسڻ.

حضرت موسیٰ عليه السلام فرعون جي جهوليءَ ۾ وڏو ٿيو. جيڪڏهن رڳو ظاهري ڏسڻ ڪم اچي ها تہ فرعون بہ حضرت موسیٰ عليه السلام تي ايمان آڻي ها، پر ايمان نہ آندائين. ۽ ساحرن (جادوگرن) جو حضرت موسیٰ عليه السلام کي باطني ديد سان ڏٺو تہ ايمان آندائون. پوءِ فرعون انهن کي چيو تہ منهنجي موڪل کان سواءِ جو ايمان آندو اٿوَ تہ انهن جواب ڏنو تہ جيڪي وٺئي سو ڪر، اسين ايمان کان هرگز نہ ڦرنداسين. اهو آهي باطني ڏسڻ. اها سڃاڻپ علم تي موقوف نہ هوندي آهي. الله تبارڪ و تعالیٰ جنهن کي نصيب ڪري.

## جاهل مان عالم

الله وارن کي اها طاقت آهي جو جاهل کي عالم بنائي ڇڏين. اي ادا! جنهن جو نالو ڦوٽو هجي (ڦوٽو پنجابي ۾ تہ گار آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ڦوٽو الائچيءَ کي چوندا آهن) ۽ پڙهيل بہ ٻن ٽن درجن کان وڌيڪ نہ هجي، ۽ سرڪش بہ اهڙو جو ساري عمر ان تي خون جا ڪيس رهيا هجن. پوءِ اهڙن صفتن واري ماڻهوءَ کي مولوي بنائين اها عجب ڳالھ آهي.

www.zikar.com



# ذڪر، اعتقاد ۽ محبتِ پير

تاريخ 3 ماه رجب 1380ھ خميس جي شام ٽيپهري نماز کان بعد نون آيلن ماڻهن کي ذڪر سمجهايائون، تنهن کان بعد نصيحت ڪندي فرمايائون ته هي ذڪر اهڙو آهي جو انسان کي گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏي ٿو، پر ان لاءِ ڪجهه شرط آهن. اهي هي آهن: ذڪر ڪمائي، اعتقاد مضبوط رکي. جيترو اعتقاد مضبوط هوندو ۽ قوي هوندو اوترو فائدو زياده ٿيندو، پر جيڪڏهن اعتقاد ضعيف ۽ ڪمزور هوندو ته فائدو به گهٽ ٿيندو. فائده جو دارومدار اعتقاد تي آهي. گهڻا اهڙا به ڏٺاسين جو ذڪر جي لذت به چکيائون، پر ازل جا ماريل هيا جو اعتقاد ۾ ڪمي آين، اعتقاد ۾ ڪمي آئي ته ڪم لٿو (ڪو فائدو نه ٿيندو). ڪي ته اهڙا آهن جو گهڻا سال ٿيا اٿن جو انهن کي ذڪر جي لذت به نه آئي آهي، انهيءَ ڪري جو انهن بدبختن جو اعتقاد اصل ڪونه آهي. جنهن جي پير سان محبت هوندي انهيءَ کي شيطان هرگز نقصان نه پهچائيندو، شيطان پلي زور لڳائي موڪل اٿس. پر جنهن کي محبت ۽ اعتقاد نه آهي، انهيءَ کي فائدو نه پهچندو. بيت

*تربيت نااهل را چون گردگان بر گنبد است*

يعني نااهل کي تربيت ڏيڻ ائين آهي، جيئن گنبذ تي ڪينهوڙو (بال) (ته جيئن گنبذ تي بال ٽڪي نه ٿو سگهي تيئن نالائق ماڻهوتي به تربيت اثر نه ٿي ڪري)

ذڪر جهڙي تهڙي شيءِ نه آهي. هن جي واسطي شرط آهن. جهڙي طرح صابڻ هڻڻ جي لاءِ شرط آهي ته پهرين ڪپڙي کي پاڻي سان آلو ڪجي، تنهن کان پوءِ صابڻ هڻجي، اهڙي طرح ذڪر جي لاءِ اعتقاد ضروري آهي. جنهن ذڪر ڪمايو ۽ ذڪر جي لذت آيس ته دل ۾ خدا جو خوف ۽ قبر قيامت به ياد ايندس، ۽ جنهن کي خدا جو خوف پيدا ٿيو آهي ته بهشت ۾ به اهو ويندو.

www.zikar.com



اي ادا! توهان کي دنيا جي محبت جو ناسور آهي، پر اها دنيا هڪ وقت توهان کان ضرور جدا ٿيندي، جڏهن موت ايندو، پر پوءِ ڇا ٿيندو. انهيءَ وقت هت هٽندؤ ۽ بيدار ٿيندؤ پر ڇا فائدو؟ ادا هاڻي اک پٽيو. بيت

هر چه از من گم شده گر از سلیمان گم شدی
هم سلیمان، هم پری، هم اہر من بگریستی

معنيٰ: جيڪا شيءِ مون کان گم ٿي آهي، جيڪڏهن اها شيءِ حضرت سليمان عليه السلام کان گم ٿئي ها ته اهو پنهنجي سموري لشڪر يعني ديون، پرين ۽ جنن سميت گڏجي روئي دانهون ڪري ها.

اي ادا! هن شيءِ جو قدر پوءِ پوندئي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

بسم الله الرحمٰن الرحيم "كُنتُم خَيرَ اُمَّةٍ اُخرِجَت لِلنَّاسِ تَامُرُونَ بِالمَعرُوفِ وَ تَنهَونَ عَنِ المُنكَرِ". معنيٰ توهان سيني امتن کان ڀلي امت آهيو، انهيءَ ڪري جو ماڻهن کي نيڪي جو امر ٿا ڪريو ۽ برائي کان جهليو ٿا. الله تعاليٰ ته تعريف ڪئي آهي ته توهان ۾ اها وصف آهي جو ماڻهن کي نيڪي ڏسيو ۽ برن ڪمن کان روڪيو ٿا.

## دنيا مسافرخانو آهي

تاريخ 5 رجب 1380هه ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو ارشاد فرمايائون ته اسان ۽ توهان جو دنيا ۾ اجتماع ۽ گڏ هجڻ ۽ رهڻ ائين آهي جيئن اسٽيشن تي مختلف قومن جو پاڻ ۾ اجتماع ٿيندو آهي. پوءِ جنهن وقت گاڏي ايندي آهي ته سڀڪو مختلف جاين ڏانهن روانو ٿيندو آهي ۽ مختلف اسٽيشنن تي لهندو آهي. اهڙي طرح اسان به آهيون مسافر... عاقل ۽ دانا اهو هوندو آهي جيڪو مسافريءَ ۾

www.zikar.com



ڪنهن سان جنگ ۽ جهيڙو نه ڪري. اهو ماڻهو بيوقوف آهي جيڪو جهيڙو ڪندو آهي.

۽ ضروري آهي ته مسافر، سفر جو سامان تيار رکي. توهان ڪهڙو سامان تيار ڪيو آهي؟ توهان پاڻ نماز پڙهو ٿا، اولاد ۽ گهرواريءَ کي نماز پڙهايو ٿا، ديني مسئلا سيکاريو ٿا؟

اي ادا! اوهان کي مسئلن سيکارڻ ۽ سڌارڻ جي اٽڪل ئي ڪانه آهي. تون زال ۽ اولاد کي محبت ۽ پيار ئي نه ڏين. وري جي ڪو شڪ شبهو پوي ته هٽي ڪهاڙي زال جو سر ئي لاهي ڇڏين. ڪو پڇي ته خون ڇو ڪيئي ته جواب ڏين، پلي پين عورتن کي ڪن ٿئي. اي جاهل! واه تنهنجي تبليغ. جيڪڏهن تنهنجي انهيءَ تبليغ سان ماڻهو سڌرن ها ته الله تعالىٰ جو رسولن، نبين ۽ ولين کي پيدا ڪرڻ ۽ موڪلڻ جو ڪهڙو فائدو؟ اي بلوچو! توهان جي اها رسم ساڳي ڪافرن واري هلي اچي ٿي جنهن جي ميٽڻ واسطي الله تعالىٰ سهڻي نبي پاڪ ﷺ کي موڪليو. توهان کي حبيب ڪريم ﷺ جي تبليغ جو ڪو اثر نه ٿيو.

تقرير هلندي فرمايائون حضرت محمد عثمان داماني رحمة الله هيءَ ڳالهه بيان فرمائي ته هڪ پيري پناڻ ڪپڙا وڪري لاءِ ڪٺي آيو. حضرت دوست محمد قنڌاري رحمة الله جن انهيءَ کان ڪجهه ڪپڙا خريد ڪيا ۽ اهي ڪپڙا جدا ڪري پناڻ کي قيمت ٻڌائڻ لاءِ چيائون. "این را قیمت حق بکن" (هنن جي قيمت ٻڌاءِ پر ٻڌاءِ حق يعني صحيح قيمت). بس حضرت صاحب جن جي زبان تان حق جو لفظ ٻڌندي پناڻ کي وجد ٿي ويو ۽ زمين تي ليٽڻ لڳو.

## دوائن جي دعا

فرمايائون ته حضرت خواجه محمد عثمان داماني رحمة الله جي روايت سان حضرت پير قريشي صاحب جن ڳالهه بيان فرمائي ته هڪ وقت حضرت دوست محمد قنڌاري رحمة الله کي

www.zikar.com



پيٽ ۾ ڪجھ درد ٿيو. پوءِ پاڻ ڦوٽا ٽِڪي گهرائي کاڌائون تہ حضرت محمد عثمان داماني سائينرحمة الله فرمايو تہ مون ڏنو تہ اهي ڦوٽا (الائچي) دعا پيا گهرن تہ اي رب سائين اسان ۾ شفا رک جو تنهنجو پيارو کائي تہ درد ختم ٿي وڃيس. هاڻي ڏسو جو الله وارا بي ساهين شين جي ٻولي پيا سمجهن.

## پاڪيزه طعام

فرمايائون تہ اسان جي پيرن جو لطيفہ قلب اهڙو تہ پاڪ، صاف ۽ لطيف هوندو هيو جو حضرت محمد عثمان داماني رحمة الله عليہ جي ماني پاڄي لاءِ مقرر بيبي صاحبہ باوضو کاڌو تيار ڪندي هئي، ٻي ڪابہ عورت انهيءَ ۾ هٿ نہ وجهندي هئي. هڪ ڏينهن بيبي سائڻ کي فرمايائون اڄ توهان ماني تيار نہ ڪئي آهي ڇا، جو منهنجي دل تي بار ٿي پيو آهي. بيبي صاحبہ عرض ڪيو تہ قبلا ماني تہ مون ئي تيار ڪئي آهي. آخرڪار بيبي سائڻ ٻين عورتن کان پڇا فرمائي تہ جماعت مان هڪ فقيرياڻي چيو تہ بيبي سائڻ تون فلاڻي ڪم سان اٿي وئي هئين سو ديڳڙي ايري پئي، مون صرف ڏوئي ۾ هٿ وجهي گهمائي هيٺ ڪيو.

## توجہ سان ڪدورت دور

فرمايائون: حضرت دوست محمد قنڌاريرحمة الله جن وٽ جنهن وقت کاڌو ايندو هيو تہ اول طعام کي توجہ ڏئي طعام جي ڪدورت ۽ سياهي ڪڍندا هيا، تنهن کان پوءِ طعام استعمال ڪندا هيا.

حضرت پير قريشي صاحبرحمة الله جن سفر ۾ بہ ٻي جي هٿ جو تيار ٿيل طعام ڪونہ کائيندا هيا. بورچي خاص فقير مقرر هوندو هيو، جيڪو باوضو احتياط سان طعام تيار

www.zikar.com



ڪندو هيو. جڏهن ته گيهه پنهنجو ساڻ هوندو هيو. دعوت واري ڪان صرف سيڌو سامان ورتو ويندو هيو.

## تصور شيخ

تاريخ 6 رجب 1380 ھ آچر جي ڏينهن

تقرير ڪندي ارشاد فرمايائون ته هن طريقي جو دارومدار محبت ۽ پير ۾ فنائيت تي آهي. بس فنائيت حاصل ٿي ته انهيءَ جو ڪم بڻجي ويو. فنائيت انهيءَ کي چوندا آهن جو پنهنجو وجود سالڪ کي نظر نه اچي ۽ پير جو وجود نظر اچي. گهڻي محبت لاڻ سان ائين ٿيندو آهي. مجازي محبت ۽ عشق ۾ به اها حالت ٿيندي آهي.

## عورت جو تصور ۽ حضرت قريشي رحمة الله عليه جو ڪشف

هڪ مولوي صاحب، حضرت پير قريشي صاحب جن جو مريد هيو، جنهن جو هڪ عورت سان عشق هيو. انهيءَ تي عورت جو تصور اهڙو ته غالب هوندو هيو جو گوياڪ پاڻ عورت بڻجي ويندو هيو. هڪ پيري حضرت پير قريشي صاحب نماز پڙهائي رهيا هئا. جنهن وقت حضرت پير قريشي صاحب جن سلام واريو ۽ نماز ڪان فارغ ٿيا ته فرمايائون عورت جماعت ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ڇو آئي هئي، جاچ وٺو. ته انهيءَ مولوي صاحب پٽڪو لاهي سندن پيرن تي رکيو ۽ عرض ڪيائين ته سائين اها عورت آئون آهيان. پوءِ سارو احوال ڪيائين. پوءِ حضرت صاحب جن ان تي توجه جي مهرباني فرمائي ۽ ان جي اها حالت مٽجي ۽ ختم ٿي وئي ۽ ذڪر جو غلبو حاصل ٿيس. وري اهڙو ڪم ٿيو جو چند ڏينهن اندر انهيءَ عورت جي شادي انهيءَ مولوي صاحب سان ٿي وئي. ڏسو الله وارا ڪهڙو ڪم ڪري

www.zikar.com



ڏيکارين ٿا. مولوي صاحب کي انهيءَ مرض کان ڇڏايائون ۽ جائز مقصد به پورو ڪيائونس.

## قحط ۾ بارش

حضرت قبلہ عالم پير قريشي صاحب رحمة الله جن هڪ دفعي بيڙي تي سوار ٿيا ته ماڻهن دانهن ڪئي ته سائين هن سال ساونڻ جي موسم ۾ درياه نه چڙهيو هيو، انڪري ڪچو سڄو غير آباد آهي. ڪچي جا ماڻهو ۽ مال پريشان آهن، مهرباني فرمائي دعا گهرو ته مينهن پوي ته آبادي ٿئي ۽ گاه پيدا ٿئي. بس حضرت قبلہ عالم جن جا هٿ ڪڻڻ سان اچي ٿو مينهن لهي، تان ته جنهن وقت حضرت جن بيڙيءَ تان لٿا ۽ درياه کان پار ٽپيا ته ڪپڙا لاهي، گوڏ ٻڌي گهوڙيءَ تي چڙهيا. پاڻي گوڏي، سٿر جيترو ٿي ويو هجي. تمام گهڻي تڪليف کان بعد جو سارو ڏينهن پاڻي ۾ پنڌ ڪيوسين. ٽيپهريءَ جو ڪچي کان ٻاهر نڪتاسين ۽ اتي هڪ ڳوٺ ۾ وياسين. پاڻ دريافت فرمايائون توهان جو هتي ڪو واقف آهي، ههڙي ضرورت جي وقت سوال ڪرڻ جائز آهي. هن فقير عرض ڪيو قبلا واقف ته نه آهن، البته ذات معلوم آهي، ذات جا موچي آهن ۽ ماڻهو چڱا ۽ غريب آهن. پوءِ انهن کي سڏ ڪيوسين ته هڪ جوان نڪري آيو ۽ خُلق سان اچي مليو. حضرت جن جي لاءِ پنهنجو گهر خالي ڪرائي رهائش جو انتظام اتي ڪيائين. ڪڪڙ ڪنائين، مگر حضور قبلہ عالم جن ماني نه کاڌي ۽ اسان کي ماني کائڻ جي اجازت فرمايائون. اسان حضرت قبلہ عالم سان ٽي فقير هياسين.

هن فقير جي ڪڻ حضرت قبلہ عالم قلبي و روحي فداه جن جي ڪڻ پرسان وڌائون. هن فقير جي شروع کان وني عادت آهي ته اڪيلو سمهندو آهيان. هن وقت تائين مسافريءَ ۾ به پهري واري کي به پري ٻيهاريان ٿو، ويجهو ڪوبه نه

www.zikar.com



هجي. پوءِ تہ حضرت قبلہ عالم قريشي صاحب قلبي و روحي فداہ جن فرمايو تہ ڪڻ منهنجي ڪڻ پرسان رک.

بيو تہ پنجاب ۾ گوڏ ٻڌڻ جو رواج آهي. دل ۾ خيال ڪيم تہ متان ننڊ ۾ ڪپڙو هيڏي هوڏي ٿي وڃي سو ننڊ نہ ڪيان، متان بي ادبي ٿي پوي. اهو سوچي گهٽي رات تائين جاڳندو رهيس. آخرڪار گهٽي رات گذرڻ بعد ٿڪجي ننڊ اچي وئي. جڏهن جاڳيم تہ ڏٺم حضرت قبلہ عالم جن دعا وينا گهرن. وري ننڊ وني وئي، ٻيهر جاڳيم تہ بہ ڏٺم پاڻ دعا پيا ٿا گهرن. اهڙي نموني ساري رات حضرت جن دعا ۾ مشغول رهيا.

## خلافت حضرت پير مٺا رحمة الله عليه

انهيءَ سفر تان واپس تشريف فرما ٿيا تہ پاڻ گهوڙيءَ تي سوار هيا. اوچتو حضرت قبلہ عالم جن تي حالت (سڪر) طاري ٿي جو اڪيون ٻوٽجي ويون ۽ گهوڙيءَ جو لغام سندن هٿن مبارڪن مان ڇڏائجي ويو. حضرت قبلہ عالم جن تي اهڙي نموني حال ٿيندو هيو. پوءِ جنهن وقت سندن اها حالت ختم ٿي تہ اسان ٽن ڄڻن کي خلافت عطا فرمايائون. هڪ هي فقير، ٻيو مولوي عبدالمالک ۽ ٽيون حافظ ڪريم بخش صاحب. ان موقعي تي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ مون کي الله تعالىٰ جي طرفان توهان کي خلافت ڏيڻ جو حڪم ٿيو آهي. ۽ انهيءَ سفر ۾ حاضر هياسين بہ صرف اهي ٽي ڄڻا.

## خصوصي لباس

فرمايائون تہ خلافت ملڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ سفر دوران جهنگل ۾ حضرت قبلہ عالم جن ۽ اسان وينا هجون. پاڻ مولوي عبدالمالک کي فرمايائون وڃ، هن فقير (حضرت قبلہ عالم پير منارحمة الله) لاءِ ڪپڙا وٺي آ. گوڏ جي چادر، قميص ۽ جتي تہ هن کي پهرايون. مولوي عبدالمالک صاحب

www.zikar.com


وني آيو. انهيءَ کي فرمايائون ته فقير کي پهراءِ، پوءِ هن فقير کي مولوي عبدالمالڪ پهرايا ۽ چيائين ته ٻي خوشخبري ٻڌ ته هي ڪپڙا توکي خلافت جي بشارت ڏين ٿا. انهيءَ کان پوءِ هن فقير کي خلافت عطا ڪيائون. هن فقير ڪجهه وقت اهي ڪپڙا پاتا پوءِ ادب جي ڪري لاهي رکي ڇڏيا.

## سنڌ جو انتخاب

جڏهن حضرت پير قريشي صاحب جن خلافت عطا فرمائي ته ارشاد فرمايائون في الحال خلافت جو اظهار نه ڪجو، جيستائين ملڪ (يا علائقا) ورهائي ڏنا وڃن. ان کان ڪجهه وقت پوءِ پاڻ هن فقير کي سنڌ ڏانهن وڃڻ جو حڪم فرمايائون.

## اڄوڪا پير ۽ مريد

فرمايائون ته حضرت پير قريشي صاحب فرمائيندا هيا، اڄوڪي وقت ۾ پير مريد ٿئي ۽ مريد پير، ۽ مرد زال ۽ زال مرد، ۽ پيءُ ٿئي پٽ ۽ پٽ پيءُ، تڏهن ڪم هلندو. مطلب ته پير مريد جو لحاظ رکي، اهڙي طرح پيءُ پٽ جو ۽ مرد زال جو لحاظ رکي ۽ خدمت ڪري ته معاملو درست رهندو.

## فقير جي وعظ سان اثر

انهيءَ شام جو ڪراچي مان مولوي ڪريم بخش صاحب جو موڪليل خط خدمت اقدس ۾ پڙهيو ويو، جنهن ۾ لکيل هيو ته ڪوٽڙيءَ کان جبل پاسي هڪ ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويس جتي اٽڪل ٽي سو گهر آهن. ٽي ڏينهن رهيس، پر ڪوبه هن فقير جي ويجهو نه آيو. پوءِ روئي حضرت قبله عالم جن کي سڏ ڪيم ۽ متوجه ٿيم، بس پوءِ ته سارو ڳوٺ ذڪر ۾ داخل ٿيو.

www.zikar.com


# شيطاني حملا

فرمايائون تہ حضرت پير قريشي صاحب جن فرمائيندا هيا تہ هن طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿيندڙ ذاڪر تي شيطان ٽي حملا ڪري ٿو. پهريون جهڪو (گهٽ زور وارو). جي انهيءَ ڪان بچيو تہ ٻيو وار انهيءَ ڪان زور وارو ڪندو. جي انهيءَ ڪان بہ چڙهيو تہ ٽيون حملو تمام سخت ڪندو، جي انهيءَ ڪان بہ بچي ويو تہ پوءِ شيطان اصل ڪيري نہ سگهندس.

هي طريقو ڪِل مسخري نہ آهي، هن طريقہ ۾ ازل جو بخت آور ۽ ڀاڳ وارو چڙهندو (ڪمال حاصل ڪندو) آهي.

حضرت پير قريشي صاحب جن جي جماعت ۾ هڪ عالم هيو. هڪ فقير حال واري سفر ۾ حضرت قبلہ عالم جن کي ٻڌايو تہ مون حال ۾ فلاڻي مولوي صاحب جو حال خراب ڏٺو آهي، پوءِ جنهن وقت حضرت قبلہ عالم جن انهيءَ سفر ڪان موٽيا تہ انهيءَ مولوي صاحب خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ قبلہ مون کي توهان جي حق ۾ ڏاڍا خطرا پون ٿا. پر ايترو ٿيو جو ان مولوي صاحب پڇاڙي تائين حضرت قبلہ عالم جن کي نہ ڇڏيو.

فقير رڪيل شاه جو تہ اهڙو حال هيو جو ملتان وارن فقيرن لاءِ ثاني پير هيو. هن فقير بہ هڪ وقت اهو حال ڏسي، قبلہ عالم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ قبلا رڪيل شاه توهان ڪان بعد فقيرن جو ثاني پير آهي. آخرڪار هڪ دفعي حضرت قبلہ عالم جن جي خدمت اقدس ۾ انهيءَ جي طرف جو هڪ ماڻهو آيو ۽ رڪيل شاه صاحب جي تعريف شروع ڪئي تہ رڪيل شاه تي اهڙي تہ مهرباني آهي جو اٿي ويني هر وقت انهيءَ تي حال ۽ ڪشف وغيره ٿين ٿا، اسان سڀ انهيءَ ڏانهن اچون وڃون پيا. ان چيو تہ ٻيو هڪ خلاصو عرض آهي. پوءِ اسان سڀ فقير پري ٿياسين، باقي مولوي احمد دين حضرت قبلہ عالم جن جو خادم خدمت ۾ حاضر هيو.

www.zikar.com



## خلافت نہ ڏينداسين

پوءِ انهيءَ فقير خلاصو عرض هيءَ ڪيو تہ قبلا رڪيل شاه نياپو ڏنو تہ حضور جن کي تون وڃي عرض ڪر تہ سائين جن مون کي خلافت ڏين ۽ تبليغ لاءِ موڪلن بہ ملتان جي پاسي. بس اهو ٻڌندي ئي حضرت قبلہ عالم جن کي ڪاوڙ ۾ جلال آيو، فرمايائون تہ اسان رڪيل شاه صاحب کي خلافت هرگز نہ ڏينداسين. جيڪو خلافت گهري وٺي سو خلافت جي هرگز لائق نہ آهي. ايتري قدر ڪين جلال آيو جو نياپي آڻيندڙ جو تہ ساه سڪي ويو، پر مولوي احمد دين چيو تہ منهنجي بہ بُت ۾ ڏڪڻي پئجي وئي. پوءِ حضرت جن مون ڏانهن نهاري فرمايو تہ تون بہ خلافت لاءِ مريد ٿيو آهين. مون ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو تہ نہ سائين، آئون انهيءَ لاءِ مريد ٿيو آهيان تہ حضرت جن جو خادم ٿي رهان تہ الله پاڪ جي رضا حاصل ٿئي.

## سفر جي ساٿين جو خيال

هڪ دفعي حضرت قبلہ عالم جن ٿر ملڪ جي سفر تي روانا ٿيا. عالمن سميت گهڻي جماعت ساڻ هجي. پوءِ جنهن وقت اتان موٽيا پيا اچن تہ صبح سوير نڪتا. واريءَ جو سفر هجي، هلندي هلندي سج مٿي چڙهي آيو ۽ ڏينهن گرم ٿي ويو. منزل وڏي هجي، حضرت قبلہ عالم سيني جي اڳيان گهوڙيءَ تي چڙهيل هجن.

واريءَ جو سفر ختم ٿيڻ بعد پاڻ وڻن جي جهڳٽي ۾ هڪ وڻ جي هيٺان اچي ويٺا ۽ فرمايائون سموري جماعت اچي گڏ ٿئي، پوءِ ٿا اڳتي هلون. جنهن وقت ڪافي جماعت اچي گڏ ٿي تہ پڇا فرمايائون جماعت اچي وئي؟ فقيرن عرض ڪيو قبلا ٻيا سڀ پهچي ويا آهن، باقي رڪيل شاه پوئتي

www.zikar.com


رهيل آهي. حضرت قبله عالم جن انهيءَ لاءِ ترسي پيا. جنهن وقت رڪيل شاه ويجهو آيو ته ڏنومانس ته منهن ڪاوڙ ڪان پريل هجيس، پنهنجي ساٿين کي گار ڏئي چيائين ڇا توهان مون کي مارڻ چاهيو پيا، جو مون کي اڪيلو ڇڏي حضرت جن جي پنيان ڊوڙندا آيئو. مطلب ته حضرت قبله جن جي روبرو سخت ڳالهايائين. حضور قبله عالم سندس منهن ڏانهن پئي نهاريو. هن فقير دل ۾ چيو ته اڄ رڪيل شاه جو ڪم پورو ٿي ويو (بي ادبي جي ڪري باطني ڪاميابي جو در بند ٿي ويو). پوءِ ٿيو به ائين جو صحبت ۾ اچڻ وڃڻ اهڙو ته ڇڏي ڏنائين جو حضرت قبله عالم جي دربار جي سامهون هڪ ڳوٺ جاهلن جو هيو انهن وٽ ڏن وٺڻ واسطي اچي، پر حضرت قبله عالم جن ڏانهن زيارت لاءِ اصل نه اچي.

## زال جي لالچ ۾ وهابي

احمد سعيد نالي پنجاب جو هڪ مولوي رحمت پور اچي اسان جي جماعت ۾ داخل ٿيو. جنهن وقت ڳوٺ پهتو ته سندس ڳوٺ وارا عاشق ٿي پيس ۽ چون ته واه جو فقير جو رنگ لڳو اٿس. سندس سهرو مولوي وهابي خيالن جو هجي، انهيءَ چيس ته اسان جي طريقي ۾ داخل ٿيءُ ۽ مون سان گڏ رهه ته مان سڱ ڏيندس، نه ته نه ڏيندس. پهريون ته پڪو ٿيو پر پوءِ جنهن وقت انَ کي شهوت زور پريو ته سهري کي چيائين توهان جا سڀ شرط مون کي قبول آهن، شادي ڪرايو. پوءِ انهيءَ شادي ڪرايس. وهابي ٿي ويو، وري هيڏي نه آيو. سندس پيءُ نيڪ ۽ عالم آهي، انهيءَ خط لکيو ته الحمدلله جو توهان وٽان منهنجو پٽ نور ايمان وٺي آيو هيو، پر سهري جي صحبت ۾ اچي ڪري بي نور ٿي ويو جو هن سان ماڻهن جي محبت جو جيڪو شور هيو سو صفا ختم ٿي ويو آهي.

www.zikar.com



خيال ڪيو، شيطان گھٽڻ جو گھاٽو لاهي ٿو ڇڏي، ان کان بچو. ذڪر گھڻو ڪيو ۽ پير سان محبت رکو. بيت

دلا ياران سه قسم اند در جهاني | يکي ناني و لساني و جاني
بناني نان ده از دربدر کن | تلطف کن بياران لساني
بجاني جان ده ور مي تواني | که ايں شرط است ياران حقاني

يعني: اي دل دنيا ۾ يار ٽي قسم آهن. هڪ ماني کائڻ وارو، ٻيو ٻتاڪ هڻڻ وارو ۽ ٽيون جان ڏيڻ وارو. تون ماني کائڻ واري کي ماني کارائي راضي ڪر ۽ ٻتاڪ هڻڻ واري سان نرميءَ سان ڳالهائي راضي ڪر ۽ جان ڏيڻ واري کي جان ڏئي ڇڏ. پير جاني يار آهي، انهيءَ سان دلي پيار رک ۽ ان کي دل ڏي.

## فيصلن سان اسان جو واسطو ناهي

تاريخ 7 رجب 1380ھ سومر جي ڏينهن صبح جو هڪ شخص عرض ڪيو ته سائين هڪ فقير سان منهنجو فيصلو (حل طلب ڪو مسئلو) آهي، انهيءَ لاءِ جيڪو حڪم فرمايو. پاڻ جواب ۾ ارشاد فرمايائون ته الحمدالله هن جماعت ۾ مولوي گھڻا آهن، سو انهن کان مسئلو پڇو ۽ فيصلو شريعت تي ڪرايو. باقي هن فقير جو فقيرن جي دنيا واري معاملي ۾ ڪوبه دخل نه آهي. هتي به جيڪو ڳوٺ وارن جو فيصلو هوندو آهي ته اهو به مولوي محمد عاشق ۽ خليفه اميرالدين جي حوالي هوندو آهي. باقي جيڪڏهن ڪو ڳوٺ وارو يا ٻاهريون شريعت جو فيصلو نه مڃي ته پوءِ هي فقير انهيءَ کي مسئلو ٻڌائيندو ته جنهن شخص شريعت کي نه مڃيو پوءِ اهڙي ڳوٺ واري کي ڪڍي ڇڏبو. باقي جماعت مان ڪنهن کي نه ڪڍبو، متان هڪ نه هڪ ڏينهن سڌري ۽ سڌي رستي تي اچي وڃي ۽ يڪو شيطان بي ايمان نه بنائيس. باقي هي فقير جو ڪنهن جي وچ ۾ نٿو

www.zikar.com



اچي سو انهيءَ ڪري جو اڄ ڪلهه سيڪو پنهنجي خيال وارو آهي، طالب مولىٰ ڪوبہ نہ رهيو آهي.

## طالب مولىٰ ڪير آهي

اڄوڪا طالب دنيا جي محبت ۾ قاتل آهن ۽ هيڏي طريقي ۾ بہ شامل آهن. الحمدلله جو وري بہ ظاهر شريعت تي هلن پيا، باقي نعمت جي لائق نہ آهن. مريد جي تہ معنىٰ ئي آهي تہ پنهنجو ارادو اصل نہ هجيس، پير ۾ فنائيت حاصل ڪري، صورةً ۽ معنًى مشابهت رکي. جيڪڏهن مشابهت تام نہ اٿس تہ اهو حقيقت ۽ باطن ۾ بعيد در بعيد (گهڻو پري) آهي، اهو فائدو ڪيئن وٺندو.

## پير جي محبت غير نہ آهي

هن طريقي جو هڪ نالو نقشبندي ۽ ٻيو نالو انعڪاسي آهي، يعني پير کان عڪس وٺڻ. مطلب تہ پير ۾ اهڙي فنائيت حاصل ڪري جو پير جو شهود تي وڃي ۽ ظاهر ظهور پاڻ سان گڏ سمجهي.

*ازاں روے کہ چشم تست احول — کہ محبوبِ تو پیر تست اوّل*

معنىٰ: انهيءَ جي ڪري جو تنهنجي باطني اک ٽيڏي آهي، پهريائين تنهنجو محبوب پير آهي. پير جي باطني نگاه ڪرم سان باطني اک جو ٽيڏ دور ٿيندو ۽ حقيقي توحيد توکي نصيب ٿيندو.

اهو بيت حضرت امام رباني رحمة الله مڪتوبات ۾ لکڻ فرمايو آهي. هن فقير کي پهرين اهو بيت پڙهڻ ڏکيو لڳندو هيو ۽ خوف ٿيندو هيو. پر پوءِ جنهن وقت حقيقت کلي تہ هاڻي بي خوف تي پڙهان ٿو.

www.zikar.com



# سالن کان پوءِ بہ خوشبو

تقرير هلندي فرمايائون تہ هڪ ڀيري منهنجي پير حضرت فضل علي قريشي صاحب کي ٽر ملڪ ڏانهن دعوت هئي. رستي ۾ هڪ ڪبڙ جو وڻ هيو. حضرت قبلہ عالم جن انهيءَ جي هيٺان اچي ويٺا. انهيءَ وڻ جي ڀرسان هڪ ڏٽل مسجد شريف هئي. پاڻ انهيءَ ۾ وڃي نماز پڙهيائون ۽ پوءِ پاڻ فرمايائون هن مسجد شريف مان بهشت جي خوشبوءِ پئي اچي، سو ڪو الله جو ولي هتي آيو آهي. فقيرن کان بہ پڇيا فرمايائون، فقيرن بہ ائين ئي چيو تہ برابر هن مسجد مان خوشبوءِ اچي رهي آهي. ڳوٺ ويجهو هيو، آخر انهن کان پڇيو ويو. انهن مان هڪ پوڙهي شخص چيو، قبلہ حضرت خواجہ غلام فريدرحمة الله هڪ ڀيري ٽر ڏانهن ننگر پار علائقي ويا، سو هن مسجد شريف ۾ نماز پڙهي هيائون ۽ انهيءَ ڪبڙ جي هيٺان ويٺا هئا.

پوءِ پاڻ انهن ماڻهن کان پڇيائون تہ توهان جو ڪو وڏو زميندار وفات ڪري ويو آهي ڇا؟ چيائون سائين هاؤ. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مون وٽ سيئي مقام وارا آيا هيا (قبرستان ۾ دفن ٿيل مؤمنن جا روح) ۽ اچي دانهن ڪيائون تہ هن زميندار تي ايترو عذاب ٿي رهيو آهي جو نيڪن کي بہ تڪليف پهچي رهي آهي، مهرباني ڪري دعا گهرو تہ ڪجهہ عذاب جي تخفيف ٿئي. پوءِ پاڻ ڳوٺ وارن کي گهرايائون، خصوصًا ڳوٺ جي زميندار کي نصيحت ۽ تنبيه فرمايائون تہ توهان زميندار اهڙا گناه ڪيو ٿا جو قبر وارن کي بہ تڪليف ڏيو ٿا. تمام جوش سان تقرير فرمايائون، ان کان پوءِ فرمايائون قل شريف پڙهو. سيني قل پڙهيا. پوءِ حضرت جن گهڻي دير تائين دعا گهري.

www.zikar.com



انهيءَ قبرستان ۾ هڪ بزرگ جو روضو مبارڪ هيو. فقيرن ڪي انهيءَ ڏانهن روانو فرمايائون ته بزرگ ڪان احوال وٺي اچو. پوءِ موٽي اچي احوال ڏنائون ته سائين توهان جي هتي تشريف فرما ٿيڻ ۽ دعا گهرڻ سان عذاب ٿيندڙن تان عذاب لهي ويو. پوءِ انهيءَ زميندار جي مٽان به تخفيف (عذاب ۾ هلڪائي) ٿي آهي ۽ جن تي عذاب نه هيو انهن جا درجا وڌيا ۽ بلند ٿيا آهن.

## ٻن قبروارن جو احوال

فرمايائون ته ٻئي ڀيري حضرت قبله عالم جن چني ڳوٺ جي هڪ مسجد ۾ نماز پڙهي. انهيءَ مسجد جي پرسان پاسي ۾ ٻه قبرون هيون، جن جي ٻاهران وڏي پٽ به نڪتل هئي جو مسجد مان ڪو ماڻهو انهن کي ڏسي نه سگهندو هيو. پاڻ فرمايائون ته قبرن وارا ٻه شخص اسان وٽ اسٽيشن تي آيا ۽ اچي دانهون ڪيائون ته اسين عذاب ۾ گرفتار آهيون، توهان جهڙو الله جو ولي هتي اچي ۽ اجا اسان عذاب ۾ گرفتار هجون؟ دعا گهرو ته عذاب ۾ تخفيف ٿئي. انهن مان هڪ ڪاسائي آهي، ٻئي جو به پاڻ نالو ورتائون پر ياد نه رهيو. پوءِ فرمايائون ته قل شريف پڙهو. پوءِ سيني فقيرن قل شريف پڙهيا، دعا گهريائون، سيني آمين چئي.

چني ڳوٺ ۾ حال وارا فقير (جن کي قبر وارن جو احوال معلوم ٿئي) هيا، انهن ٻڌايو ته حضرت قبله عالم جن جي دعا جي محابي انهن تان عذاب جي تخفيف ٿي وئي.

## جذبي جي ڪثرت

تاريخ 8 ماه رجب 1380ھ صبح جو مراقبه ۾ خليفه نصيرالدين شاه صاحب تي جذبي جي حالت ٿي ۽ بار بار تڪرار سان هي بيت ٿي پڙهيائين:

www.zikar.com



قسم ٿئي خدا جو هتڙي هلي آ
چوڻڪاري جي ٻي نہ ڳلي آ

مراقبہ بعد ٻين فقيرن غزل شروع ڪيا. سيني تي جذبي جي حالت طاري ٿي. ڪو فقير جذبي کان خالي نہ رهيو. جذبي جي حالت ۾ ڪن فقيرن پنهنجون قميصون ڦاڙي ڇڏيون ۽ ڪي حضور جن جي قدمن تي ڪري پيا.

آخر ۾ سيني عرض ڪيو تہ اسان هتي الله تعالیٰ، رسول الله ﷺ ۽ اوهان جي رضا واسطي اچي گڏ ٿيا آهيون، دنيا دولت هٿ ڪرڻ اسان جو مقصد نہ آهي، خدارا هٿ کڻي اسان لاءِ دعا گهرو تہ اسان کي اها رضا حاصل ٿئي. توهان جي محبت ۽ توهان ۾ فنائيت (فنا في الشيخ) حاصل ٿئي. هن دنيا ۾ بہ توهان سان گڏ هجون ۽ آخرت ۾ بہ توهان سان گڏ هجون. پوءِ حضور قبلہ عالم جن ان وقت ئي هٿ مٿي کڻي بارگاه الاهيءَ ۾ گهڻي دير تائين دعا گهري. ان بعد دولت خانہ ڏي تشريف فرما ٿيا.

## تبليغ ۽ رابطہ شيخ

تاريخ 13 ماه رجب 1380ھ، آچر ڏينهن

پاڻ (حضرت پير مٺارحمة الله) خلفاءِ ڪرام کي اندر حويلي مبارڪ ۾ گهرايو ۽ تبليغ دين لاءِ تحريص ڏياريندي ارشاد فرمايو: تبليغ جو هيءَ ڪم نبين سڳورن عليهم السلام وارو ڪم آهي. ساري دنيا جون نيڪيون هڪ پاسي ۽ تبليغ ڪري هڪ ماڻهوءَ کي سڌارڻ واري نيڪي ٻي پاسي. ايترو هن جو اجر ۽ ثواب آهي. لهٰذا تبليغ جي ڪوشش ڪيو ۽ ان لاءِ سڀ ڪنهن وٽ وڃو، ڪير بہ هجي، عالم هجي توڙي جاهل، زميندار ۽ دنيادار هجي خواه مسڪين ۽ هاري هجي. ڏسو بدمذهب قادياني پنهنجي بدمذهب کي ڦهلائڻ لاءِ

www.zikar.com



ڪوشش ڪن پيا. هي طريقہ نقشبنديہ واري ذڪر الاهيءَ جي تبليغ تہ جامع صفات ۽ سيني ڀلاين واري تبليغ آهي. بس ذڪر ڏسڻ، سکڻ ۽ ڪمائڻ سان ماڻهو نيڪ بہ ٿي وڃي، عقائد بہ صحيح ٿي وڃن.

ٻہ واٽون: هن طريقي ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ ٻہ واٽون آهن. هڪ ڪسر نفسي يعني پاڻ کي گهٽ سمجهڻ، ٻيو پير سان رابطو. رابطو بہ اهڙو پڪو هجي جو سدائين پير جو شهود هجي (پير کي پاڻ سان گڏ سمجهي) ۽ قرب الاهيءَ جو اهو رستو سيني رستن کان اعليٰ، اتم ۽ اقرب آهي. جنهن سالڪ جو پير سان رابطو هوندو ان کي شيطان هرگز نہ ترڪائيندو (گمراه ڪري نہ سگهندو). ان کي اصل ڪجهہ بہ نقصان پهچائي نہ سگهندو. گهڻا اهڙا ماڻهو بہ ڏٺاسين جن ذڪر جي لذت چکي پر بعد ۾ وري وڃي شيطان جا ساٿي بڻيا (گناهن ۾ مبتلا ٿيا). سو ان جو سبب اهوئي آهي جو انهن جو پير سان رابطو مضبوط نہ هيو. توهان محبت لڳايو، انهن ڳالهين جو ڪو خيال نہ ڪريو، انهن جو فڪر نہ ڪريو، توهان جو ثواب تبليغ وارو ضايع ڪو نہ ٿيندو.

## تبليغ جا لوازمات

فرمايائون تہ ٽيون ڪجهہ شيون تبليغ جي ڪم سان لازم آهن. هڪ تہ تبليغ جو ڪم خاص خدا ڪارڻ ڪجي، طمع ماني جي بہ نہ رکجي. ٻي بہ ڪنهن شيءِ جي لالچ، دل ۾ قصد ۽ ارادو بہ نہ رکجي. ٻيو تہ شريعت پاڪ جي تابعداري ڪجي، پنهنجي هر حاجت الله کان گهرجي، ثواب جي اميد انهيءَ کان رکجي، دل ۾ نيت رڳو خلق جي سڌاري جي ڪجي. ٽيون هيءَ تہ پير سان رابطو ۽ محبت سخت مضبوط هجي.

مريد ڪاڏي بہ وڃي دل جو رخ پير ڏانهن رکي. پوءِ ڪٿي ڪوه قاف جي پريان وڃي تہ بہ فيض پيو پهچندس ۽ تبليغ جو

www.zikar.com



کم پيو کندو، پر جيڪڏهن دل جو منهن پير کان ڦيري ڪنهن ٻئي طرف ڪيائين ته تبليغ ۾ اثر ڪونه رهندس.

## پير جي محبت دائمي هجي

حضرت پير قريشي صاحبرحمة الله وٽ هڪ شخص سندن خليفه صاحب جي ڳالهه ڪئي ته سائين اهو چوي ٿو ته پير جي محبت جي بہ حد آهي، ان کان پوءِ ڪا ضرورت نه آهي. اهو ٻڌي حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله عليه ڏاڍا رنج ٿيا، پوءِ پاڻ فرمايائون ته پير جي محبت قيامت تائين هلندي، قيامت تائين پير جي محبت جي ضرورت آهي.

جيڪڏهن ڪنهن ڪان حالات، جذبات ۽ ڪرامات ته ظاهر ٿين ٿيون پر پير جي محبت ۾ هڪ وار جيتري ڪمي اٿس ته ان جي انهن حالتن تي ڪو اعتبار ناهي، هڪ ڏينهن اهي سڀ ختم ٿي وينديس. البته جيڪڏهن ان ڪي اندر ۾ ظلمات در ظلمات (اونداهيون) نظر اچن ٿيون پر پير جي محبت ۾ ڪا ڪمي نه اٿس ته هڪ وقت اهڙو ايندو جو اهي سڀ ظلمتون هليون وينديون، جيئن اسان جي طريقي وارن فرمايو آهي

"آخر خواهند داد و محنت سنین در یک ساعت می دهند"

يعني آخرڪار ان کي نوازيندا، سالن جي محنت جيترو فائدو هڪ ساعت ۾ ڏيندا.

انهيءَ ڏينهن يعني 13 ماه رجب 1380ھ پاڻ حسين شاه، حاجي الهه بچايو جهول واري ۽ هن عاجز بدڪار گنهگار (راقم الحروف مفتي عبدالرحمٰن غفاري، بخشي، طاهري) کي حضرت پير منا رحمة الله تبليغ جي اجازت (خلافت) عطا فرمائي ۽ تبليغ جي غلامي واري طوق مبارڪ سان گردن کي سرفراز فرمايو.

www.zikar.com



# اولاد جو خرچ والد تي آهي

تاريخ 15 ماه رجب 1380ھ صبح جو اندر حويلي مبارڪ ڏانهن گهراياڻون. پوءِ هن عاجز جي شادي متعلق بہ گفتگو فرماياڻون. پوءِ پاڻ مولوي عاشق محمد (منتظم درگاه رحمت پور شريف) کي فرماياڻون: مولوي حبيب الله جنهن عورت کي طلاق ڏني آهي، انهيءَ عورت کي حبيب الله مان ٻار آهن، تنهن ڪري نعمت الله ٻارن جو خرچ حبيب الله کان ضرور وٺي، ان لاءِ توهان حبيب الله کان لکرائي وٺو جو ٻارن جي خرچ جو ذمو کڻي.

عورت سان شادي ڪندڙ تي ٻارن جو ڪو حق يا ٻار نہ آهي. انهيءَ مسئلي کي صاف رکي، متان پوءِ ڏهاڙي دانهن کڻي اچي تہ ٻارن کي پيار نٿو ملي. سو عورت سان نئون شادي ڪندڙ مرد ٻارن کي پيار نہ ڏئي تہ ٻلي نہ ڏئي (جو اها ان جي شرعي ذميداري نہ آهي) جو اهي ٻار هن جا نہ آهن، پراوا آهن. تہ جنهن جا ٻار آهن، ٻارن جو خرچ بہ ان جي ذمہ داري آهي، اهو نئون شادي ڪندڙ آزاد هجي، ائين نہ ٿئي جو ويچاري لاءِ ڳٽ ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي، جو ٻارن جو ٻار بہ هن جي سر تي اچي ۽ وتي ٻار پرچائيندو. مثال ڏيندا آهن تہ هڪ شخص سو روپئي ۾ اٺ پئي ڪپايو. خريدار گهڻا اچي گڏ ٿيا، پوءِ ڇا ڪيائين جو اٺ جي پڇ ۾ ٻلي ڇنبڙائي اعلان ڪيائين تہ جيڪو اٺ وٺندو تہ ٻلي بہ اٺ سان گڏ خريد ڪندو، ۽ ٻلي جي بها آهي بہ هزار روپيا. سو ائين نئين شادي ڪندڙ لاءِ بہ مصيبت پيدا نہ ٿئي.

# خدائي حڪمن ۾ حڪمتون آهن

انهيءَ ڏينهن شام جي مجلس ۾ هڪ شخص عرض ڪيو سائين! منهنجو پٽ اکين کان معذور تي پيو آهي، سو

www.zikar.com



مهرباني ڪري دعا گهرو تہ الله تعاليٰ ان کي شفاء بخشي. ان شخص تمام گهڻي الحاح زاري ڪئي، پوءِ پاڻ هي شعر پڙهيائون:

اولياء راهست قدرت از الٰہ　　تیر جستہ باز گردانند ز راه

(ولين کي الله تعاليٰ طرفان هيءَ طاقت مليل هوندي آهي جو اهي ڇٽل تير کي رستي کان موٽائي سگهن ٿا). پوءِ پاڻ حضور قبلہ عالم پير مٺا سائين رحمة الله عليہ ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ جا راز تمام اونها آهن، انهن جي سامهون ڪنهن کي ڪڇڻ جي ڪا طاقت نہ آهي، ۽ انهيءَ مالڪ جا ڪم حقيقت ۽ حڪمت کان خالي نہ آهن.

ڏسو الله تعاليٰ جا پيارا ٻانها آهن، انهن کي ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ تڪليفون پهتيون.

هڪ شخص کي سدائين مٿي ۾ سور رهندو هيو. هڪ ڏينهن اٺ تي چڙهيو، اٺ تان ڪري پيو. ڏاڍو ڌڪ لڳس، مغز مان، وات ۽ ناسن رستي ڏاڍو خون آيس. قدرت الله تعاليٰ جنهن وقت رت وهڻ بند ٿيو، مٿي جو سور صفا ڇڏي ويس.

## حق پير مٺا چوڻ سان شيطان ڀڳو

تاريخ 16 اربع ڏينهن صبح جو تقرير ڪندي فرمايائون: هن جماعت کي ڏسي شيطان سڙي ٿو ۽ گمراه ڪرڻ لاءِ جماعت جي پنيان لڳو پيو آهي. جماعت جي فردن کي ڪارڻ جي وڏي ڪوشش ڪري ٿو.

هڪ نوجوان فقير هيو جيڪو مينهون چاريندو هيو، ان کي حال (ڪشف) سچو ٿيندو هيو. هڪ دفعي حال ۾ شيطان کي ڏٺائين. شيطان فقير کي چيو ذڪر نہ ڪر. فقير جواب ڏنو تہ ذڪر ڇو نہ ڪيان؟ آئون ذڪر ضرور ڪندس، ذڪر کي اصل نہ ڇڏيندس. پوءِ فقير کي شيطان چيو ذڪر ڀلي ڪر، پر

www.zikar.com



پير مٺا پير مٺا نہ ڪر، جو اهو پٽڻ سان منهنجو اندر ٿو سڙي. پوءِ فقير وٽي الله الله جون زور سان ضربون هيون ۽ پير مٺا پير مٺا ڪيائين تہ شيطان وٺي ڀڳو.

ان فقير جا مٽ مائٽ جاهل ۽ دين کان دور ۽ ذڪر جا سخت مخالف هيا. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڪنهن نموني هن فقير کي تهمت هڻي مار ڏيون. فقير هڪ ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو سمهندو هيو. مخالفن ڇا ڪيو جو هڪ نوجوان عورت کي سيڪاريو ۽ سمجهايو تہ سينگارجي هن فقير سان گڏ سمهي پئُ، پوءِ اسان مٿان اچي پونداسين ۽ برائي جي ڏوهہ ۾ پڪڙي، ان بهاني فقير کي مار ڏينداسين. آخر اها عورت جنهن وقت ڪمري ڏي وئي تہ فقير مراقبي ۾ ويٺو هيو. جيئن دروازو کڙڪيو، ان جي آواز تي فقير کي جذبو ٿي ويو ۽ زور زور سان الله الله جون ضربون هنيائين تہ عورت تي اهڙو تہ خوف طاري ٿي ويو جو اونڌي ٿي وڃي ڪري، پوءِ سنيالي اٿي ۽ وٺي ڀڳي (۽ جاهلن جي اها چالبازي ناڪام ٿي وئي). ڏسو جاهلن جا ڪم ۽ بي غيرتي، آخر اها عورت بہ ڪنهن جي ڀيڻ يا زال هوندي.

ٻئي ڀيري وري انهن جاهلن هن فقير تي شڪاري ڪتو ڇڏيو. جنهن وقت اهو ڪتو فقير جي ويجهو آيو تہ فقير الله جي ضرب هنئين تہ ڪتي کان ڪونڪاٽ نڪري ويا ۽ وٺي ڀڳو.

## حافظ ڪريم بخش صاحب رحمة الله

حضرت حافظ ڪريم بخش صاحب رحمة الله حضرت پير فضل علي قريشي صاحب رحمة الله جو خليفو هيو. هو اڳ ۾ حضرت پير مهر علي شاه صاحب رحمة الله گولڙه شريف وارن جو مريد هيو.

حافظ صاحب ڳالهہ ڪئي تہ مون جنهن وقت حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله عليہ جو نالو ۽ سندن تعريف ٻڌي تہ

www.zikar.com



پهرين پنهنجي مرشد وٽ ويس ۽ عرض ڪيم ته سائين ضلع ميان والي مان حضرت پير قريشي صاحب ضلع مظفر ڳڙهه ۾ آيا آهن ۽ ذڪر جو اهڙو شور مچايو اٿن جو گهڻا چور ۽ ڌاڙيل به سڌري نيڪ ٿيا آهن. جيئن ته آئون ننڍي لاڪون توهان جو مريد آهيان ۽ قريب قريب اسي يا نوي (80 يا 90) ورهه جو ٿيو آهيان، پر مون کي اڃا قلب جو ڪو پتو نه آهي، جڏهن ته پير قريشي صاحب جا مريد جيڪي اڳ ۾ ڪٽي ڌاڙيل هيا پر سندن خدمت ۾ اچڻ سان انهن جو قلب زنده ٿيو وڃي ۽ قلب ۾ ذڪر جو جوش ۽ جذبو پيدا ٿو ٿئين، جنهن ڪري جلدي سڌري نيڪ ٿيو ٿا وڃن.

شاه صاحب رحمة الله جن منهنجو عرض ٻڌي ڪليا ۽ مون کي قلب جو ذڪر ڏنائون. مون سندن حڪم مطابق سال کن قلبي ذڪر ڪمايو پر ڪو خاص اثر پيدا نه ٿيو، جنهن ڪري وري خدمت ۾ وڃي دانهن ڪيم ته سائين مون کي اڃا تائين قلب جي ڪا خبر ڪونه ٿي پوي، مهرباني فرمائي قلب کي جوش ۽ شور ڏياريو، نه ته آئون وڃي حضرت پير قريشي صاحب جو مريد ٿيندس. پاڻ اهو ٻڌي ڪليا ۽ فرمايائون قلب ۾ جوش پيدا ٿيندو، صبر ڪر. ڪجهه وقت تائين ڏٺم، پر ڪو فرق سمجهه ۾ نه آيو. پوءِ اچي حضرت قبله عالم پير قريشي صاحب رحمة الله عليه جن جو مريد ٿيس.

## بي قدر مخالف پاڙيسري

فرمايائون ته هڪ سيد سڳورو هو. فقير (حضرت پير منار رحمة الله) سان ملڻ واسطي آيو. جڏهن لاڙڪاڻه اسٽيشن تي لٿو ته اتي موجود ماڻهن کان پڇيائين ته اسٽيشن جي پرسان فقير رهي ٿو، ڪهڙي رستي سان ڪٿان وڃان، ته هڪڙي ماڻهو چيس هن فقير ڏانهن تون ڪيئن ٿو وڃين، انهيءَ فقير وٽ ته جن آهن. جيڪڏهن تون ويندين ته توکي به جن ٻڇيندو.

www.zikar.com



شاه صاحب وري ٻئي کان پتو پڇيو. انهيءَ به اهڙوئي جواب ڏنس. پوءِ وري اسٽيشن ماسٽر کان پڇا ڪيائين ته ان به ساڳيو جواب ڏنو ۽ وڌيڪ سمجهايو ته توري گهڙي ويهه، دادو کان ريل گاڏي ايندي، ٽڪيٽ وٺي پوئتي ڳوٺ موٽي وڃ، هن جنن واري فقير ڏي نه وڃ.

تانته شاه صاحب ويچارو هن جو چيو مڃي ٽڪيٽ وٺي واپس ٿيو. جنهن وقت ريل گاڏي حبيب ڪوٽ اسٽيشن تي پهتي، ڪيس هڪ پراڻو دوست مليو جيڪو هن جماعت ۾ داخل ٿيل هيو. انهيءَ شاه صاحب کان حال احوال ورتو ۽ چيو ته افسوس، شاه صاحب اوهان عقل وارا سمجهدار ماڻهو ٿي ڪري عام ماڻهن جي چوڻ تي لڳي موٽي آيؤ، سفر ڪري ويا به هيؤ ته روبرو وڃي ڏسو ته ها. بهتر اهو آهي ته هاڻي وري هتان ئي موٽي لاڙڪاڻي وڃ. چنانچه شاه صاحب ائين ڪيو ۽ ٻي گاڏي تي سوار ٿي هتي آيو، مليو ۽ ڏاڍو مطمئن ۽ خوش ٿيو.

اسان جا اهڙا مخالف رستي تي گهڻا ويٺا آهن. جنهن وقت اسان اچا عاشق آباد ۾ هياسين ته سنڌ جو هڪ فقير ظهر مهل ريل گاڏي تان اچي لٿو. چني ڳوٺ کان ٻه ميل ڪن پنڌ اڳتي هيو، هن کي ڏس مليل هيو ته اُچ شريف واري رستي سان ڪجھ پنڌ اڳتي ويندين ته ماڇين جو ڳوٺ ايندو. انهيءَ ڳوٺ جي اولهه طرف مسجد نظر ايندي. اتي وڃي ماڇين کان پڇا ڪجانءِ، اهي توکي سڌو رستو ڏسيندا. فقير هيو نئون ۽ اڻ واقف، جڏهن ماڇين وٽ پهتو ته انهن چيو ته فقير اجا گهڻو پري آهي، سو سڌو رستو وٺي اڳتي هليو وڃ. ڪجھ پنڌ ڪري ٻئي ماڻهو کان پڇا ڪيائين ته ان به چيس اجا اڳتي وڃ. اڳتي جهنگل هجي، رات ٿي وئي. جنوري جو مهينو، سخت سردي هجي. پوءِ هن ويچاري ڪٺي ٻوڙي کي ٻاهه ڏني، سڄي رات سيڪيندي گذاريائين. پوئين رات جو جت، انن تي اَڻ ڪٺي اسٽيشن ڏانهن ويا ٿي، انهن کان رستو پڇيائين ته انهن چيس فقير جو ڳوٺ ته ٻه ميل ڪن پوئتي ڇڏي آيو آهين، اسان

www.zikar.com



سان گڏجي موٽي هل. پوءِ انهن سان موٽيو ۽ سج ايرٿي مهل اسان وٽ پهتو ۽ اچي احوال ٻڌايائين. اسان چيس ته پاڳ وارو هئين جو جت ملي ويئي نه ته اُچ جو شهر اجا ڇهه ميل اڳتي هيو ۽ تون وڃي اُچ جو سير ڪرين ها.

## مبلغن سان مدد

تقرير جي آخر ۾ دريافت فرمايائون ته خليفا ۽ رحمت پور شريف ۾ رهندڙ فقير هن وقت موجود آهن؟ جيڪي موجود هيا اٿي بيٺا. پوءِ پاڻ انهن ڏي مخاطب ٿي فرمايائون: هن فقير توهان کي اوّلاً، ثانيًا، ثالثًا، رابعًا، خامسًا، ڪرات مرات (هڪ، ٻه، ٽي، چار ۽ پنج دفعا، بلڪ بار بار) چيو آهي ۽ هاڻي وري به توهان کي چوان ٿو، توهان خيال ڪري ٻڌو ۽ جيڪي شهر وارا خليفا حاضر نه آهن انهن کي ٻڌايو ته توهان جنهن وقت تبليغ تي وڃو ته گهروارن جو ڪو فڪر نه ڪريو. انهن کي ماني لنگر مان ملندي پوءِ ڪٽي ڇهه مهينا توهان موٽي نه اچو ۽ تبليغ جي ڪم ۾ مشغول رهو. انشاءالله گهر ۾ موجود ٻارن ۽ عورتن کي ڪا ڏکيائي ڪانه ٿيندي. ان کان سواءِ ڀاڙو ڪرايو مثلاً ڪراچي تبليغ لاءِ ڪو وڃي ٿو ته اچ وڃ جو گاڏي جو ڪرايو 18 روپيا آهي، ۽ ٻيو جيڪو واٽ تي خرچ اچي ٿو اهو به هيءَ فقير توهان کي ڏيندو، رڳو هن فقير کي اطلاع ڏيو، بنا رڪاوٽ ۽ بنا بار جي توهان کي پيسا فقير ڏيندو.

توهان تبليغ جي ڪم ۾ سستي نه ڪريو، ۽ وارو ڪريو خلق تباه ٿي رهي آهي. زنا جي ڪثرت آهي، چوري ڌاڙو عام آهي. ماڻهو دوزخ ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهن، سڌو جهنم جو رستو وٺيو پيا وڃن ۽ شيطان جي چنبي ۾ اچي ويا آهن.

وڃو ماڻهن کي اسم ذات جو سمجهايو ۽ ڏسيو ته انهيءَ ذڪر اسم ذات جي محابي شيطان جي چنبي مان ڇٽندؤ. ان نموني ماڻهن کي بهشت جي واٽ وٺايو ۽ نصيحت ڪيو ته

www.zikar.com



شريعت تي عمل ڪن. اڳي هن جماعت جي مخالفت گهڻي هوندي هئي، هاڻي مخالفت جو اڳيون وقت نہ آهي. توهان همت ڪيو، ڏسو ٻين مذهبن وارا ڪيئن تا ڪوششون ڪن. نيون نيون جماعتون پيدا ٿيون، جلدي ترقي ڪري اڳتي وڌي ويون آهن.

## قلبي ذڪر جي اهميت

سهڻي نبي ڪريمﷺ وحي نازل ٿيڻ کان چاليهہ سال اڳ نہ نمازون ادا فرمايون نہ روزا رکيا نہ وري ٻيا ڪي دين جا احڪام بجا آندا. چا پوءِ سيد الثقلين ٻنهي جهانن جي واليﷺ اها ايتري زندگي ۾ حياتي اجائي (بغير عبادت) گذاري؟ اڙي ادا! حضرت محبوب رب العالمينﷺ غار حرا ۾ اهو قلب جو ذڪر ڪمائيندا هيا، چاليهن سالن جي عمر جا ٿيا تہ وحي نازل ٿيو تہ سهڻي نبي ڪريمﷺ جن جي قلب مبارڪ کي اهڙو تہ جوش آيو جو سندن بدن مبارڪ تي ڏڪڻي پئجي وئي، ۽ گهر اچي ام المؤمنين سيّده خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها کي فرمايائون تہ منهنجي مٿان چادر وجهہ جيئن اهو جوش ڪجهہ ڍرو ٿئي. پوءِ جنهن وقت چادر يا سوڙ مٿان وڌائون تہ الله تبارڪ و تعالىٰ سڏ فرمايو

يَا أَيُّهَا الْمُدَّثِّر

## افضليت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه

جنهن وقت حضرت نبي ڪريمﷺ هجرت واري وقت غار ثور ۾ پهتا ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ کي نانگ ڏنگ هنيو تہ بہ پاڻ گوڏو نہ سوريائون جو ان تي

www.zikar.com



حضورﷺ آرامي هيا، باقي اکين مان پاڻي نڪري اچي سهڻي نبي ڪريمﷺ جي چهري مبارڪ تي پيو، جنهن ڪري حضور جن سجاڳ ٿي سنڌن ڪان احوال پڇڻ فرمايو. احوال ٻڌائي اجا پير مٿي ڪٽي تہ هينان نانگ نڪري آيو. نانگ خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ آئون اوهان جي زيارت لاءِ آيو آهيان ۽ آئون حضرت عيسىٰ عليه السلام جي زماني ڪان وٺي هن جاءِ تي اوهان جي زيارت جو منتظر هيس، اڄ ٻيا سوراخ بند ڏسي ۽ هي نرم ڏسي نڪرڻ لاءِ ڏنگ هنيم ۽ نڪري زيارت ڪيم. پوءِ حضورﷺ جن حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ جي اها سچائي ڏسي اتي ڪين قلبي ذڪر عطا فرمايو. (معارج النبوت ص11)

هي قائدو ۽ قانون آهي تہ دوست کي جيڪڏهن ڪا شيءِ ڏبي آهي تہ ٻين ڪان لڪائي ۽ ڇپائي ڏبي آهي. ان مطابق سهڻي نبي ڪريمﷺ جن بہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي اها قلب واري دولت ٻين ڪان مخفي ڏني ۽ اها نعمت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ محبت ۽ عشق جي ذريعي سان هٿ ڪئي، تنهنڪري هن طريقي (نقشبندي) ۾ محبت، عشق ۽ اعتقاد جي سخت ضرورت آهي. ٻين مجاهدن، رياضتن، گهڻن نفلن پڙهڻ ۽ نفلي روزن رکڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي.

سهڻي نبي ڪريمﷺ جن فرمايو آهي تہ

"مَاصَبَّ اللهُ فِي صَدرِي وَلٰكِن صَبَّبتُهُ فِي صَدرِ اَبِي بَكرٍ".

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اِفضل البشر و خير البشر و سيد البشر بعد از انبياء آهي، اهل السنت والجماعت وارن سيني جو اهو عقيدو آهي. جنهن جو اهو عقيدو نہ آهي تہ اهو اهل السنت والجماعت جو نہ آهي.

www.zikar.com



# امام مهدي نقشبندي طريقي مان هوندو

حضرت ابوبكر صديق رضي الله عنه کان فيض حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه ورتو، انهيءَ کان حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جي پوٽي حضرت قاسم بن محمد بن صديق اڪبر رضي الله عنهم فيض ورتو، وري حضرت قاسم رضي الله عنه کان حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه فيض ورتو. لهٰذا حضرت جعفر صادق رضي الله عنه وٽ ٻن طرفن ۽ ٻن رستن کان فيض اچي گڏ ٿيو، هڪ آباءواجداد سادات کان ٻيو ناناڻن کان (جو سندن والده محترمه سيده ام فروه رضي الله عنها حضرت ابوبكر صديق رضي الله عنه جي پوٽي حضرت قاسم رضي الله عنه جي نياڻي آهي ۽ حضرت قاسم رضي الله عنه حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه جا نانا به آهن ۽ شيخ طريقت پڻ) آهي تنهن ڪري حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه کي مرج البحرين چوندا آهن.

هاڻي ڏسو ته هي طريقو ڪهڙو نه شان وارو آهي. حضرت امام رباني رحمةالله فرمايو آهي ته حضرت امام مهدي رحمةالله به هن طريقه عاليه نقشبنديه مان فيض وٺندو. ۽ اسان جا مرشد حضرت پير قريشي صاحب رحمةالله جيڪي هن صدي جا مجدد هيا، فرمائيندا هيا ته حضرت امام مهدي رحمةالله اسان جي طريقي مان فيض وٺندو.

هاڻي ڏسو برابر هن طريقه عاليه جو فيض ساري دنيا ۾ هليو ويو. مديني شريف ۾ حضرت پير قريشي صاحب جن جا خليفه رهن ٿا. اتي طريقه عاليه جو ڪم جاري آهي. حضرت قريشي صاحب جن ساري دنيا ۾ پنهنجا خليفا ڏياري موڪليا. هتي هيءُ فقير (پير منار رحمةالله) موجود آهي جو ساري پنجاب، بلوچستان جي، قلات، مڪران ۽ لسٻيلو ۽ سموري سنڌ جي مخلوق هتي اچي پئي. بنگال ۾ به اڳي هڪ خليفو ويو هيو ۽

www.zikar.com



اتي چار هزار ماڻهو طريقي ۾ داخل ٿيا هيا. پوءِ اهو وفات ڪري ويو، پر اتان هڪ ٻيو مولوي صاحب آيو هتي فقير وٽ ڇهه مهينا اعتقاد ۽ محبت سان رهيو، انهيءَ کي اجازت ڏني وئي ۽ هاڻي وري اتي ذڪر فڪر جو شور لڳو ۽ اميد ته اڳي کان وڏيڪ جماعت ٿي وئي هوندي.

## مثالي ڳوٺ رحمت پور شريف

(صبح کان ظهر تائين وري شام به خطاب)

هن دور ۾ جتي ڪٿي اونده لڳي پئي آهي، باه پئي ٻري. هيءَ ٽڪري (رحمت پور شريف) بهشت جي آهي. هتي 72 گهر آهن، سڀئي نيڪ، پنج وقتي نماز جماعت سان پڙهندڙ ۽ تهجد گذار آهن. شادي غمي، اٿڻ ويهڻ ۽ ميراث وغيره سڀ شريعت تي عمل ڪندڙ آهن. ٻاهر ته نماز جو نالو ئي ڪونه آهي.

اسان جو اعلان آهي ته ساري دنيا ۾ اهڙو ڳوٺ ڏيکاريو جتي 72 گهر شريعت تي هلندڙ هجن. 72 نه سهي، 5 گهر ئي اهڙا ڏيکاريو. هرگز نه ليندؤ. اسان وٽ عربستان جا به ماڻهو اچن ٿا ۽ سياح ماڻهو به اچن ٿا. اهڙوئي هڪ شخص هتي آيو جيڪو سادا تيرهن سال سفر ڪري دنيا گهمي آيو، ان ۽ ٻين سڀني اها ڳالهه مڃي ته برابر شريعت پاڪ جا پابند اهڙا 5 گهر به اسان ڪونه ڏٺا آهن. اڙي ادا هاڻي اکيون کوليو، هن نعمت جو قدر ڪيو، نه ته هٿ هٽندؤ (سندن هي خطاب صبح کان وٺي ٻيپهري نماز تائين جاري رهيو).

## ڏاڙهي قبضه برابر رکو

وري انهيءَ ڏينهن شام جو ٽيپهري نماز کان بعد فرمايائون ته هن جماعت نقشبندي جي هيءَ نشاني آهي ته ڏاڙهي قبضي تي پوري هجي ۽ گهٽ هڪ آڱر به نه هجي. پوءِ

www.zikar.com



پاڻ پنهنجي سونهاري مبارڪ ۾ هٿ وجهي قبضي جو قدر سمجهايائون ته ڪاڏي جي هيٺان مٺ هجي. باقي بلوچن جي رسم ڪري ڏاڙهي رکڻ غلط آهي. ڏاڙهي رسول اللهﷺ جي سنت سمجهي قبضي برابر رکجي، ٻيا سڀ ڪم به شريعت پاڪ تي هجن. جيئن شادي، ان ۾ رسمون نه ڪري، مماتي ٿئي ته ان ۾ ڀٽڪو نه ڪري، ورثو، ترڪو جيئن شريعت چوي تيئن وراهجي، ڌيئڻ کي ملڪيت مان حصو ڏجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شريعت جا اهي ڪم نه ڪندو ۽ ورثي مان ڌيئڻ کي حصو نه ڏيندو، باقي سڏائيندو فقير، ته اهو هرگز اسان جي جماعت جو ۽ نقشبندي نه آهي.

ڏندڻ ڏيڻ سنت آهي ۽ هن جماعت جي به وڏي نشاني آهي. ڏندڻ ۾ گهڻيون خاصيتون ۽ ڀلايون آهن، جن مان ڪجهه بيان ڪجن ٿيون.

حديث شريف ۾ آهي: "اَلسِّوَاكُ مَطْهَرَةٌ لِلْفَمِ وَ مَرْضَاةٌ لِلرَّبِ".
معنیٰ ڏندڻ وات جي پاڪائي آهي ۽ ان سان رب جي رضا حاصل ٿيندي آهي. پاڪائي ٻن قسمن جي هوندي آهي، هڪ ظاهري يعني وات جي صفائي، ٻيو ڪتابن لکيو آهي ته جيڪي لغويات جا گناه وات کان صادر ٿين ٿا انهن کان پاڪ ڪندڙ آهي.

هاڻي خيال ڪري ڏسو ته ڏندڻ پنهنجي وات کي صفا ڪرڻ واسطي ڏجي ته سنت به ادا ٿئي ۽ الله پاڪ جو رضامندو به حاصل ٿئي، لهٰذا اهڙي نعمت کي نه ڇڏيو. ڏندڻ پاڻ سان گڏ کيسي ۾ ڪٽو يا رومال جي پلاند ۾ يا پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيو.

حضرت امام رباني سائينرحمة الله جي باري ۾ ڪتابن لکيو آهي ته پٽڪي جي مٿين پلاند ۾ ڏندڻ رکي مٿان پٽڪي جو وَر هڻندا هيا. نبي سائينﷺ جا اصحاب سڀ گورا ڪَن جي پاسي ۾ ڏندڻ رکندا هيا، جيئن ڪاتب جو قلم رکندا آهن.

www.zikar.com



# جذبي جو ثبوت

تاريخ 17 رجب خميس جي ڏينهن صبح جو فرمايائون ته جيڪو شخص جذبي کان انڪار ڪري ٿو، اهو پنهنجي جهالت يعني علم نه هجڻ جو اقرار ڪري ٿو.

جذبو ٻن قسمن جو هوندو آهي. هڪ آهي رحماني ٻيو آهي شيطاني. مثلاً ڪيس گهرواريءَ تي ڪاوڙ ايندي آهي، پوءِ گهرواريءَ کي پڇي نه سگهندو آهي ته ٻارن کي پيو ڪٽيندو آهي. وڏيڪ ڪجهه ڪُڇي ته زال ڪلا هٽيس ته هي وري ٻارن کي پيو ڪٽيندو آهي. اهو جذبو نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ اهو جذبو شيطاني آهي. اهڙي طرح دائي کي زال تي ڪاوڙ ايندي آهي ته گڏھ کي ڪٽيندو آهي. هي جو ماڻهو ڌاڙا تا هڻن ۽ خون تا ڪن، انهن کي جذبو نه آهي ته ٻيو ڇا آهي. شيطاني جذبي جوش جي ڪري پهرين ته انهن کي خبر ڪانه ٿي پوي، پر پوءِ جنهن وقت جيل ۾ پون تا ته اهو جذبو ڍرو ٿو ٿئين ۽ پشيمان تا ٿين.

هي جيل جيڪي قيدين سان ڀريا پيا آهن، اهي سڀ ماڻهو جذبي وارا آهن، انهيءَ کي شيطاني جذبو چئبو آهي. ڪنهن به شخص کي توهان آزمايو، ڪهڙو به نيڪ هجي ۽ اخلاق سٺا هجن، ان سان توهان بداخلاقي سان ڳالهائي ته ڏسو، ان کي ڪيئن ٿو شيطاني جذبو وٺي.

اڙي ادا! توهان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ تي جذبو وٺي، باقي الله تعالىٰ جو پاڪ اسم ذاتي جنهن جي اندر ۾ جوش هڻي انهيءَ کي رحماني جذبو نه ٿئي؟

جذبو ته نبين سڳورن کي به ٿيو آهي. قرآن شريف مان ثابت آهي ته حضرت موسىٰ عليه السلام الله تبارڪ و تعالىٰ کي عرض ڪيو "رَبِّ اَرِنِي اَنْظُرْ اِلَيكَ" ته الله سائين جواب ۾ فرمايس "لَنْ تَرَانِي" يعني اي حضرت موسىٰ عليه السلام تون هرگز ڏسي نه سگهندين. لَنْ تَرَانِي صيغو تاڪيد جو آهي، ته به

www.zikar.com



حضرت موسىٰ عليه السلام وري ٻيهر ساڳيو سوال ڪيو. ڇا هاڻي چئبو ته حضرت موسىٰ عليه السلام بي ادب آهي، جو الله تعالىٰ جو فرمان نه مڃيائين ۽ ديدار کان بس نه ڪيائين؟ ڇا پوءِ ايڏو اولو العزم نبي بي ادب چئبو؟ هرگز نه. حضرت موسىٰ عليه السلام کي اهو جذبو هيو. جذبي ۽ محبت واري حالت ۾ بي ادب به باادب هوندو آهي. آخر رب سائين فرمايس

"وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ".

يعني اي حضرت موسىٰ عليه السلام! جبل ڏانهن نظر ڪر. جيڪڏهن جبل پنهنجي جاءِ تي بيٺو رهيو ته پوءِ تون به ڏسي سگهندين. الله تعالىٰ جي حڪم سان شروع ۾ پهرين آسمان جا ملائڪ لٿا، انهن جي تسبيح جو آواز ڪڙڪات پيو ڪري. حضرت موسىٰ عليه السلام جڏهن انهن کي ڏٺو ته سندن بدن ۾ ڏڪڻي پئجي وئي. اهو به جذبو هيو. وري ٻي آسمان جا ملائڪ لٿا، تان جو ستن آسمانن جا ملائڪ هيٺ لٿا. سندن بدن ۾ ڏڪڻي زياده ٿي. سيني ڪين عرض ڪيو انهيءَ سوال کان بس ڪيو نه ته اجا ڳالهه اڳتي وڌندي. پر حضرت موسىٰ عليه السلام جذبي واري حالت جي ڪري انهن جو چوڻ نه ورتو.

حقيقت ۾ اهي ملائڪ الله پاڪ جي تجلي جي استقبال، احترام ۽ عزت لاءِ نازل ٿيا.

"فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا".

يعني پوءِ جنهن وقت رب سائين نور جي تجلي جبل تي سٽي ته جبل ذرا ذرا ٿي ويو ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام بي هوش ٿي ڪري پيو. اهو جذبو نه آهي ته ٻيو ڇا آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام برابر ٽي ڏينهن بي هوش رهيو. بيت

موسیٰ ز ہوش رفت بیک پرتو صفات
تو عین ذات می نگری و در تبسمی

www.zikar.com



ڏسو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو شان جو حضرت موسیٰ عليه السلام صفاتي تجلي ڏسڻ سان بي هوش ٿي ويو ۽ حضور ﷺ جن عين ذات کي ڏسن پيا ۽ تبسم ۾ هيا (مشڪن پيا). اڙي بيوقوف! ڪو اهڙو ولي الله ناهي جنهن کي جذبو نہ ٿيو هجي.

## حضور ﷺ حاضرناظر آهن

اهي چندي وارا بدعقيده ملان وري چون تہ نبي ڪريم ﷺ مري ويو، چئو. اي ملان! حضور عليه الصلواة والسلام حيات النبي آهن، اسان کي هتي ڏسن ٿا. حضور عليه الصلواة والسلام کي اهڙي حياتي حاصل آهي جو اسان جون هي هزارين حياتيون انهيءَ جي ذري سان برابري ڪري نہ سگهن.

الله پاڪ شهيدن جي حق ۾ فرمايو آهي

"وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ"

يعني جيڪي خدا جي واٽ ۾ شهيد ٿيا آهن انهن کي مئل نہ چئو. الله پاڪ انهن کي مئل سڏڻ بہ نٿو سهي ۽ نٿو برداشت ڪري، جڏهن تہ ظاهري نظر ۾ تہ شهيدن جا عضوا هڪ ٻئي کان جدا آهن. پر اسان چونداسين صَدَقْتَ رَبَّنَا، اي اسان جا رب تو سچ چيو آهي. اسان انڪار نہ ڪنداسين، پر جيڪڏهن انڪار ڪنداسين تہ ڪافر ٿي پونداسين (العياذ بالله).

الله پاڪ شهيدن جي شان ۾ فرمايو تہ انهن کي مئل نہ چئو. هاڻي اي ملان تون ٻڌاءِ تہ شان ۾ شهيد وڏيڪ آهن يا نبي؟

اي ملان! شهيدن کي اهو شهادت جو درجو نبين جي صدقي ۽ طفيل مليو آهي، ۽ سو شهيد گڏ ٿين تہ بہ ڪنهن هڪ نبيءَ جي شان برابر نہ ٿيندا.

الله پاڪ فرمايو آهي "اُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ".

www.zikar.com



پهريون نمبر نبين جو آهي، ٻيو صديقن جو، ٽيون درجو شهيدن جو ۽ چوٿون صالحن جو بيان فرمايو ويو آهي. هاڻي هي وري شهيدن کي حيات مڃن باقي نبين کي مئل چون، ائين چوڻ وارا سزا جا حقدار آهن.

## علم غيب ۽ يا رسول الله ﷺ چوڻ

وري اهي ملان چون ٿا ته حضور عليه الصلواة والسلام کي علم غيب نه آهي ۽ يا رسول الله ﷺ چوڻ کان ماڻهن کي منع ٿا ڪن. سهڻي نبي ڪريم ﷺ وٽ ابوجهل پٿرين جي مٺ ڀري آيو، چيائين ته ٻڌايو هن ۾ ڇا آهي؟ جواب ۾ سهڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايس، آئون ٻڌايان ته تنهنجي مٺ ۾ ڇا آهي يا اهي خود ڳالهائين(ته مان ڪير آهيان). پوءِ ته پٿرين مٺ اندران ڪلمه پڙهيو ۽ ابوجهل به انهن جو آواز ٻڌو. اهو علم غيب نه آهي ته ٻيو ڇاهي؟(جو حضور ﷺ کي اڳ ۾ ئي خبر هئي ته هن جي هٿ ۾ موجود پٿريون ڪلمون پڙهنديون)

## حضرت امام رباني رحمه الله جي نظر

حضرت امام رباني رحمة الله فرمايو آهي ته منهنجي طريقي ۾ قيامت تائين جيڪي داخل ٿيندا، انهن سڀني جون شڪليون مون کي ڏيکاريون ويون آهن، مان انهن جا نسب، قبيلا سڀ ڄاڻان ٿو.

هڪ مريد حضرت امام رباني رحمة الله کان حج تي وڃڻ جي صلاح پڇي ته پاڻ فرمايائون: آئون توکي ميدان عرفات ۽ حرم ڪعبة الله ۾ ڪونه ٿو ڏسان. هاڻي ڏسو ته پاڻ ان کي ايندڙ سال يا مهينن جي خبر ڏنائون، جڏهن ته حج تي لکين ماڻهو وڃن ٿا سي به جدا جدا ملڪن مان، انهن ماڻهن ۾ ڪيئن ان مريد کي ڳوليائون ۽ اتي نه ڏسي اڳي ئي خبر ڏنائون.

www.zikar.com



# پير قريشي صاحب ڪڪڙين جو ڪلام ٻڌو

حضرت پير قريشي صاحب رحمۃاللہ جن وٽ ڪجين جو وڏو باغ هيو. پڙهڻ واسطي ڪتل جون ڪڪڙيون هڪ پاري (دڪي) ۾ رکيل هيون. پاڻ هيءَ ڳالهه بيان فرمايائون ته هڪ ڀيري آئون آزاد (فارغ ۽ اڪيلو) ويٺو هوس ته خيال آيو ته انهيءَ پاري مان ردي ڪڪڙيون ٻاهر ڪڍي ڇڏيان ۽ انهن جي جاءِ تي سنيون ڪڪڙيون پاري ۾ وجهان. اهو سوچي پارو هيٺ لاهي ڏٺم ته اتندي ئي هڪ ڪڪڙي نظر آئي جيڪا ننڍي، ڪاري، ڏنگي ۽ روندي تيل هئي. انهيءَ کي ڪٽي اڇلايم ۽ گهريم ته مسجد کان ٻاهر وجي ڪري، پر اها مسجد جي ڪنڌ ۾ اندر وجي ڪري ۽ ڪرڻ شرط ان مان آواز آيو ته مون کي اوهان ڇو اڇلايو؟ منهنجو ته ڏوهه نه آهي، مون کي انهيءَ خلقيندڙ ائين پيدا ڪيو آهي، پوءِ اوهان مون تي ڇو ٿا ڪاوڙ ڪريو؟ (جو ٻاهر ڪڍي اڇليوَ) اهو ٻڌي مون وجي پٽري ڪنئي ۽ چمي ڏيئي پاري ۾ رکيم، ۽ خراب ڪڪڙين ڪڍڻ کان بس ڪيم. هاڻي جنهن وقت اها منهنجي هٿ ۾ ايندي آهي ته انهيءَ کي چمندو آهيان جو مون کي نصيحت ڪئي هيائين. هاڻي ڏسو الله وارن سان ڪڪڙيون به ڪلام ڪن ٿيون ۽ اهي ڪڪڙين جو ڪلام ٻڌن ۽ سمجهن ٿا.

# حضرت پيرقريشي رحمۃاللہ ديوبندي نه هئا

حضرت پير قريشي صاحب جن جي هڪ خليفي چيو ته حضرت پير قريشي رحمۃاللہ جن ديوبندي هيا. هن فقير انهيءَ کي هڪ لفظ ۾ لاجواب ڪيو ۽ چيو ته حضرت پير قريشي صاحب جن جنهن وقت اجمير شريف ۾ حضرت خواجه معين الدين اجميري رحمۃاللہ جي عرس جي موقعي تي سيني فقيرن

www.zikar.com



کي سرودن ۽ سازن ٻڌڻ جي اجازت فرمائي ۽ تون ٻه اتي موجود هئين ۽ تو به ٻڌا. جيڪڏهن پاڻ ديوبندي هجن ها ته اصل اجازت نه ڏين ها. مزيد بران جنهن وقت پاڻ واپس ٿيڻ جي تياري ڪيائون ته فرمايائون ته اجا اسان بزرگ جي سنت ادا نه ڪئي آهي، پوءِ پاڻ درگاه شريف جي خليفي کي فرمايائون ته اهو جلدي قوالن کي وٺي آيو ۽ حضرت پير قريشي صاحب جن پاڻ اهي غزل سرودن تي ٻڌا ۽ قوالن کي پيسا به ڏنائون. هي فقير جيڪر اجا تائين سرود پيو ٻڌي ها، پر خاص ڪري هن فقير کي سرودن ٻڌڻ کان منع فرمايائون، انڪري نٿو ٻڌان. اصل واقعو هن طرح ٿيو جو ان زماني ۾ هن فقير تي جذبي جي حالت گهڻي هوندي هئي ۽ سرود ڏاڍا وڻندا هيا. حضرت قبله عالمرحمةالله جن کي دعوت هئي. پاڻ اوطاق ۾ وينا هيا ته هن عاجز کي هڪ دوست چيو، جنهن کي منهنجي طبيعت جي خبر هئي ته مون واڄا (ساز) ورتا آهن، بلڪل نوان آهن، سٺو سرود اٿن سو هلي ٻڌ. پوءِ هي فقير اهي واڄا ٻڌڻ ويو. حضور قبله عالم جن اتي وينا هيا. ڪنهن فقير حضور قبله عالمرحمةالله جن جي حضور ۾ چغلي هنئي ته فلاڻو ساز ٻڌڻ ويو آهي. آخر جڏهن موٽي آيس، مون کان پڇا فرمايائون ته توهان ساز ٻڌڻ ويا هيؤ ڇا؟ عرض ڪيم قبلا سائين! هائو ويو هوس، پر سائين ٻڌڻ ۾ ڏاڍو مزو پيو اچي ۽ لطيفن ۾ جوش پيو پيدا ٿئي. پوءِ پاڻ جواب هڪ بيت ۾ ڏيڻ فرمايائون. شعر پاڻ ناهيندا هيا، اهو شعر هي آهي

*زنده دلاں را شنیدن رواست*
*ہر کہ چنیں نیست شنیدن خطاست*

يعني زنده دل وارن کي سرود ٻڌڻ جائز آهي جيڪو ائين نه آهي انهيءَ کي جائز نه آهي.

ان نموني پاڻ شڪايت ڪندڙ کي جواب ڏئي هن فقير کي فرمايائون ته توهان لاءِ ته ٻڌڻ جائز آهي، پر ٻيا جيڪي

www.zikar.com



توهان کي ڏسي ۽ ان ۾ توهان جي پيروي کن انهن جي تہ بيڙي ٻڏي وئي، تنهنڪري توهان بہ نہ ٻڏندا ڪريو.

حضرت قبلہ عالم قريشي صاحبرحمۃاللہ ساز سرود ٻڌڻ کان سخت پرهيز ڪندا هيا. هڪ ڀيري حضرت قبلہ عالم جن وٽ دعا گهرائڻ لاءِ هڪ بازيگر آيو. پوءِ حضرت جن ان کي فرمايو تہ بازي وجهي ڏيکار. انهيءَ بازي وجهڻ شروع ڪئي، ان لاءِ پهريان بين وڄائڻ لڳو. حضرت صاحب جن فرمايو بين وڄائڻ کان سوا بازي وجھہ، بين نہ وڄاءِ. جواب ۾ هن چيو سائين! منهنجي بازي بين کان سواءِ مڇندي ئي ڪونہ، مزو ئي نہ ايندو. پاڻ فرمايائون پوءِ تنهنجي بازي اسان کي نہ کپي ۽ بس ڪر.

حضرت قبلہ عالمرحمۃاللہ جن حضرت خواجہ معين الدين اجميري رحمۃ اللہ علیہ جي درگاہ تي جو قوالي ٻڌي سو بزرگن جي اتباع جي ڪري ٻڌائون. اهو سبب نہ هجي ها تہ جيڪر بازيگر کي بين وڄائڻ کان منع نہ ڪن ها.

## بزرگن جي مزارات تي قبا ٺهرائڻ جائز آهن

حضرت پير قريشي صاحبرحمۃاللہ جا ڪي خليفا جيڪي بزرگن سان عقيدت گهٽ رکن پيا، ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ انهن مزار شريف جي چوطرف رکو ديوار چڙهي آهي، مٿان ڪليل آهي جو اهي مزار ڍڪڻ کي بدعت ٿا سمجهن.

اي ڪم علم! توکي معلوم نہ آهي تہ حضور سيد الڪونين ﷺ جي روضو مٿان ڍڪيل آهي.

سندن جسد اطهر کي سندن فرمان مطابق ام المؤمنين بيبي عائشہ صديقہ رضي اللہ تعالیٰ عنها جي حجري ۾ رکيو ويو جيڪو مٿان ڍڪيل هيو. جيڪڏهن اهو بہ بدعت آهي تہ پوءِ دين ڪامل ڪهڙو چئبو؟ چئبو تہ اجا دين ۾ نقص آهي جيڪو هي وهابي ملان پورو ٿا ڪن.

www.zikar.com



حالانڪ اڳين دور جا عالم توڙي وقت جا زبردست بادشاه بہ سنت رسول ﷺ جا تابع ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ حضرت عمر بن عبدالعزيزرحمةالله جنهن کي عمر ثاني بہ چيو وڃي ٿو. انهيءَ چو نہ بدعت سمجهي قبي شريف کي ڊهرايو؟ حضرت امام ابوحنيفرحمةالله، حضرت امام شافعيرحمةالله، حضرت امام مالڪرحمةالله ۽ ٻيا بہ گهڻا دين جا عالم باعمل ٿي گذريا آهن، انهن چونہ انهيءَ بدعت کي ڪيرايو؟ (دراصل انهن قبي کي جائز سمجهيو ٿي، نہ تہ خاموش نہ رهن ها) باقي هاڻي جا ڪم علم پوئلڳ بدعت تا چون. اهو ڪم نجدي جو آهي ۽ منهنجو پير (حضرت قريشيرحمةالله) نجدي کي بي ادب سڏيندو هيو ۽ هي فقير بہ ان کي بي ادب سڏي ٿو. فقير جو مذهب اهو آهي جيڪو منهنجي پير جو هيو. هڪ ڀيري حضرت قريشيرحمةالله دهلي ۾ مزارات جي زيارتن کان فارغ ٿي ٻاهر نڪتا ۽ اهي ديوبندي خليفا بہ سندن خدمت ۾ حاضر هيا، جيڪي اڄ قبن جو انڪار ڪن ٿا ۽ بدعت چون ٿا. شهر جي ڀرسان هڪ وڏو قبو نظر آيو. پاڻ دريافت فرمايائون تہ هي ڪنهن جو روضو آهي. سيئي چپ ۾ رهيا، پوءِ پاڻ فرمايائون هي همايون بادشاه جو روضو آهي. پوءِ فرمايائون تہ انهيءَ روضي ٺاهيندڙن جو خيال سهڻو هيو جو هتي هندن جي ڪثرت آهي، اهي گهڻا آهن. هنن جو خيال اهو هوندو تہ هي مسلمان بادشاه آهي، مرڻ کان بعد بہ هن جي عزت هجي ۽ مرڻ بعد بہ هندو ۽ مسلمان ۾ فرق ظاهر ٿئي، جو هندن کي مرڻ کان بعد ساڙيو ويندو آهي ۽ ان جي خاڪ درياه ۾ لوڙهي گمنام ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن تہ مسلمان عزت سان رکيو وڃي ٿو ۽ ڪجھ زمين بہ ان جي قبضي ۾ رکي وڃي ٿي. پوءِ پاڻ اولياء الله جي روضن مبارڪن بابت فرمايائون تہ انهن جي ٺاهيندڙن جو خيال سنو آهي، جو ان ۾ هڪ تہ الله واري جو احترام ۽ عزت آهي، ٻيو تہ ختم شريف پڙهڻ وارا ڀري ڀري کان ٽڪل ٽڪل اچي تہ ٿڌي ڇانو ۾ آرام وٺي.

www.zikar.com



# مزارات تي پڙ وجهڻ جائز آهي

هڪ ڀيري پاڻ هڪ بزرگ جي ختم شريف تي ڏنائون ته هڪ شخص پڙ کڻي آيو ۽ بزرگ جي مزار مٿان وجهي هڪ طرف کان ڪپڙي کي ناهي پيو ته ٻيو طرف خراب پيو ٿئي، ته حضرت پير قريشي رحمة الله هڪ طرف کان پڙ وٺي مقبره مٿان ناهي رکيو. ان وقت ڪجهه ديوبندي علماء به حضور جن سان گڏ هيا. پوءِ جنهن وقت پاڻ ختم بخشي ٻاهر نڪتا ته فرمايائون مزارن تي پڙ وجهڻ جائز آهي ۽ پڙ وجهندڙ ماڻهن جو خيال سٺو آهي ته جيئن بزرگ جي مزار شريف مٿان پکين جون وٺيون ۽ گند وغيره نه ڪري. بزرگ جي عزت ۽ احترام لاءِ ئي اهو عمل ڪن ٿا.

# حضرت پير قريشي جن جي مزار

حضرت پير قريشي صاحب جن پنهنجي آخري آرامگاه لاءِ هڪ کوٺي تيار ڪرائي مولوي عبدالستار ۽ هن فقير (حضرت پير مٺا رحمة الله عليه) کي اڪيلائپ ۾ گهرائي وصيت ڪئي هئي ته مون کي هتي دفن ڪجو. اتفاقًا هي فقير حضرت صاحب جن جي وصال وقت اتي موجود نه هيو، مولانا عبدالستار صاحب اتي هيو، جنهن جي چوڻ تي حضرت پيرقريشي صاحب رحمة الله جن کي اتي آرامي ڪيائون.

# حضرت پير مٺا رحمة الله گنبذ ٺهرايو

هن فقير (حضرت پير مٺا رحمة الله) ٻيبي سائڻ (جيڪا حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جي گهرواري ۽ حضرت پير مٺا رحمة الله جي نياڻي هئي) جي مٿان انهيءَ ڪري روضو مبارڪ تيار ڪرايو آهي جو ان کي منهنجي مرشد غوث

www.zikar.com



الزمان جي زوجيت جو شرف حاصل آهي. اهي مولوي جيڪي حضرت پير قريشي صاحب جن جي مزار کي مٿان ڪليل رکن ٿا، هن فقير وٽ اچن ته انهن کي سمجهايان ۽ چڱي طرح ٻڌايان ته حق مسئلو ڇا آهي. ياد رکو منهنجو مذهب اهو آهي جيڪو منهنجي پير جو آهي، جيڪو مولوي انهيءَ سلسلي ۾ منهنجي پير جو مخالف هوندو، هيءُ فقير انهيءَ کي مولوي ئي نه سمجهندو. اهڙي ئي نموني ٻيا مسئلا به آهن.

## شريعت جي پابندي ۽ خلفاءِ ڪرام

انهيءَ تاريخ شام جو پاڻ خطاب ڪندي فرمايائون ته اسان جو دوست اهو آهي جيڪو شريعت پاڪ تي پورو پورو عمل ڪري. جيڪو شريعت پاڪ کان ٿورو به برخلاف هليو ته هيءُ فقير انهيءَ کان بيزار ۽ بري آهي، هِن جهان ۾ به ۽ هُن جهان (آخرت) ۾ به. جنهن به مرد يا عورت ذڪر پڇيو ۽ طريقه عاليه ۾ داخل ٿيو، پوءِ به نماز نه پڙهيائين يا مرد ڏاڙهي نه رکائي ته اهو شخص هن طريقه عاليه جو مريد نه آهي. جيڪو شريعت پاڪ کان ٿورو به مخالف هلي پوءِ ڪٿي ڪير به هجي، توڙي جو ڪٿي خليفو هجي، هي فقير انهيءَ کان بري ۽ بيزار آهي.

جيڪو خليفو خلافت بعد به ڪا حرڪت (شريعت جي خلاف عمل) ڪندو ته اڳي کان وڌيڪ خانو خراب ٿيندس بلڪ اهو پنهنجي پاڙ پٽائي ڇڏيندو جو قيامت جي ڏينهن نه صرف هي فقير ان جي خلاف مدعي هوندو بلڪ صاحب طريقه، هن طريقه عاليه جا مالڪ ۽ وڏا اهي به مدعي ٿيندا ۽ ان کان حساب وٺندا، جو خليفو ٿي ڪري هن پاڪ طريقه کي بدنام ٿو ڪري.

هن طريقه ۾ شيرانِ خدا آهن، وڏا غيرت وارا آهن. ڪافي اهڙا خليفا جيڪي اڳي ته هتي هيا، هاڻي اهي ڪٿي آهن، پنهنجي پاڙ پٽايائون.

www.zikar.com



هي فقير اڳي وانگر هاڻي به آزاد آهي. جيڪو خليفو شريعت جي برخلاف عمل ڪندو ته اهو طريقي ۽ هن جماعت کان خارج آهي. جيڪڏهن ڪنهن هڪ خليفي ڪو غير شرعي ڪم ڪيو ۽ ٻئي ان کي ڏٺو ته ڏسڻ وارو به طريقه جو غدار ڇئبو ۽ هي فقير انهن ٻنهي کان بيزار آهي.

جيڪو خليفو مريدن جي عورتن جي وچ ۾ ويهي ته ان کي ۽ انهيءَ جي جماعت کي درگاه تي اچڻ نه ڏيو.

منهنجو پير حضرت قريشي صاحب فرمائيندو هيو ته هي طريقو پٽر وانگر لسو (صاف سٿرو) آهي، بس ٻيا حالات (ڪشف ڪرامات) هجن يا نه هجن، بس شريعت تي هلڻ ئي ڪافي آهي.

هي فقير حد کان زياده پنهنجي پير کان ڊڄندو هيو ۽ هر هميشه اهو خوف هوندو هيو ته متان پير رنج ٿئي ۽ پاڙ نه پٽي ڇڏي.

## غير مقلدن کان پري رهو

تاريخ 18 ماه رجب 1380 هجري جمعي جي شام ٽيپهري نماز کان بعد نصيحت ڪندي فرمايائون: نماز پڙهڻ وقت قيام ۾ هٿ ڌُن جي هيٺان متصل رکو، دن جي مٿان يا انهيءَ کان اڳا به مٿي نه رکو. سڄو هٿ کٻي هٿ جي مٿان رکي سڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ چيچ سان کٻي هٿ کي جهليو. ۽ پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جيترو مفاصلو رکو. جيڪو ائين نه ڪري اهو حنفي نه آهي، اهو غير مقلد وهابي آهي. غير مقلد هٿ سيني تي رکندا آهن ۽ پير هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏا ڦاڙي بيهندا آهن، ۽ اهي الله وارن جا مخالف هوندا آهن. هاڻي توهان کي (هن خطاب سان) به فائدا حاصل ٿيا، هڪ ته ديني مسئلو سمجهيُوَ، ٻيو ته اوهان کي وهابين ۽ غير مقلدن جي نشاني به معلوم ٿي. انهيءَ فرقي کان بچو. قيام واري حالت ۾ نظر

www.zikar.com



سجدي واري جاءِ تي رکو ۽ رکوع واري حالت ۾ پيرن جي پڇيءَ تي ۽ سجده ۾ نڪ جي چوٽي تي ۽ التحيات مهل قلب يا سيني تي نظر رکو ۽ پهرين سلام وقت سڄي ڪلهي تي ۽ ٻي سلام وقت کٻي ڪلهي تي نظر رکو. ۽ پنهنجي سموري نماز ۾ دل ۾ اهو خيال ڪريو ته الله تبارڪ و تعالىٰ مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ حاضر ناظر آهي. الله پاڪ جو جلال، رعب ۽ هيبت دل ۾ رکي، نياز ۽ خشوع سان نماز ادا ڪريو.

## نماز ۾ شهودي حالت

الله وارن جي ته حالت عجيب ۽ نرالي هوندي آهي. نماز پڙهڻ مهل انهن جو پنهنجو وجود نه هوندو آهي، بس هڪ الله پاڪ جي ذات موجود هوندي آهي. الله وارو شجرموسوي هوندو آهي، جيئن حضرت موسىٰ عليه السلام واري ان وڻ مان آواز ٿي آيو.

انهيءَ حالت کي شهود چئبو آهي، جيڪو هن طريقه عاليه ۾ نصيب ٿيندو آهي. هر بوالهوس (هر سڌ ڪندڙ) کي حاصل نه ٿيندو آهي. باقي پهرين حالت (جو پنهنجي خيالات کي هر طرف کان موڙي الله پاڪ ڏانهن متوجه ٿئي) سڀ ڪنهن کي حاصل ٿي سگهي ٿي.

شهود واري انهيءَ حالت جو حديث شريف ۾ به ذڪر ٿيل آهي. سهڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي: "اَن تَعبُدَ اللهَ كَاَنّکَ تَرَاهُ" يعني تون الله پاڪ جي عبادت ائين ڪر گوياڪ تون رب کي ڏسي رهيو آهين. حضرت امام رباني رحمة الله عليه فرمايو آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص ظاهر ۾ وڏو پرهيزگار، عالم، ديندار، قاري سيني صفتن سان موصوف هجي ته به اها شهود واري حالت هرگز حاصل نه ٿيندس، جيستائين جو ڪامل ولي الله جو هٿ نه پڪڙيندو. هاڻي توهان کي معلوم ٿي ويو هوندو ته ولي الله ڪهڙي نه شان

www.zikar.com


۽ مرتبو وارو هوندو آهي. انهيءَ شهود جي ڪري ته ولي الله جو مرتبو ملائڪن کان به مٿي آهي.

## نفلي حج ۽ فرضي نماز

هڪ شخص جيڪو ظاهر ۾ نيڪ، ذڪر جي حلقي ۾ ويهندڙ هيو، آيو ۽ هن فقير کان نفلي حج جي اجازت گهريائين. هن فقير جهليس ته نفلي حج جي ڪوشش نه ڪر پيادل سفر ڏکيو آهي، انهيءَ سفر ۾ فرضن جي ادائگي ۾ ڪوتاهي ٿي وڃي ٿي، تنهنڪري هتي رهي فرضن جي ادا ڪرڻ جو اهتمام ۽ ڪوشش ڪر. پر اهو نه مڙيو ۽ ڪوئيٽه جي رستي سان روانو ٿيو. پوءِ جنهن وقت موٽي آيو ته هن فقير ان کان احوال ورتو. هن ڪي ڪا منهنجي روڪڻ واري ڳالهه وسري وئي هئي، جيڪڏهن ياد هجيس ها ته شايد احوال نه ڏئي ها. پوءِ هن احوال ڏنو ته ڪوئيٽه مان لارين، بسن تي چڙهياسين. لاڳيتو پندرهن لارين تي سفر ڪيوسين. ڏاڍي تڪليف پهتي. وڏي ڳالهه اها ته نمازن لاءِ بسون نه پيا جهلين ۽ چون پيا ته هتي جهنگ ۾ پاڻي ڪٿي آهي جو بسون جهليون. اسان چين ته بسون جهليو، مٽيءَ تي تيمم ڪري نماز ادا ڪنداسين، ته به نه پيا جهلين. پوءِ اسان ڪپڙن تي تيمم ڪري اشارن سان نمازون ادا ڪيون. رمضان شريف جا روزا به سفر ۾ قضا ٿي ويا، اڪثر روزا رکي نه سگهياسين. الحمدلله آخري ڏهه روزا مڪه مڪرمه ۾ نصيب ٿيا، جو رمضان شريف جي ويهين تاريخ مڪه مڪرمه ۾ پهتاسين. هاڻي ڏسو اها جهالت جو نفلي حج لاءِ ويو، ڪيترن ڏينهن جون نمازون ۽ رمضان جا ويهه روزا وڃائي ڇڏيائين ۽ ضايع ڪيائين. حالانڪ هي شريعت جو مسئلو آهي، جيڪڏهن ڪو هڪ فرض ڇڏي ڏئي ۽ هزار نفل پڙهي ته انهن هزار نفلن جو ثواب هڪ فرضي نماز جي ثواب برابر هرگز ٿي نٿو سگهي.

www.zikar.com


## وهابين جي بي هوده حرڪت

فقيرو! انهن بي ادب وهابين (نجدين) ڪان بچو، اهي بي ادب فرقو آهي.

هڪ نيڪ حاجي سڳوري ڳالهه ڪئي ته آئون نجدي حڪومت کان پهريان مدينه منوره ويو هوس ته سهڻي نبي پاڪ ﷺ جي ازواج مطهرات جي مزارات تي روضه مبارڪ هيا ۽ اتي ويهندڙ کي اهڙي خوشبو ۽ فرحت حاصل ٿيندي هئي جو اٿڻ دل نه چاهيندي هئي. پوءِ نجدي حڪومت اچڻ بعد بي پيري ويس ته روضا پاڪ ڊٺل هيا.

## معاملات صاف رکو

وڏيڪ تقرير ڪندي فرمايائون ته اهل ذڪر فقير پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان خريد و فروخت ڪيو ته سهڻي نموني سان ڪيو، بي مروتي نه ڪيو.

پوءِ فقير پير بخش لاڙڪاڻي واري ۽ مولوي نور محمد ستابي واري جي پڇا فرمايائون ته هن مجلس ۾ آهن؟ اهي ٻئي اتي ويٺا. پوءِ پاڻ فقير پير بخش کي خطاب ڪري فرمايائون ته مون ٻڌو آهي مولوي نور محمد صاحب جي طرف جو هڪ فقير ڳڙ پاڪائي سان تيار ڪرائي ڪٺي آيو، هتي شهر ۾ احتياط سان تيار نه ٿيل ڳڙ 25 روپيه مڻ ملي ٿو، توهان پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪ روپيو وڌائي ان کان 26 روپيه جي اگهه تي ورتو ۽ سمجهيو ته فقير وري پوئتي موٽائي به نه ويندو، اهڙي طرح توهان ٻانهه مروڙ ڪئي. اها فقيري ۽ مروت نه آهي. هو ويچارو تڪليف ڪري پاڪائي سان ڳڙ نهرائي خاص فقيرن لاءِ کڻي آيو ۽ پاڪ به اهڙو جو هتي اهڙو ڳڙ ڪٿان نه ملي، توهان وري انهيءَ کي نفعو به نه ڏنو، نه هن کي محنت ڏني. هاڻي هو ويچارو جيڪڏهن موٽائي کڻي وڃي ته وڏيڪ خرچ اچيس ۽

www.zikar.com



جيڪڏهن شهر ۾ ڪپائي ته 25 کان به گهٽ ۾ وننس. تنهنڪري لاچار ٿي ڪري ڏئي ويو. فقير پير بخش جواب ۾ عرض ڪيو ته سائين برابر فقير مٿان بيهي پاڪائي سان ڳڙ تيار ڪرايو هيو سو اسان ان کي به روپيه ڏهاڙي جا به ڏنا ۽ جيڪو خرچ ڪري آيو هيو سو به ڏنوسين، هي اٽان 20 روپيه مڻ جي حساب سان وٺي آيو هيو، اسان فقير کي ڇهه روپيا مڻ تي وڌيڪ ڏنا آهن، شهر ۾ 23 روپيه مڻ آهي.

پوءِ مولوي نور محمد صاحب چيو ته فقير برابر 20 روپيه جي حساب سان خريد ڪري آيو هيو، مگر واٽ تي ڳڙ آڻڻ ڪري هن جو چاليهه روپيه وڌيڪ خرچ اچي ويو هيو. پوءِ پاڻ فقير پير بخش کي فرمايائون ٻڌئي ته هن جو چاليهه روپيه وڌيڪ خرچ آيو آهي.

## مثالي تقويٰ ۽ نعمت جو قدر

حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جن کي هڪ سپاهي شڪارپور ۾ دعوت ڏني. پاڻ ان وٽ تشريف فرما ٿيا. اسان ان دعوتي کي چيو ته حضرت صاحب جن پنهنجي گهر کان سواءِ ٻيو گيهه نه ڪائيندا آهن، باقي فقيرن لاءِ ڪنهن نيڪ نمازڻ جي هٿ جو گيهه وٺو. هن ويچاري ڪوشش ڪري اهو گيهه هٿ ڪيو ۽ ميوو (ڏنگي، ڪشمش وغيره) به ڏوئي ديڳ ۾ وڌو، پر ڳڙ شهر مان خريد ڪري اهو وڌو. هن کي اها خبر نه هئي ته هن جماعت وارا شهر وارو ڳڙ نه ڪائيندا آهن. هي نئون فقير هيو ۽ اسان مان به ڪنهن هن کي اها ڳالهه نه ٻڌائي. پوءِ جنهن وقت چانورن جي اها ديڳ تيار ٿي ۽ ڪائڻ لاءِ ويٺاسين ته اها خبر پئي. پوءِ هن فقير کي فڪر ٿي پيو ۽ سيني فقيرن کي چيم ته هٿ جهليو تڪڙ نه ڪريو، آئون حضرت قبله عالم جن کان پڇي اچان. پوءِ مون وڃي حضرت صاحب جن کي احوال ٻڌايو. پوءِ پاڻ اهي چانور ڪائڻ کان منع ڪندي

www.zikar.com



فرمايائون تہ اها صاحب دعوت جي غلطي نہ آهي، توهان (پراڻن فقيرن) جي غلطي آهي جو ان کي نہ پڙهايوَ. هاڻي توهان صاحب دعوت کي چئو تہ اسان جو (تقويٰ ۽ پرهيزگاري وارو) روزو نہ پيج، تو خيرات جي نيت ڪئي آهي سو شهر ۾ غريب مسڪين ۽ پنندڙ فقير گهڻا آهن، چانور انهن کي کارائي ڇڏ، ثواب گهڻو ملندئي. بهرحال جماعت اهي چانور نہ کاڌا. اها اتوَ پرهيزگاري، اهو اتوَ ڪامل پير جو پاڻ بہ پڳڙا وني ڏوئي پيو ڪائي (نہ ڪنهن کان سوال ڪري نہ بازاري کاڌو کائي) ۽ پنهنجن مسافر مسڪين مريدن کي بہ شهر جو مشڪوڪ ڳڙ کائڻ جي اجازت نہ ڏنائون. پوءِ جنهن وقت موٽياسين ۽ مسجد ڏي اچون پيا تہ حضرت صاحب جن ڏٺو تہ جنهن جاءِ تي چانور ڏوتا هيائون، چانور هاريل ۽ پٽ تي ڪريل هيا. پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان اهي چانور ميڙڻ لڳا. پيا فقير بہ حضرت صاحب جن کي ڏسي چانور ميڙڻ لڳا. پوءِ پاڻ اهي چانور نلڪي هيٺان جهلي ڌوئي بلڪل صاف ڪري وات ۾ وڌائون. سيني فقيرن بہ ائين ڪيو.

## رسول الله ﷺ کي علم غيب آهي

تاريخ 20 آچر جي صبح جو مولوي محمد عاشق صاحب عرض ڪيو تہ هڪ مولوي صاحب آيو آهي، ان کي ڪجهہ شڪ شبها آهن. پاڻ فرمايائون ان کي سڏ ڪيو سامهون اچي. اهو مولوي صاحب آيو، اچي سوال ڪيائين تہ سائين ڪالهہ اوهان علم غيب جي نسبت تقرير فرمائي تہ نبي ڪريم ﷺ ۽ ولين کي بہ علم غيب جو آهي، پر مون عقيدن جا گهڻا ڪتاب مطالع ۾ رکيا آهن، جهڙوڪ شرح عقائد، نبراس، فقہ اڪبر، انهن ۾ لکيل آهي تہ علم غيب الله تعالىٰ کان سواءِ ٻئي لاءِ چوڻ ڪفر آهي. هاڻي توهان سمجهايو تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي علم غيب جو

www.zikar.com



ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هن سوال جو ماحصل ۽ مطلب اهو ٿيو تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي علم غيب جو نہ آهي ۽ ڪجھ نہ ٿو ڄاڻي.

هاڻي ان جو جواب غور سان سمجهو تہ اسان چئون ٿا تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي علم غيب عطائي ۽ ڪُلي آهي، هر شيءِ کي پاڻ ڏسن ٿا. باقي رهيو الله تبارڪ و تعالىٰ سان مساوات، جو برابر علم غيب الله تعالىٰ جو خاصو آهي ۽ "خَاصَةُ الشَّيءِ مَا يُوجَدُ فِيهِ وَلَا يُوجَدُ فِي غَيرِهِ" سو سمجهو تہ الله پاڪ کي علم ذاتي آهي ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ جو علم عطائي آهي.

الله پاڪ قرآن شريف جي شان ۾ فرمايو آهي "تِبيَاناً لّكُلِّ شَيءٍ" يعني هن قرآن شريف ۾ سڀ شيءِ جو بيان آهي، ۽ ٻي هنڌ فرمايل آهي "وَ لَا رَطبٍ وَ لَا يَابِسٍ اِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِيْنٍ" يعني ڪابہ شيءِ رهيل نہ آهي جيڪا قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل نہ هجي. مطلب تہ سڀ شيءِ جو ذڪر قرآن ۾ آهي، علم غيب بہ شيءِ ۾ داخل آهي، هاڻي جيڪڏهن سهڻي نبي پاڪ ﷺ کي علم غيب نہ مڃبو تہ پوءِ سهڻو نبي پاڪ ﷺ قرآن پاڪ جي علم ۾ ناقص چئبو. حالانڪ جنهن وقت حضرت جبرائيل عليہ السلام حروف مقطعات ڪٺي آيو ۽ اچي پڙهيائين تہ ٿورو وقت چپ رهيو تہ متان حضور عليہ الصلواة والسلام جن حروف مقطعات جو مطلب، معنىٰ پڇن، پر پاڻ فرمايائون فَهِمتُ يعني انهن حرفن جي معنىٰ ۽ مطلب آئون سمجهان ٿو، تون اڳتي پڙهہ. حروف مقطعات جو علم تہ وڏن ۽ خاص ولين کي بہ مليل هوندو آهي.

حضرت امام رباني رحمة الله بہ فرمايو آهي تہ الله تبارڪ و تعالىٰ مون کي حروف مقطعات جو علم عطا فرمايو آهي، ۽ هر هڪ حرف جي هينان معنائن ۽ رازن جا درياہ ٿا وهن (۽ سندن صاحبزادہ) حضرت محمد معصوم رحمة الله لکيو آهي تہ جنهن وقت مون کي حروف مقطعات جو علم ڄاڻايو ويو تہ

www.zikar.com



چاليهن ڪوهن ۾ چوطرف ملائڪ حفاظت ۽ پهري لاءِ بيٺا ۽ چاليهه ڪوهه شيطان کي تڙي پري ڪڍي ڇڏيائون.

۽ سهڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ”عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ وَ اَدَّبَنِيْ رَبِّيْ“ يعني مون کي منهنجي رب علم پڙهايو ۽ ادب سيکاريو آهي.

پوءِ جيڪڏهن (نعوذ بالله) سهڻو نبي پاڪ ﷺ قرآن پاڪ جي علم ۾ ناقص آهي ۽ علم غيب نٿا ڄاڻن ته چئبو ته علم ۾ ناقص آهن، ۽ پوءِ اهو قصور ته استاد جو چئبو جو پنهنجي خاص شاگرد کي تعليم چڱي طرح نه ڏنائين. مثال طور جيڪڏهن ڪو شاگرد توهان جي مدرسه ۾ پڙهي اچي ۽ انهيءَ کي علم نه اچي ته اهو ان مدرسه وارن جو قصور چئبو جو شاگرد کي تعليم چڱي طرح نه ڏنائون، يا ته شاگرد ڪم فهم چئبو جو نه سمجهيائين.

علم غيب جي لفظ جي معنيٰ آهي نامعلوم شيءِ کي ڄاڻڻ ۽ معلوم ڪرڻ. ڪي ماڻهو غيب لفظ تي چڙن ٿا، جيئن ڪتي ليمون لفظ تي چڙندا آهن. مون هڪ ڪتي کي اڪين سان ڏٺو ته ڇوڪرا ليمون ليمون چون ته وني چڙي ۽ انهن جي پٺيان پوي.

الله پاڪ فرمايو آهي ”وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَاءَ“

يعني نه ٿا احاطو ڪري سگهن اهي ان جي علم جي ٿورڙي حصي جو مگر جيتري قدر اهو چاهي.

۽ الله تعاليٰ بئي هنڌ ارشاد فرمايو

عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلَىٰ غَيْبِهِ.. إِلَّا مَنِ ارْتَضَىٰ مِن رَّسُولٍ...

(سورة جن)

يعني الله پاڪ کان سواءِ علم غيب جو ڪوبه نٿو ڄاڻي مگر جنهن رسول کان راضي ٿي ان کي ڄاڻائي. سو سهڻي نبي ڪريم ﷺ کان وڏيڪ الله تعاليٰ ڪنهن تي راضي آهي؟

حضور نبي ڪريم ﷺ کي لوح ۽ قلم جو به علم آهي، جيئن قصيده برده واري فرمايو آهي:

www.zikar.com



وَإنَّ مِن جُودِكَ الدُّنيَا وَ ضَرَّتَهَا

وَمِن عُلُومِكَ عِلمُ اللوحِ وَالقَلَمِ

اهو ڪهڙو علم آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ نہ آهي؟ جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام کي علم لوح محفوظ جو آهي تہ اهو علم غيب نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟ باقي رهيو فرق الله پاڪ جي علم ۽ نبي ڪريم ﷺ جي علم ۾، سو حضرت امام رباني رحمة الله عليہ فرمايو آهي تہ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جو علم ٻين جي علم بہ نسبت غير متناهي ۽ غير محدود آهي ۽ الله پاڪ جي بہ نسبت سهڻي نبي ڪريم ﷺ جو علم محدود ۽ متناهي آهي.

## اتباع سنت

5 ذي الحج جي شام جو خطاب ڪندي فرمايائون تہ پٽڪو ٻڌي نماز پڙهڻ سان پنجويهہ نمازن جو ثواب ملي ٿو. حضرت سهڻي نبي ڪريم ﷺ ٽوپي ناشره يعني مٽي جي وچ ڪان اپريل (جو وارن ڪان مٿي تيل هجي) پاتي آهي، ۽ پاڻ ڪانچ (شلوار) کي پسند فرمايو اٿن.

سيني ڪمن جو مدار نيت تي آهي، جيڪڏهن ڪو شخص منجهند جو نفل پڙهي ٿو ۽ ٻيو وري قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري ٿو ۽ ٽيون شخص ڪنهن عبادت ڪرڻ بجاءِ سمهي ننڊ ٿو ڪري پر نيت سنت ادائي جي ڪري ٿو تہ هن ننڊ واري جو ثواب هنن ٻنهي کان زياده آهي.

سنت نماز ادا ڪرڻ مهل نيت هيئن ڪجي تہ نيت ڪيم نماز سنت ادا ڪرڻ جي واسطي تابعداري سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي، تہ بہ ثواب ملندا هڪ سنت جو ٻيو تابعداريءَ جو.

www.zikar.com



سائو پٽڪو ٻڌڻ ﺑﻪ سنت آهي. منهنجي پير (حضرت پير قريشي رحمة الله) هڪ پيري سائو پٽڪو ٻڌوهيو.

هڪ فقير کي جذبو ٿيو، چوي پيو ته اسان ﺑﻪ سنتون ادا ڪيون آهن، هڪ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي ٻي پير ڪامل جي، اسان کي ثواب ﺑﻪ ﺑﻪ ملندا. مون پنهنجي پير حضرت فضل علي قريشي رحمة الله جن کان هڪ مسئلو ٻڌو، ﻧﻪ اهو ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺم ﻧﻪ وري ڪنهن ٻي کان ٻڌم. پاڻ فرمايائون ته جنهن وقت ڪو فرض نماز ادا ڪرڻ جي نيت ڪري ۽ چوي "نَوَيْتُ اَنْ اُصَلِّيَ لِلّٰهِ تَعَالٰی" ته انهيءَ سان گڏ اها نيت ﺑﻪ ٻڌي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرض نماز پڙهندا هيا آئون سندن تابعداري ڪيان ٿو، ته ان کي ﺑﻪ ثواب ملندا.

بهرحال عمل نيتن تي ٻڌل آهن، تانجو عمل ۾ اخلاص ﻧﻪ هجڻ ڪري عالم، قاري ۽ حافظ کي ﺑﻪ (درست نيت ﻧﻪ هجڻ ڪري) جهنم ۾ وڌو ويندو ۽ انهن کي چيو ويندو ته توهان ماڻهن جي واه واه ڪرڻ لاءِ اهي عمل ڪيا هيا، سو اها واه واه توهان کي دنيا ۾ ملي، هتي توهان جهنم جا حقدار آهيو.

## پير جو خوف گناه کان بچائي ٿو

فرمايائون ته هي فقير جنهن وقت پنهنجي پير جي خدمت ۾ رهندو هو، جيڪڏهن رستي ويندي ڪا عورت ڏسندو هيس ته انهيءَ ڏانهن پٺيءَ ڪري ويهي رهندو هوس، ۽ اهو ڪم پير جي خوف کان ڪندو هوس ۽ ائين ڄاڻندو ۽ سمجهندو هوس ته هر وقت پير مون سان گڏ آهي. باقي پنهنجو ازخود خوف يا پرهيزگاري ڪانه هئي، بس اهو خوف هوندو هو ته متان پير رنج ٿي پوي ته پاڙ ئي پٽجي وڃي. آئون پير کان سخت ڊڄندو هيس.

www.zikar.com



# بي نفسي

فرمايائون ته آئون ساري دنيا ۾ نظر ڪيان ٿو ته منهنجو ڪوبه دشمن ڪونهي. جيڪڏهن ڪنهن مون سان دشمني ڪئي به ته مون ان کي بخش ڪري ڇڏيو، هاڻي اهو دشمن نه پر دوست آهي. جو ته بزرگ فرمايو آهي: بيت

چوں تیر از کمان ہمی گزرد از کمان دار بیند اہل خرد

بخور ہرچہ آید از دستِ جبیب کہ نہ بیمار دانا تر است از طبیب

يعني جڏهن تيرڪمان مان ٻاهر نڪري ٿو ته عقلمند ان جي نسبت ڪمان واري ماڻهو ڏي ڪندو آهي (نه ڪمان ڏي). جيڪڏهن طبيب پاڻ کا شيء توکي ڏئي ته تون وٺي کاءُ جو طبيب کان وڌيڪ مريض کي ڄاڻ نه آهي (اهڙي طرح پير به باطني طبيب آهي سالڪ کي جو ڪجهه فرمائي ان تي عمل ڪري ان ۾ ئي سندس فائدو آهي.

# شيطان کي ڪَلا هڻو

تقرير کان بعد فقير عبدالله کي معافي ڏيڻ فرمايائون ۽ چيائون: فقير ته صلح جو دروازو کوليو وينو آهي. هتي رهو ته پڪا ٿي رهو جو شيطان هن شهر (رحمت پور شريف) تي حملا ڪري رهيو آهي. اها حال وارن کي خبر آهي، توهان کي ڪهڙي خبر. پڪا ٿيو ۽ ان کي موچڙا هڻو. هن فقير ڏانهن اچي ته ناهيانس ۽ ڪلا هڻانس. توهان به مڙس ٿيو ۽ تڪڙا ٿي وڃو.

# درگاه تي نيڪ ٿي رهو

تاريخ 17 ماه رجب ربيع الآخر 1382ھ فرمايائون:

الله واري جي درگاه ۾ جيڪو غير مريد بي فرماني ۽ بي ادبي ڪندو ته ان کي ٻئي هنڌ کان ٻيٽي پڪڙ ٿيندي، پر

www.zikar.com



جيڪڏهن ڪو مريد تي ڪري ائين ڪندو ته ان کي ٽيٽي گرفت (پڪڙ) ٿيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن نيڪي ڪندو ته ان کي ثواب به ٻيڻو ملندس.

## مرشد ڪامل

فرمايائون ته مرشد ڪامل اهو آهي جو مريد تي ڏنار وانگر نظر رکي. مريد هيڏي هوڏي (غلط راه تي) وڃي ته ان کي پڪڙي ونئي سڌي راه تي آڻي. جيڪڏهن مريد نيڪ بخت هوندو ته توبه تائب ٿيندو، وري اهو ڪم اصل نه ڪندو.

## وصيت

تاريخ 23 ماه ربيع الآخر 1382ھ شام جو خليفن سڳورن کي اندر حويلي مبارڪ ۾ گهرايائون ۽ تقرير دوران پاڻ فرمايائون ته هاڻي منهنجو اجل قريب آهي، تنهن ڪري مون وصيت لکي آهي ۽ اچا به لکندس. اوهان ۾ هڪ خليفو وڏو هجي ۽ ٻيا ان جا مُمِد ۽ معاون هجن، جيئن هي ڪم قيامت تائين هلي. (چنانچه خلفاء ڪرام ۾ سيني خليفن کان وڏي خليفه حضرت پير سهڻا سائين نوّرَ اللهُ مَرقدَہٗ جي جانشيني ۽ ٻين خليفن کي تعاون ڪرڻ لاءِ هدايت واري وصيت مشهور ۽ عام آهي، جنهن جي عڪسي ڪاپي سيرت ولي ڪامل سوانح حيات سهڻا سائين ۽ الطاهر جي سهڻا سائين نمبر ۾ شايع ٿيل آهي، ۽ اصل ڪاپي به حضرت قبله پير سجڻ سائين مدظله وٽ موجود آهي. مرتب غفرلہ ولوالدیہ) ۽ انشاء الله تعالیٰ قيامت تائين اهو سلسلو جاري رهندو. ظاهرًا لکڻ جي ضرورت ته نه آهي، پر وري به وصيت ڪجهه لکي اٿم ۽ ڪجهه لکي ڇڏيندس.

www.zikar.com



اي فقيرو! جيڪو لنگر جو ڪم صدق ۽ اخلاص سان ڪندو تنهن کي ضرور فائدو پهچندو ۽ جيڪو نفسانيت رکندو تہ ضرور قيامت ڏينهن حساب ڏيندو.

انهيءَ شام جو فرمايائون تہ اڳين وقت جا عالم علم پڙهي پوءِ الله وارن جي درن تي وڃي خدمتون ڪندا هيا، لنگر جو ڪم ڪندا ۽ لڪڙيون (ڪاٺيون) ڍوئيندا هيا ۽ محنتون ڪندا هيا. پوءِ جنهن وقت الله وارو انهيءَ عالم ۾ استعداد ۽ لياقت ڏسندو هيو تہ انهيءَ تي رحم ڪري معرفت واري شيءِ ڏيندو هيو.

## بزرگ هڪ صورتون گهڻيون

تاريخ 30 ماه ربيع الآخر 1382ھ تقرير ڪندي ارشاد فرمايائون تہ الله وارن کي الله سائين ڳجهيون ڳالهيون ڄاڻائيندو آهي ۽ سندن لطيفا سندن ئي (ان بزرگ جي) صورت مبارڪ وٺي سير ڪندا آهن. چنانچہ هڪ دفعي حضرت پير قريشي صاحب هڪ حال واري فقير کان پڇيا ڪئي تہ تو نماز ۾ اسان جو گهڻيون صورتون ڏٺيون. فقير چيو سائين ٽي (3). اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون اجا تنهنجي اک نہ کلي آهي، منهنجون شڪليون انهيءَ کان بہ گهڻيون آهن.

اهو واقعو بيان فرمائي حضرت پير مٺا سائين رحمة الله فرمايو تہ الله واري جو وار وار صورت وٺي سير ڪندو آهي. ٻيا سڀ دروازا بند ٿي ويا بس هي هڪ دروازو کوليو اٿن. اها حضرت امام رباني رحمة الله جي پيشين گوئي آهي ۽ پوري ٿي آهي. هن طريقہ ۾ اڳي بہ اولياءالله پيدا ٿيا، اجا بہ ٿيندا رهندا ۽ اهو سلسلو قيامت تائين هلندو رهندو.

www.zikar.com



# نفي اثبات ۽ تصرفِ شيخ

تاريخ 7 ماه ذوالقعده 1382ھ مولوي ڪريم بخش صاحب کي نفي اثبات جو سبق هن نموني سمجهايائون ڪلمه ’لا‘ کي ساه بند ڪري سيني مان دن جي هيٺ ڪان مٿي چڪي دماغ تائين پهچايو ۽ ڪلمه ’اله‘ کي سڄي ڪلهي تي پهچايو ۽ الا کي سڄ ڪلهي ڪان باقي لطيفن تي چڪي پوءِ الله جي ضرب دل تي هڻو. انهيءَ کي لا معڪوس چوندا آهن. پهريون ساه بند ڪري ٽي پيرا ائين ذڪر ڪيو، ساهه ڪڍڻ وقت محمدرسول الله خيال جي زبان سان چئو پوءِ عدد وڌائيندا وڃو تانته ايڪيهن تائين پهچو. پر اڳ ۾ هيءَ دعا گهرو:

الٰہی مقصود ماتوئی ورضائے تو　　محبت و معرفت خود مرا بده

(اي منهنجا مولا منهنجو مقصود تون ۽ تنهنجي رضا آهي، مون کي پنهنجي محبت ۽ پنهنجي سڃاڻ عطا ڪر.)

تانته دل حاضر ٿئي ۽ جيڪڏهن وچ ۾ تفرقه پيدا ٿئي ته وري دعا ۾ مشغول ٿئي. ۽ ڪلمه لا سان ٻي سڀ جي نفي ڪري معنيٰ جو لحاظ رکي ته ڪابه شيءِ منهنجو مقصود نه آهي سواءِ تنهنجي ذات جي، تون ئي منهنجو مقصود آهين. ۽ اهو تصور ايترو پچائي جو ٻي ڪا خواهش دل ۾ نه رهي، تان جو پاڻ جي به خواهش نه رهي ۽ صفا فاني ٿي وڃي جو جنهن به شيءِ تي نظر پوي ان کي فاني سمجهي ۽ پاڻ کي به فاني سمجهي. پوءِ جڏهن پاڻ کي ڪجھ نه ٿو سمجهي ته باقي ٻيو مقصود (الله تعاليٰ ڪان سواءِ) ڪهڙو رهندس. البته اهو مقام وڏن ولين جو آهي.

نفي اثبات ڪرڻ مهل به پير جو تصور ضرور هجي. پير جي تصور ڪرڻ ۾ وڏو فائدو آهي. جيئن هڪ پڪي آهي جيڪو سوَ ڪوهه تان نظر ۽ توجه سان پنهنجي آني کي پچائيندو آهي، اهڙي طرح پير جي به رابطي واري مريد تي

www.zikar.com



سوَ کوهہ تان نظر هوندي آهي. حضرت پير قريشي صاحب عليہ الرحمة فرمائيندا هيا تہ گهريتڻي (هڪ جيت آهي) جيت کي کڻي مٽيءَ ۾ بند ڪري توجہ ڏيندي آهي تہ پاڻ جهڙو ٻچو نڪرندو اٿس.

باجهڙي طرح بدڪ جو ننڍڙو ٻچو جيڪو تازو آني مان ڦٽو هجي، ماءُ سان گڏ پاڻيءَ ۾ ترندو ويندو آهي، تهڙي طرح رابطي وارو مريد بہ شهود واري درياء ۾ پير جي پويان هلندو ويندو آهي.

رابطو اهڙو قوي هجي جو هر وقت ۽ هر حالت ۾ دل جو توجہ پير ڏانهن هجي، بڪليہ خود (پوري طرح) پير ڏانهن متوجہ رهي، پوءِ ئي پورو ۽ ڪامل حضور ملندس. ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت توجہ ڪندو ۽ ڪنهن وقت نہ ڪندو تہ ڪامل فائدو حاصل نہ ٿيندس.

## دل جو زنده ٿيڻ

پاڻ ارشاد فرمايائون تہ دل جو زنده ٿيڻ، دل جي ڦٽڪڻ کي نہ چوندا آهن، جذبي جو پيدا ٿيڻ بہ ضروري ۽ مقصودي نہ آهي، بلڪ زنده دل انهيءَ کي چوندا آهن جو الله تعالىٰ جي محبت حاصل ٿئي ۽ سالڪ هر وقت انهيءَ ذات پاڪ کي حاضر ناظر سمجهي ۽ ان کي قبر ۽ قيامت جو خوف سدائين هجي ۽ نيڪي جي ڪم تي استقامت ڪري ۽ شريعت جي اطاعت ۽ تابعداري ۾ ڪنهن جي پرواه نہ ڪري ۽ ڪنهن کان نہ ڊڄي. وَ لَا يَخَافُونَ لَومَةَ لَائِمٍ. بيت

دشمن چہ کند چوں مہربان باشد دوست — گر چہ جملہ جہان دشمن اوست

يعني جڏهن دوست مهربان آهي تہ دشمن ڇا ڪندو، توڙي جو ڪڻي سموري دنيا دشمن ٿي پوي.

www.zikar.com



ڪيترا جذبن وارا ۽ خليفا جماعت وارا، منهنجي پير جي توجه جو انهن تي اهو اثر ٿيو جو مست ٿي ويا ۽ ونجي ويا، پر پنهنجي استقامت کان هٽن ۽ پنهنجي مڏي کان هٽن، رڳو ٻي جي مڏي (پير جي توجه جي سهاري) جي زور تي هليا، اهي جڏهن وڃي ڪريا ته ظاهر ئي ڪونه ٿيا. اصل شيءِ آهي استقامت ۽ پڪو ٿيڻ.

## هتي معرفت جو خزانو آهي

اي خليفا! تون هجين به خليفو وري توکي هڪ عام انسان جيترو به عشق نه هجي! هتي ته عشق جو دوڪان کليل آهي، پر ڪو سچو عشق الاهي جو طالب اچي ته ان ڪي اهڙي ته نعمت حاصل ٿئي جو ان تي ساري دنيا کي قربان ڪري ڇڏي.

پهريائين دماغ کي دنيا جي محبت کان صاف ڪر، پوءِ هتي اچ. هتي اڳين زماني وارن بزرگن جي شيءِ ۽ معرفت جو خزانو رکيل آهي. اي مسلمان تون خريدار ته بڻيو وينو آهين، آهين ته عاشق، پر تو ۾ مجنون واري ديوانگي به ڪانهي (جيڪو هڪ عورت جو عاشق هيو). اڳين زماني جي ڪنهن بزرگ فرمايو آهي

حريفان بادها خوردند رفتند     تہی خم خانہا کردند رفتند

يعني گهڻا سالڪ آيا ۽ معرفت جو جام پي هليا ويا، بلڪ اهي ميخانه ئي خالي ڪري اڳتي روانا ٿي ويا.

حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله جوابًا هي بيت پڙهندا هيا:

ہنوز آن بادہا ساغر بجوش است     ہنوز آن مست ساقی در خروش است

يعني اجا به پيالو شراب جو جوش ۾ آهي ۽ اجا به مست پيارينڌڙ فرياد ڪري رهيو آهي ته آهي ڪو پيئنڌڙ جو محبت الاهي جو پيالو پيئي.

www.zikar.com



اڄ دنيا ۾ ٻيا سڀ دروازا بند ٿي ويا آهن، هي دروازو کوليو ويو آهي. پر ڪو طالب ٻڌجي اچي ته ان کي خبر پوي. دل مان خيال خطرا ڪڍي اچ ۽ استقامت ڪر پوءِ ڏس فيض.

**ميدان ۾ پيرا پاوي ڪو سر دا طمع لاهي ڪو**

ڪنهن عورت سان محبت لايو ته نڀايو، باقي الله پاڪ سان محبت لايو ته توڙ نه نڀايو! حيف هجئي! اي عورت جا عاشق، جنهن جي پويان دين ايمان وڃايئي، مرڻ وقت پاڻهي خبر پوندئي. ادا دل کي صاف ۽ سهڻو ٻڌايو، دل هڪ مهانگي ۽ قيمتي شيءِ آهي، دل ڏي الله سائين کي. حديث شريف ۾ آهي "قَلْبُ الْمُؤْمِنِ عَرْشُ اللهِ" يعني دل الله جو عرش آهي، جڏهن ته تون دل زال ۽ ٻين شين کي ڏئي وينو آهين.

ادا! مريد اگر ڪنيڪشن نه توڙي ته فائدو پهچندس، پوءِ مريد ڪٿي هزار ڪوهه تي هجي. پر جيڪڏهن دل ۾ خطرات اٿس ته پوءِ ڪٿي حضور ۾ هجي ته به ڪجهه به فائدو نه رسندس. گويا اهو مجلس ۾ موجود ئي نه آهي. الله وارن جو باطني معاملو آهي، اهو ظاهر تي ٻڌل نه آهي بلڪ باطن تي ٻڌل آهي.

# اسم جلالت روح مثل آهي

تاريخ 12 ذوالقعده 1380ھ پاڻ خطاب ڪندي فرمايائون ته حديث شريف ۾ آهي "لَا تَقُوْمُ السَّاعَةُ حَتّٰى يُقَالَ اللهُ اللهُ" معنىٰ ته جيستائين الله الله چوڻ وارو زمين تي هوندو، تيستائين قيامت قائم نه ٿيندي.

هڪ بزرگ فرمايو آهي ته الله جو اسم دنيا جو روح آهي، الله جو چوڻ بس ٿيو ته قيامت اچي ويندي ۽ دنيا ختم ٿي ويندي.

الله وارن کي توهان ماڻهو ڇا ڄاڻو؟ ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته جيڪو شخص الله پاڪ جي نعمتن جو ترڪ ڪري (سٺو طعام، سٺو لباس وغيره سڀ ڇڏي ڏئي) ته اهو

www.zikar.com



الله وارو آهي؟ حضرت پيران پير دستگير محبوب سبحاني رحمة الله عليہ نوابن جهڙو وڳو پائيندا هيا. هڪ پيري هڪ مريد کي ڪپڙي خريد ڪرڻ جو امر فرمايائون تہ فلاڻو ڪپڙو خريد ڪري اچ. هن شخص جنهن وقت انهيءَ نمبر وارو ڪپڙو دوڪاندار کان ڪڍرايو تہ شيطان بي اختيار دل ۾ خطرو وڌس (تہ بزرگ ٿي ڪري اهڙا مهانگا ڪپڙا چو ٿا پائن) پر پوءِ جنهن وقت ڪپڙو وٺي حضور ۾ پهتو تہ حضرت سائين جن ڪشف ذريعي معلوم ڪري فرمايو تہ اهو ڪپڙو جيڪڏهن ميت کي پارائجي تہ خوش ٿيندو؟ ان شخص جواب ڏنو سائين نہ. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان بہ ميت وانگر آهيون، ولي فاني ۽ مئل (مثل) هوندو آهي.

اڳيان مريد اڄوڪن مريدن وانگر ڪونہ هوندا هيا (جو بزرگن جي ڳالهين تي اعتراض ڪن) بلڪ انهن جي دل ۾ شيطان بي اختيار خطرا وجهندو هيو ۽ بي اختيار ڳالهہ معاف هوندي آهي. هڪ ڪراڙي عورت پنهنجي پٽ کي حضرت پيران پير وٽ ڇڏي وئي. ٻن ٽن سالن کان پوءِ آئي، ڏٺائين تہ ڇوڪرو ڏاڍو لاغر (ڏٻرو) ۽ ضعيف آهي ۽ ڏٺائين تہ حضرت، پيران پير ڪڪڙ ۽ گوشت پيو کائي ۽ سندس پٽ رکا ٽڪر پيو کائي. پوءِ حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ وڃي دانهن ڪيائين تہ منهنجو پٽ بک تو مري ۽ توهان ڪڪڙ پيا تا کائو. پوءِ حضرت صاحب جن ڪڪڙ کائي ان جي هڏن کي گڏ ڪري فرمايو "قُم بِاِذنِ الله" (الله تعالىٰ جي اذن سان اٿي) پئو تہ ڪڪڙ ٻانگ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو. پوءِ پاڻ فرمايائون اي ڪراڙي تنهنجي پٽ ۾ اڃا ايتري طاقت پيدا ڪانہ ٿي آهي ۽ اڃا ڪڪڙ کائڻ جي لائق ناهي ٿيو ۽ طبيعت غبي اٿس. پيو ٿو پورهيو ڪرايانس، جڏهن نهي راس ٿيو

پاڻ وڌيڪ ارشاد فرمايائون تہ طريقت جو طالب ڪو جلد ئي نہ سڌرندو ۽ ڪامل ٿيندو آهي، بلڪ ڪامل پير انهيءَ کي هوريان هوريان صفا ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪس ۽ ڪٽ

www.zikar.com



لڳندي اٿس ته وري ٻيهر محنت ڪندو اٿس. آهستي آهستي وڃي منزل تي پهچندو آهي.

پوءِ حضرت پيران پير پوڙهيءَ مائي کي چيو ته تنهنجي پٽ کان امتحان ٿا وٺون، تون پاڻ ڏس. پوءِ پاڻ هڪ فقير کي حڪم فرمايائون ته جنهن وقت لنگر مان ماني مليس ته تون ان کي چئو ته آئون مسافر آهيان سو ماني مون کي ڏي. پوءِ جيڪڏهن توکي ماني نه ڏئي ته زوري ماني ڪسي وٺي پڄ. حڪم موجب ان فقير وڃي ڇوڪري کان ماني گهري ته ان ماني نه ڏني. نيٺ فقير حڪم موجب ماني ڪسي وٺي ڀڳو ته ڇوڪرو ان جي پٺيان پيو، آخر ماني ڪسي پوءِ موٽيو. (وقت گذرندي دير ڪانه ٿي ٿئي) وري ٻي سال ڪراڙي آئي. هن ڀيري به پاڻ ساڳي نموني ان جي پٽ کان امتحان ورتو. هن ڀيري به انهيءَ ڇوڪري فقير کي ماني نه ڏني، پر ڪسجڻ ڪانپوءِ ان فقير جي پٺيان نه پيو. اهڙي ئي نموني جڏهن ٽين سال ڪراڙي آئي ته حضرت جن سندس پٽ کان ٽيون ڀيرو به امتحان ورتو، هر هن دفعي ڪراڙيءَ جي پٽ، انهيءَ فقير کي خوشيءَ سان ماني ڏني. پوءِ حضرت پيران پير رحمة الله ڪراڙيءَ کي فرمايو ته هاڻي تنهنجو پٽ امتحان ۾ پاس آهي ۽ تيار آهي.

حضرت امام اعظم ابوحنيفه رحمة الله پوشاڪ سهڻي پائيندا هيا. الله وارن کي سٺو ڪپڙو پهرڻ ۽ سٺو کاڌو کائڻ منع نه آهي ۽ ولايت جي منافي نه آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ کير پيئڻ وقت دعا فرمائيندا هيا "اَللّٰهُمَّ زِدنَا مِنهُ" (اي الله سائين اسان لاءِ هن ۾ واڌارو فرماءِ).

۽ روايت ۾ آهي "كَانَ رَسُولُ الله صلى الله عليه وسلم يُحِبُّ الحَلوَ" يعني حضور عليه الصلواة والسلام جن مٺي شيءِ کي پسند فرمائيندا هيا. ۽ پاڻ فرمايو اٿن "سَيِّدُ الطَّعَامِ لَحم" (طعامن جو سردار گوشت آهي).

www.zikar.com



قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي "خُذُوا زِينَتَكُم عِندَ كُل مَسجِد يعني عِندَ كُل صَلوٰة (هر نماز لاءِ زينت اختيار كيو) زينت جي معنيٰ آهي سينگار كرڻ ۽ سهڻا كپڙا پائڻ، ۽ تون اٿڄاڻ وري الله وارن تي ٺوڪ ٺو كرين.

## سالڪ طريقت لاءِ ضروري ڳالهيون

تاريخ 13 پاڻ فرمايائون تہ پاڻ کي سيني کان گهٽ سمجهو ۽ شريعت پاڪ تي عمل ڪيو. اسان جي بزرگن لکيو آهي تہ طالب هر هميشہ پاڻ کي مئل وانگر سمجهي. ولي الله جنهن وقت فنائيت جي درجہ تي پهچندو آهي تہ پنهنجي اولاد کي يتيم سمجهندو آهي ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي بيوه سمجهندو آهي، پر سالڪ کي اها منزل تڏهن هٿ ايندي جڏهن پاڻ کي پير جي اڳو ميت مثل رکي

"كُن بَينَ يَدِي الشَّيخ كَالمَيِّتِ بَينَ يَدِي الغَسَّال يقلبه كَيفَ يَشَآءُ."

يعني پير جي اڳيان ائين ٿي وڃ جيئن مرده غسل ڏيارينڌڙ جي هٿ هوندو آهي، جيڏانهن چاهي ان کي ڦيرائي.

پير جي راءِ ۽ خيال عين پنهنجي راءِ ٿي وڃي، ائين ٻڃي وڃي جيئن بزرگ فرمايو آهي

به مئ سجاده رنگين كن گرت پير مغاں گويد
كہ سالك بے خبر نبود ز راه و رسم منزلها

جڏهن اها حالت تنهنجي مٿان دائمي ۽ استمراري ٿيندي تہ پوءِ اتان کان ٻي عجيب حالت پيدا ٿيندي ۽ اها ڳنڍجي هلندي. سلوڪ جو مقصد ۽ نچوڙ اهو آهي.

پاڻ فرمايائون: صالحن جي نشاني الله قرآن ۾ بيان فرمائي آهي تہ

www.zikar.com



"وَاِذَا خَاطَبَهُم الجَاهِلُونَ قَالُوا سَلاَمًا وَالَّذِينَ يَبِيتُونَ لِرَبِّهِم سُجَّدًا وَ قِيَامًا تا.......... وَالَّذِينَ اِذَا اَنفَقُوا لَم يُسرِفُوا وَلَم يَقتُرُوا وَكَانَ بَينَ ذَالِكَ قَوَامًا"

معنيٰ: جنهن وقت جاهل انهن سان گفتگو ڪن ٿا ته انهن کي جواب ڏيڻ بجاءِ سلام چون ٿا ۽ اهي رات جو پنهنجي رب کي سجدو ۽ قيام ڪندي گذارن ٿا، ۽ کائڻ پيئڻ ۾ حد کان زيادتي به نٿا ڪن، نه وري گهٽائن ٿا بلڪ وچٿرائي اختيار ڪن ٿا.

# محبتِ شيخ جي اهميت

تاريخ 13 پاڻ فرمايائون حضرت پير قريشي صاحب جن گلستان جا بيت پڙهندا هيا:

گلِ خوشبوئی از حمام روزے رسید از دست محبوب بدستم
بدو گفتم کہ مشکی یا عبیری کہ از بوئی دلاویزی تو مستم
بگفتا من گلِ ناچیز بودم ولیکن مدتے باگل نشستم

يعني هڪ دفعي حمام خانه مان مون کي خوشبودار مٽي محبوب جي هٿان ملي. مون ان کان پڇيو ته تون مشڪ آهين يا عنبر جو تنهنجي خوشبو مون کي بي تاب ڪري ڇڏيو آهي. ان جواب ڏنو ته مان هڪ ناچيز مٽي هيس پر ڪجهه عرصو گل سان رهڻ نصيب ٿيو آهي (۽ ان سان گڏ رهڻ ڪري مون ۾ به خوشبو اچي وئي).

پاڻ (پير قريشي صاحب رحمة الله) فرمائيندا هيا ته اصحاب ڪهف ڪنهن نبي جي صحبت ۾ نه ويٺا هيا، نه وري ڪو عمل نماز روزو وغيره ڪيائون، بلڪ رڳو فتني ۽ فساد واري وقت ۾ توحيد جا قائل رهيا ته سڀ درجا ولايت جا طي

www.zikar.com



ڪري ويا ۽ ڪتو سندن صحبت ۾ رهڻ سبب ماڻهو ٿي پيو(جو هڪ روايت مطابق انساني شڪل ڏئي جنت ۾ رهايو ويندو)، جيئن شيخ سعدي فرمايو آهي:

سگِ اصحاب کہف روزے چند پے نیکاں گرفت مردم شد

هاڻي ڏسو ولين جو شان جو سندن صحبت ۾ رهڻ سان ڪتو به ماڻهو ٿي پيو. هي وقت به فتني ۽ فساد جو آهي، هن وقت به جيڪو متوجه الي الله ٿيندو ته جلد ولايت جا درجا طي ڪري ويندو.

## ذڪر جي تازگي ۽ استقامت

تاريخ 14 ماه ذوالحج 1380ھ هڪ شخص عرض ڪيو ته سائين ذڪر تازو ڪيو. پاڻ فرمايائون ذڪر تازو آهي، هن ذڪر جي هلڻ ۽ تازي هجڻ جو مدار محبت تي آهي، محبت آهي ته ذڪر سدائين تازو آهي، جيڪڏهن محبت نه هوندي ته ذڪر تازو ڪرائڻ ڪجهه به فائدو نه ڏيندو. ڪيترا ماڻهو ڏناسين، پهريائين حد کان زياده عاشق هيا، مگر پڇاڙي تائين اها محبت ڪانه رهي. اها محبت توڙ تائين ازلي سعيد کي ڏيندا آهن.

پوءِ هي ڳالهه بيان فرمايائون ته هڪ ڪراچيءَ جو نوجوان سپاهي حضرت پير قريشي صاحب جن جو بيعت ٿيو. ڏاڍي محبت هجيس، سفر ۾ حضرت صاحب جن جي ماني به اهو ڪندو هو ۽ جيڪو حال حضرت صاحب قبله عالم جن تي ٿيندو هيو ته اهو حال ان تي به ٿيندو هيو. پر ان محبت ۾ بقا نه ڪئي. پوءِ هڪ دفعي ريل گاڏيءَ ۾ مليو ته ڏاڙهي ڪوڙيل هجيس ۽ گوڏا اگهاڙا هجنس، پوليس واري وردي پاتل هجيس. اڳي محبت سان ملندو هيو، هن ڀيري هٿ به نه ڏنائين، رکي نموني چيائين اڳي اهو رنگ هيو ۽ هاڻي هيءُ رنگ آهي.

www.zikar.com



# مسجد جي حيثيت

تاريخ 26 ماه جمادي الاول 1382ھ خطاب ڪندي فرمايائون: جنهن جاءِ کي مسجد لاءِ مقرر ڪيو تو وڃي ۽ اتي مسجد ٺاهي ٿي وڃي ته پوءِ انهيءَ کي ڪنهن طرح ڊاهي نٿو سگهجي، پر انهيءَ جي بي به ڪا شيءِ (ذاتي) استعمال ۾ آڻي نٿي سگهجي. جيڪڏهن تڏا پراڻا ٿي وڃن ته انهن کي به پنهنجي ڪنهن ڪم ۾ نه آڻجي بلڪ پوري ڇڏجي. مسجد هن زمين کان تحت الثريٰ (زمين جي آخري طبقي) تائين مسجد بڻجي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪو شهر يا ڳوٺ غيرآباد ٿي وڃي ته انهيءَ مسجد کي لوڙهو ڏئي بند ۽ محفوظ ڪري ڇڏجي.

البته جيڪڏهن چند ڏينهن نماز پڙهڻ لاءِ ڪا جاءِ ٺاهجي ته انهيءَ جو نالو جاءِ نماز رکجي (مسجد نه چئجي). پوءِ انهيءَ جو سامان پنهنجي خيال موجب استعمال ڪري سگهبو ۽ انهيءَ کي ڊاهي به سگهبو.

وڌيڪ تقرير ڪندي فرمايائون ته دنيا کان ظاهري قطع تعلق نه ڪيو، بلڪ قطع معنوي ڪيو. ڪنهن الله واري کي هٿ ڪيو ته اهو اوهان جي دل تان پردا پري ڪندو، الله واري ڪامل ولي الله وٽان ئي اها نعمت حاصل ٿيندي آهي جو آخرڪار دل ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي محبت کان سواءِ ڪنهن به شيءِ جي محبت نه رهندي. باقي جيڪڏهن الله واري جي صحبت ۾ رهندي به ڪنهن کي اها شيءِ حاصل نه ٿي ٿئي ته اها ان جي بدبختي آهي جو بي فرماني جي ڪري الله واري جو فيض انهيءَ ڏانهن معڪوس (منتقل) نٿو ٿئي.

ادا هي شيءِ اهڙي نه آهي جو ڪٿي هٽ سان ڏجي، بلڪ اعتقاد، محبت ۽ پوري اطاعت ذريعي ئي حاصل ٿيندي آهي.

روزيءَ جي ڳڻتي نه ڪيو. هڪ بزرگ لکيو آهي ته جيڪڏهن ساري دنيا منهنجي اولاد هجي ته آئون انهن جي روزي جو به ذري پر فڪر نه ڪيان. الله وارن جو ايترو

www.zikar.com



ڪارخانو (لنگرخانہ) هلندو آهي سو بہ انهيءَ توڪل واري سبق پڪي ڪرڻ جي ڪري هلندو آهي.

## الله انفسي ۽ آفاقي

ادا الله وارن جي صحبت ۾ رهين تہ انهن جا اخلاق ۽ عادات هٿ ڪر ۽ هڪ فڪر رک ٻيا سڀ فڪر ڇڏ، ۽ الله واري سان محبت رک ۽ ٻين سيني معبودن کي ڇڏي ڏي. شرڪ جا ٻہ قسم آهن، هڪ آفاقي ۽ ٻيو انفسي. شرڪ آفاقي، ظاهري بتن جي پوڄا ڪرڻ کي چئجي ٿو ۽ الہ انفسي دل ۾ غير جي محبت رکڻ کي چئبو آهي جيئن ڪاٺ پيٺ سان محبت، ڀلن لٽن پاڻ سان محبت رکڻ.

الله وارن جي نظر ۾ انسان جنهن بہ شيءِ سان دل جي محبت لڳائي ٿو، اها شيءِ انهيءَ جي نفس جو معبود آهي. اهو عام قانون آهي تہ جنهن شيءِ سان جنهن شخص جي محبت هوندي آهي تہ انهيءَ شيءِ سان سندس دل جي معيت هوندي آهي (ان ڏانهن متوجہ رهندو آهي). ان اعتبار سان الله وارن وٽ اها شيءِ انهيءَ شخص لاءِ معبود انفسي ٿي پوي ٿي، تنهن ڪري پهريون پير کي پنهنجي توجہ جو مرڪز بناءِ، انهيءَ سان پڪي محبت رک ۽ ان جي اطاعت ڪر، تہ انهيءَ محبت سان دل ۾ الله پاڪ جي محبت ۽ ان جي حبيب صل الله عليہ وسلم جي محبت پيدا ٿيندي، ۽ توڪل وارو سبق زور پڪو ٿيندو.

## نعت خواني ۽ يارهين شريف ملهائڻ جائز آهي

تاريخ 13 ماه محرم 1381ھ پاڻ خلفاء ڪرام کي حويلي مبارڪ ۾ اندر گهرايائون ۽ تقرير دوران فرمايائون: اسان جي اڳين بزرگن وٽ قرآن خواني گهٽي ٿيندي هئي ۽ انهن جي

www.zikar.com



مجلسن ۾ مولود خواني گهٽ ھوندي ھئي. پر جنھن وقت حضرت پير قريشي صاحب جن پنجاب ۾ آيا تہ ماڻھن ۾ مولود خواني جو خيال ۽ رواج گھٽو ڏٺائون، تنھن ڪري پاڻ فرمايائون اسان جي اڳين بزرگن وٽ مولود خواني گهٽ ھئي، پر اسان ماڻھن جي فائدي خاطر مولود خواني کي زياده رواج ڏنو آھي جيئن ماڻھو فائدو حاصل ڪن ۽ ھن طريقہ عاليہ ڏي متوجہ ٿين. پوءِ حضرت پير قريشي صاحب جن جي مجلس مبارڪ ۾ مولود گھڻا پڙھيا ويندا ھيا. ھتي (رحمت پور شريف ۾) بہ ايترا ڪونہ پڙھيا ويندا آھن.

منھنجي پير يارھين ڪانہ ڪئي پر جائز فرمائيندا ھيا. ھن فقير بہ طريقت جي واڌاري واسطي يارھين شروع ڪئي. يارھين ڪرڻ جائز آھي.

## مثالي تقويٰ

حضرت پير قريشي رحمة الله جن وٽ ھڪ مولوي ڪڪڙ ڪني پر حلقوم (رڳ) جو خيال نہ ڪيائين. پوءِ حضرت جن اھا ڪڪڙ نہ کاڌي ۽ فرمايائون تہ جيڪو شخص ڏاڍو مفلس ھجي، جنھن نہ کاڌو ھجي انھيءَ کي ڏيو. فقير چيو سائين اھڙو ماڻھو تہ ڪونہ آھي، پاڻ فرمايائون تہ پوءِ پوري ڇڏيو.

ھڪ شخص ٽوڪري ۾ کائڻ جي ھڪ شيءِ آندي، ڍڪيل نہ ھئي ۽ ماڻھن جي روبرو آڻي کوليائين ۽ حضرت جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيائين. حضرت جن اندر حويلي مبارڪ ڏانھن ڪٽائي ويا، رات جو کوليائون تہ سنھڙيون ڪوليون انھيءَ شيءِ ۾ پئجي ويون. پوءِ پاڻ فرمايائون سبحان الله! مون پھريائين دل ۾ خيال ڪيو تہ فقير ماڻھن جي روبرو شيءِ کي کوليو آھي، سو متان نظر لڳيس ۽ متان کائيندڙ کي نقصان ٿئي، پر الله جو فضل ٿيو جو ڪِولين کي حڪم فرمايائين جو ڪِوليون اچي ويون. ھاڻي انھيءَ شيءِ کي

www.zikar.com



اڇلائي ڇڏيو، تنهن ڪري جيڪو فقير لنگر ۾ ڪا شيءِ ڏيڻ چاهي ته چڱي طرح ڍڪي ڪٽي اچي.

پاڻ فرمايائون ته عند الضرورت سوال ڪرڻ جائز آهي جيئن هڪ دفعي مينهن پيو، ان وقت سفر ۾ هي فقير به گڏ هيو ته حضرت پير قريشي صاحب جن هڪ شخص ڪان رهڻ لاءِ جاءِ جو سوال ڪيو.

## طريقت جا آداب

فرمايائون ته ذڪر تا ڪيو ته ادب به سکو.

”الطَّرِيقَةُ كُلُّهُ اَدَب“

يعني سمورو طريقو ادب آهي.

طريقت ۾ مرشد ڪامل ڪان جدا ٿيڻ مريد جي هٿ ۾ آهي. جيڪڏهن مرشد ڪنهن مريد تي ناراض ٿي پوي ۽ انهيءَ مريد ڏانهن اصل توجه نه ڪري، پر جي مريد جي سيني ۾ مرشد جي محبت آهي ۽ مرشد جو در اصل نٿو ڇڏي ته باطني فيض ۽ ڪمالات ۽ برڪات، اعتقاد ۽ محبت جي وسيلي سان پيو حاصل ڪندو، ۽ مريد جيترو مرشد جو اتباع ڪامل ڪندو اوترو فيض جو ڪامل حصو حاصل ڪندو. ڪائڻ پيئڻ ۽ رفتار گفتار ۾ پير جو اتباع ڪري ۽ پنهنجي رضا ۽ ارادي کي پير جي ارادي ۾ گم ڪري. جنهن وقت ڪمال اعتقاد، محبت ۽ اتباع جي مقام کي پهتو ۽ پوري فنائيت حاصل ڪيائين ته هاڻي فنا في الرسول جو مقام اڳتي هڪ ورانگهه جي پنڌ تي آهي، ۽ ان ڪان پوءِ هڪ ورانگهه تي فنا في الله جو مقام آهي. پوءِ جنهن وقت فنا في الله جي مقام کي پهتو ته اتي رضا جو مقام حاصل ٿيندس، ۽ رضا جي مقام ڪان مٿي ٻيو ڪوبه مقام نه آهي.

www.zikar.com



الله وارن خاص ڪري اسان جي نقشبندي طريقي جي بزرگن هي رستو اهڙو تہ تيار ڪيو آهي جو سالڪ جلد ئي عارف بالله ٿي وڃي ٿو. حضرت امام رباني رحمة الله عليہ لکيو آهي تہ آئون پنهنجي مرشد جي زماني کي حضرت رسول ڪريم ﷺ جي زماني وانگر سمجهندو هوس.

## منهنجو عقيدو

خطاب جاري رکندي فرمايائون تہ آئون پنهنجو اعتقاد صحيح بيان ڪيان ٿو تہ حضرت نبي ڪريم عليہ افضل الصلوات واڪمل التحيات جن جو شان ۽ مرتبو الله تبارڪ و تعالىٰ جل جلالہ کان بعد ۾ آهي.

*بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر*

حضرت نبي ڪريم صل الله عليہ وسلم کان بعد ٻين نبين جو درجو آهي، انهن نبين کان بعد ۾ اصحابن جو درجو آهي، اصحابن کان بعد ۾ تابعين جو پوءِ تبع تابعين جو.

هن دور ۾ منهنجي پير جو مٽ ۽ ثاني نہ آهي. هر گهڙيءَ مون کي پنهنجو پير ياد آهي. رات بہ اها ڳالهہ ياد هئي، صبح بہ اها ڳالهہ ياد هئي، هاڻي بہ اها ڳالهہ ياد آهي. پر حقيقت ۾ هي فقير درميان ۾ آهي ئي نہ، بس هر وقت پير موجود آهي. هي لنگر بہ انهيءَ جو تہ فيض بہ انهيءَ جو. جاتي ڪاتي اهو آهي، هن فقير جو سمورو ڪارخانو(سي معاملات) سي انهيءَ جو آهي.

## ولي جو علم ۽ اختيار

وهابي چوندا آهن تہ الله وارن کي علم ڪونہ آهي. اي بي ادب گستاخ! صاحب ڪمال ولي الله جنهن بہ وقت ماسلف بزرگن مان ڪنهن بہ ولي ڏانهن متوجہ ٿيندو آهي ۽ انهيءَ جي

www.zikar.com



فيض جو انتظار ڪندو آهي ته انهيءَ ولي الله جو فيض اچڻ شروع ٿيندو اهي. رڳو بزرگ جي نالي مبارڪ وٺڻ سان به انهيءَ جو فيض پيو ايندو آهي. بعض وقتن ۾ ته اهو مخاطب ولي الله خود حاضر ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ متوجه ٿيندڙ بزرگ سان متڪلم ٿي ڪلام ڪندو آهي. جيئن سلسله شريف پڙهڻ وقت سلسله شريف ۾ حضرات جي نالن مبارڪن وٺڻ سان هر هڪ جو فيض پيو ايندو آهي ۽ ڪاهي ڪاهي (ڪڏهن ڪڏهن) اهو بزرگ صاحب، نامِ نامي وٺندڙ سان ڪلام ڪندو آهي، جڏهن ته نالو وٺندڙ اهو بزرگ هن طرف ٻين ماڻهن سان پيو ڪلام ڪندو آهي ته ٻئي طرف انهيءَ ولي الله مماتي واري بزرگ سان پيو ڪلام ڪندو آهي.

ادا! ڏس شان ولي الله جو. ايتري طاقت ولي الله ڪي آهي، باقي سهڻي نبي پاڪ ﷺ کي نه آهي؟ (يقيناً آهي)

## حضرت قلندر شهباز جي رهنمائي

هڪ شخص حضرت قبله عالم جن جي خدمت اقدس ۾ درڳاه رحمت پور شريف آيو ۽ عرض ڪيائين ته مون کي حضرت قلندر شهباز رحمة الله خواب ۾ فرمايو ته تون لاڙڪاڻي رحمت پور شريف وڃ، ۽ توهان جو اسم شريف وٺي فرمايائون ته ان کان وڃي ذڪر وٺ ته فائدو حاصل ٿيندئي. پوءِ حضور قبله عالم جن ذڪر ڏسڻ بعد فرمايو ته هن ذڪر ڏسڻ ۽ ذڪر ڪرڻ سان اصل مقصد الله پاڪ جي محبت آهي ۽ ان سان دل زنده ٿيندي آهي. دل زنده ٿيڻ جي نشاني اها آهي ته اهو ماڻهو جيڪڏهن اڳي بي نمازي هيو ۽ شريعت پاڪ کان پري هيو، ذڪر وٺڻ ۽ ذڪر ڪرڻ بعد نمازي ٿيو ۽ شريعت پاڪ جا ڪم انهيءَ کي پيارا لڳا ۽ شريعت پاڪ تي هليو ته بس اهائي دل جي جيئري ٿيڻ جي نشاني آهي.

www.zikar.com



اڄوڪي زماني ۾ ڪي شغال يعني گدڙ هن طريقي ۾ داخل ٿي ويا آهن، آهي دل کي ڦڙڪائڻ ٿا. پر دل جي ڦرڪائڻ ڪي دل جو جيئرو ٿيڻ نہ چئبو آهي. هن طريقي ۾ جيڪو الله پاڪ جي محبت ۽ معرفت جو خواهان (طالب) آهي تہ پير سان محبت لائي، ان محبت جي طاقت سان معنوي فيوض و برڪات پيو حاصل ڪندو ۽ باطن پيو رنگين ٿيندس.

## مباحات ڏانهن توجہ

حضرت امام ربانيرحمةالله ڏانهن سندن خليفہ صاحب جي هڪ مريد خط لکيو تہ خليفہ صاحب صرف عمارتن ناهڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو آهي. حضرت امام رباني صاحب رحمة الله عليہ انهيءَ جي جواب ۾ فرمايو: الله واري جي قلب مٿان جنهن وقت فيض جو ورود گهٽو ٿيندو آهي تہ سندس قلب تي ثقل (بوجھ يا بار) پيدا ٿيندو آهي، پوءِ جنهن وقت طالب رشيد فيض وٺڻ وارو ڪونہ هوندو آتس تہ مباحات ڪمن ڏانهن متوجہ ٿيندو آهي، پوءِ جنهن وقت طالب رشيد ايندو آهي تہ انهيءَ جي قلب ڏانهن فيض سٽيندو آهي.

## شريعت جي پابندي

فرمايائون تہ هي طريقو ساڳيو سهٽي نبي ڪريم عليہ افضل الصلوات واڪمل التحيات ۽ اصحابن سڀني وارو طريقو آهي. بس شريعت پاڪ تي هل، ذڪر ڪماءِ، گهر جي ڪنڊ ۾ نہ ويهہ بلڪہ گهر کان نڪري نماز جماعت سان ادا ڪر. حضرت سيدنا امير عمر رضي الله عنہ جي دور ۾ هڪ صحابي صبح جي نماز تي جماعت ۾ نہ پهتو، پوءِ پاڻ وڃي گهر جو دروازو کڙڪايائونس ۽ صبح نماز تي نہ پهچڻ جو سبب پڇيا فرمايائون. اندران جواب آيو تہ ساري رات جاڳيو

www.zikar.com



آهي ۽ نفل پڙهندو رهيو آهي، صبح صادق اپڻ وقت ڪجهه ننڊ وٺي ويس انڪري فجر جي نماز تي ڪجهه دير سان جاڳ ٿيس، تنهن ڪري نماز گهر ۾ پڙهيائين. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون جيڪر ساري رات ننڊ ڪري ها ۽ صبح جو نماز جماعت سان ادا ڪري ها ته اهو هنن نفلن کان هزار ڀيرا وڌيڪ هيو. ذڪر ڪيو، شريعت تي هلو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن ٿو فائدو ٿئي.

## اهل مَمات بزرگن جي رهنمائي

نصيحت ڪندي وڌيڪ فرمايائون ته حضرت لعل شهباز قلندر رحمة الله عليه ڪيترن ماڻهن کي هن طرف (حضرت پير منا عليہ الرحمة جي خدمت ۾) موڪليو آهي. اهڙي طرح حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيرحمةالله ۽ حضرت شاه عبدالڪريم بلڙي واريرحمةالله به ڪيترا ماڻهو موڪليا آهن. آخر هتي ڪا ته شيءِ آهي جو مماتي وارا بزرگ به ماڻهن کي موڪلين ٿا.

هن جاءِ تي اها اڳين بزرگن واري شيءِ (فيض) آهي. جيڪڏهن خريد ڪرڻي اٿوَ ته جلدي اچو، دير نه ڪريو اچي خريد ڪيو.

## اڳين ماڻهن جي سادگي

فرمايائون ته اڳين وقت ۾ ماڻهو سادا ۽ بزرگ هوندا هيا. محمد لائق نالي اڳين وقت جو هڪ ماڻهو هيو ۽ اسان جي ڏاڏي جو سنگتي هيو. انهيءَ جي ڳالهه آهي ته رات جو چور ٻار مان چوري ڪرڻ آيا ته انهن کي پنهنجي هٿن سان اَن جون ٻريون کڻايائين ۽ انهن کي چيائين ته هاڻي بس ڪيو ۽ جلدي وڃو جو متان منهنجي پٽن کي خبر پوي، منهنجا پٽ ڏنگا آهن.

www.zikar.com



۽ ولايت محمد نالي هڪ ٻئي ڪراڙي مسئلو پڇيو تہ سائين مون وٽ غريب ماڻهو اچن ٿا، الحمدلله جو مون وٽ اَن گهڻو هوندو آهي، پوءِ مون ڪان رکت تي اَن وٺي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ سائين اسان جي ٻار تيار ٿئي تہ ڏينداسين. پوءِ جنهن وقت انهن جي ٻار تيار ٿئي ۽ مان قرض گهرڻ وڃان تہ چون ٻيا قرض خواه اَن ڪٽي ويا آهن ۽ اَن ٿورو بچيو آهي، ڪاٺ لائق مس آهي. انشاء الله ٻئي سال ڏينداسون. وري ٻيو سال شروع ٿئي تہ وري قرض ڪٽڻ لاءِ اچن ۽ چون تہ سائين ٻچا بک ٿا مرن، اَن ڏي تہ ٻئي سال گڏي سڀ قرض ڏينداسون. هاڻي توهان ٻڌايو تہ انهن کي ڏيان يا نہ ڏيان.

اها ڳالهہ بيان ڪري فرمايائون تہ اِهو مسئلو انهيءَ جاهل درويش ڪان سواءِ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن نہ پڇيو آهي. وري چيائين تہ جنهن وقت سنو طعام تيار ٿيندو آهي تہ دل ۾ چوندو آهيان تہ جيڪر اڄ ڪو مهمان اچي ها جيڪو گڏجي کائي ها. هاڻي اجوڪي وقت ۾ ڪنهن ڪان بہ اهي لفظ ڪونہ ٻڌا اٿم. حالانڪ هن جاهل تہ ڪنهن ولي الله سان صحبت بہ ڪانہ ڪئي هئي، پر ولين وارا لفظ پيو ڳالهائي. اِهو اڳئين وقت جي ماڻهن ۾ اثر هيو.

وري ڳالهہ ڪيائين تہ هڪ رات ڏهن مهمانن اچي سڏ ڪيو ۽ چيائون تہ اسان کي ڪنهن نہ رهايو آهي، اسان کي ماني کاراءِ ۽ رهاءِ بہ. مون انهن کي تسلي ڏني ۽ گهر اچي گهرواريءَ کي اٿاريم تہ مهمانن جي اٿي خدمت ڪر تہ ثواب تيندئي. هوءَ ننڊ مان اُٿي گڻ گڻ ڪرڻ لڳي. پوءِ جو مٿان ڪوني تان لٿي تہ ڏاڪڻ جي مٿئين ڏاکي تان ڪري ۽ منهن پر وڃي هيٺ ڪري. مون دل ۾ چيو شايد ڪم پورو ٿي ويس. پر جلد اٿي منهن صاف ڪري مهمانن جي ماني تيار ڪيائين. پوءِ پڇيومانس تہ ايتري پنڌ تان ڪرين، ڏک ڪونہ لڳئي؟ چيائين اصل ڪونہ لڳو. مون چيومانس تہ توکي انهيءَ ڪري ڏک نہ لڳو جو مهمان اصل مصيبت ۽ بلا جي دفع واسطي

www.zikar.com



هوندا آهن ۽ خدا جي رحمت هوندا آهن. تون رنج ٿئين، گڙ گڙ ڪيئي، تنهن ڪري مٿان ڪرينءَ، باقي ڏڪ انهيءَ ڪري نہ لڳو جو مهمانن جي ماني ڪير پچائي ها.

# بي فرماني جو نتيجو

فرمايائون تہ هي طريقو شينهنَ جو طريقو آهي. هن طريقي ۾ شينهن ٿي گذارجي، هتي گدڙ رهي نہ سگهندو. جيڪو چور ٿي رهندو جلدي پڪڙجي پوندو. جيڪڏهن خليفا بي فرماني نہ ڪن ها ۽ شرطن تي هلن ها تہ ساري دنيا ۾ نعرو لڳي وڃي ها. منهنجي پير جو ايترو فيض آهي جو عرش ڪان وٺي جبلن، برن بحرن ۽ تحت الثرىٰ تائين جاري آهي، پر ايندو انهيءَ وٽ جيڪو پير ڪي دل ۾ رهائيندو ۽ پير ڪي محبوب بنائيندو ۽ هر هميشه دل جو رخ پير ڏانهن رکندو. حضرت عثمان داماني رحمة الله عليہ فرمايو آهي:

پیر کعبہ دل است (پير دل جو ڪعبو آهي)

جيئن ظاهر واري ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهبي آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪو منهن ڪعبة الله ڪان ڦيرائيندو تہ نماز ڪانہ ٿيندس. اهڙي طرح جيڪو طالب دل جو منهن پنهنجي ڪامل پير ڪان ڦيري غير ڏانهن ڪندو تہ اهو طريقت ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندو، ۽ اهو شغال يعني گدڙ آهي. ڪنهن وقت انهيءَ کي شينهن جو پاسو لڳو تہ هليو ويندو.

هن طريقي ۾ جيڪو نعمت چکي (فائدو ڏسي) پوءِ وري بي قدري ڪندو تہ انهيءَ کي بي بيماري ڪانہ ٿيندي، پر عقائد خراب ٿي ويندس ۽ ابد الآباد جو خسارو حاصل ٿيندس.

هن طريقہ جا وارث غيرت وارا آهن. حضرت مرزا مظهر جان جانان رحمة الله فرمايو آهي تہ جيڪو هن طريقي ۾ شغال

www.zikar.com



ٿيندو ۽ طريقي کي بدنام ڪندو تہ شهاب ستاري وانگر چوڪاڻ ڪري انهيءَ کي ساڙي ڇڏيندا آهن (فيض کان محروم ڪندا آهن).

## شهودي طريقو

فقير جو مذهب شهودي آهي. منهنجي پير جو مذهب اهو هيو، ۽ منهنجي پير جو مذهب اهو آهي جيڪو حضرت امام رباني رحمة الله عليہ جو هيو.

## پير جو خوف

هي فقير پنهنجي پير کان ڏاڍو ڊڄندو هيو. هڪ واقعو توهان کي ٻڌيان. مون جڏهن نئين شادي ڪئي هئي ۽ حضرت قبلہ عالم قلبي و روحي فداه جن اتي آيل هيا، انڪري ٻہ راتيون گهر نہ ويس متان پير کي اها ڳالهہ ناگوار گذري ۽ فقيرن ۾ ٻاهر سمهي پيس. حضرت پير قريشي صاحب ڪيترا ڀيرا فرمايو تہ آئون توهان جي دل جو احوال پڙهان ٿو پيو، تنهن ڪري هيءَ فقير سدائين حضرت جن کان ڊڄندو هيو تہ متان ڪين غيرت اچي ۽ پاڙ پٽي ڇڏين. هاڻي توهان بہ باطن کي يعني پنهنجي اندر کي سڌو رکو جو هن فقير کي بہ غيرت آهي، منهنجو پير بہ غيرت وارو هيو.

سنڌن هڪ مريد نالي مولوي عبدالله جنهن کي حضرت جن جي طرفان پنج لطيفا مليل هيا ۽ جذبو بہ تمام ڏاڍو هوندو هيس، پوڙهو هيو، اڳ ۾ حضرت خواجہ غلام فريد رحمة الله عليہ جو مريد هيو. پوءِ هڪ ڀيري حضرت پير قريشي صاحب جن جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ سهڻا سائين اڳتي سبق ملي. پاڻ ارشاد فرمايائون توکي اڳتي سبق نہ ملندو جو تون پنهنجي اڳين پير کي اڌ دل ڏيو وينو آهين ۽ اڌ دل اسان کي

www.zikar.com



ڏني اٿئي. پوءِ ته ڏاڍو ستايائين پر پاڻ سبق ڪونه ڏنائونس ۽ فرمايائونس ته اڳيان مليل لطيفا نه ٿا ڪسيون، باقي اڳتي سبق ڪونه ملندئي.

## محبتِ پير سان عمل جي توفيق ملي ٿي

حضرت امام رباني رحمةالله لکيو آهي ته

طريق وصول الي الله دو اند، ثالث نيست، يکے محبت پير دوم ديد قصور.

يعني الله تعاليٰ تائين پهچڻ جا ٻه رستا آهن ڪو ٽيون نه آهي. انهن مان هڪ پير جي محبت آهي ٻيو ديدقصر يعني پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ.

پوءِ پاڻ فرمايائون ته محبت پير وارو رستو سڌو، سولو ۽ جلدي مقصود تائين پهچائڻ وارو آهي. بس پير سان محبت لائي پوءِ پيو محبت کي وڌائي. انهيءَ محبت سان شهود وارو درجو حاصل ٿيندس جيڪو اعليٰ مقام آهي. پير جي محبت سان عجيب گل پيدا ٿيندا. پير جي محبت واري کي ڪتابن پڙهڻ جي ضرورت ڪانه آهي. بس ان لاءِ پير جو فرمان ۽ صحبت ڪافي آهي. اهو اڻ پڙهيل ٻه اهڙو عالم بڻجي ويندو جو هزار عالم به انهيءَ سان عمل ۾ ملي ڪونه سگهندا.

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي هڪ نگاه ڪرم سان انهن جا سڀ ولايت جا درجا طي ٿي ويا، بلڪ انهن کي اجا ولايت جو مٿاهون مقام حاصل ٿيو. جنهن صحابي محبت زياده لڳائي سو بلند مرتبي کي پهچي ويو.

الله واري وٽ اهوئي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو فيض ۽ تعليم هوندا آهن، البته طالب پنهنجي استعداد آهر فائدو حاصل ڪندو آهي. هي طريقو ساڳيو اصحاب وارو آهي. هن طريقي ۾ ڪا رياضت ڪرڻ، بکون ڪاٽڻ، ننڊون ڦٽائڻ، چلا ۽ ڏاکا ڪيڻ ڪونه آهن. هڪ ته پير سان محبت لائي ۽

www.zikar.com



صحبت اختيار ڪري، ٻيو تہ شريعت پاڪ تي عمل ڪري. ٻاهر نڪري ماڻهن سان گڏ باجماعت نماز ادا ڪري. فرض، واجب ۽ سنتون چڱي طرح ادا ڪري.البتہ نفل نماز پڙهڻ ڪان وڌيڪ اٿس تہ پنهنجي پير ڏانهن متوجہ رهي ۽ فيض جو انتظار ڪري.

## ديد قصور

ٻيو طريقو ديد قصور وارو بہ پير جي محبت ۽ مدد سان ئي پيدا ٿيندس، بلڪ پير ئي ڏيندس. ديد قصور جو مطلب آهي تہ پاڻ کي گهٽ کان گهٽ سمجهي جو سموري دنيا کان پاڻ کي ردي ۽ بيڪار، بڇڙو ۽ بدعمل سمجهي، بلڪ پنهنجي هئڻ جو ٻوٿو ئي پٽي ڇڏي. (ائين سمجهي تہ مان ڪجھ بہ نہ آهيان)

## شهود

سالڪ کي شهود ٻن طريقن سان حاصل ٿيندو آهي. هڪ پير جي صورت قائم رکڻ سان جو ائين سمجهي تہ آئون وچ ۾ ڪونہ آهيان، بس فيض سارو منهنجي پير جو آهي. ٻيو هي تہ هر هميشه الله پاڪ جي ذات بابرڪت کي حاضر سمجهي ۽ انهيءَ کي پڪو ڪري تان جو مشق پچي وڃي ۽ قلبي ذڪر مان حضور قلب ۽ ترڪ ماسوي الله پيدا ٿئي، ۽ دل مان غير جي محبت هلي وڃي ۽ انهيءَ تي زور ڏئي. تنهن کان بعد ئي سالڪ کي فنائيت حاصل ٿيندي. ۽ اهو وڏو مقام آهي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو درجو نہ آهي. بس انهن ٻن رستن کان سواءِ (قرب الاهي لاءِ) ٻيو ڪو رستو نہ آهي. جڏهن تہ اهو شاهي رستو آهي ۽ ڪشادو روڊ جيڪو شريعت جي موافق آهي.

مقولو: پير کي پنهنجو محبوب بنايو ۽ ان تي جان کي قربان ڪيو، پير جي اڳيان سچائي ۽ صفائي سان پيش اچو.

www.zikar.com



جيڪو پير کي محبوب ۽ ٻين کان پيارو بنائيندو ته اهو خود محبوب بڻجي ويندو. ۽ لنگر جو ڪم نيڪ نيتي ۽ اخلاص سان ڪيو ۽ فقيرن جي خدمت ڪيو.

## بک ختم

فرمايائون ته پير هن فقير جي اهڙي حالت بنائي آهي جو ماني نٿو کانوان. جيڪڏهن ڪو ماني جو نالو وٺي ٿو ته مون کي انهيءَ تي ڪاوڙ ٿي لڳي ۽ طبيعت تي بار ٿيو پوي.

فرمايائون ته خليفي کي گهرجي ته جانباز بنجي، پير تان سر قربان ڪري، ۽ الله تعالىٰ جل شانهٗ تي ڪامل اعتماد ۽ آسرو رکي ۽ ڪنهن کان نه ڊڄي، نه ڪنهن جي پرواه ڪري، ته پوءِ اهو هن نعمت (باطني فيض) جي لائق آهي. ۽ گهرجي ته رابطه کي محڪم ۽ مضبوط رکي، رابطه سان دنيا جي ڪا بہ شيءِ برابري نٿي ڪري سگهي. پير جي وصفن ۾ فنائيت لهي (اهي پاڻ ۾ پيدا ڪري) ۽ پير جي چوڻ تي سر ڏئي. پهرين ڏينهن کان هن فقير جي سرشت يعني طبيعت ۾ بي پرواهي پلٽي ڇڏيائون. آئون ذڪر جي وقت ۾ بہ مهمانن جي خدمت ڪندو هوس ۽ انهن کي حلوا رڌي کارائيندو هوس. هاڻي بہ هزارين ماڻهو پيا کائن، آئون پڇان ئي ڪونہ. بس مولوي عبدالرحمٰن لانگري ۽ مولوي ڪريم بخش صاحب نيڪ ماڻهو آهن، پيا تا انتظام هلائن.

هن طريقي جو مدار شريعت تي هلڻ چلڻ، ان مطابق کائڻ پيئڻ تي رکيل آهي. هن ۾ ٻيا چلا ڍاڪا ۽ رياضتون نہ آهن. ضروري آهي ته سالڪ نيت ۾ اخلاص پيدا ڪري. الله وارا پهريائين آزمائيندا آهن ۽ استقامت ڏسندا آهن. پوءِ جنهن وقت ان کي مستقيم ۽ پڪو ڏسندا آهن ته پوءِ ساري عمر جي ڪمائي جي مزدوري هڪ گهڙيءَ ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن.

حضرت امام رباني رحمة الله فرمايو آهي ته:

www.zikar.com



در طریقہ ما محرومی نیست، محنت سنین بیک ساعت می دہند

(اسان جي طريقي ۾ محرومي نہ آهي، سالن جي محنت هڪ گهڙيءَ ۾ ڏئي ڇڏين ٿا). هي فقير جيڪڏهن هيءَ نعمت کنهن نالائق کي ڏئي تہ مون کان بہ ڏاڍي قيامت جي پڇا ڪندا، تنهن ڪري هن فقير کي خوف ٿو ٿئي. پڪا ٿي رهو تہ پوءِ لائق آهيو.

## اَلحُبُّ لِلّٰهِ وَالبُغضُ لِلّٰهِ

فرمايائون تہ جيڪا ڪاوڙ الله واسطي ڪئي وڃي انهيءَ ڪاوڙ جي الله پاڪ تعريف فرمائي آهي. اللهٰ وارن جي ڪاوڙ الله واسطي هوندي آهي. اهو الله وارو نہ آهي جيڪو خلاف شرع ڪم ڏسي چپ ڪري ويهي رهي. اهو خود پڪڙيو پيو هوندو. آيت شريف آهي.

وَالَّذِينَ مَعَهُ أَشِدَّاءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ.............

يعني اصحاب سڳورا ڪافرن لاءِ زور سخت آهن ۽ پاڻ ۾ شفيق مهربان آهن. ڏسو هن آيت شريف ۾ پهرين شدت جو بيان ٿيل آهي جيڪا دين جي مخالفن متان ڪئي وڃي ٿي، ۽ پوءِ نرمي جو ذڪر آهي.

فرمايائون: مريد کي گهرجي تہ رابطہ جو هر وقت خيال رکي. ساعت فساعت (هر گهڙي) محبت ۽ رابطہ کي وڌائي. الله وارن جي نعمت، الله وارن جي محبت کان سواءِ حاصل ڪانہ ٿيندي آهي.

فرمايائون تہ هي فيض، هي لنگر ۽ هيءَ درگاه شريف منهنجي پير جا آهن، ۽ هتي رهندڙ بہ منهنجو پير آهي جيڪو قيوم الزمان آهي.

www.zikar.com



## عاشق ۽ معشوق

فرمايائون: عاشق کان معشوق پڇيو ته آئون توکي ياد آهيان؟ جواب ۾ چيائين ها، هر وقت، اٿڻ ۾ ويهڻ ۾، جاڳ ۾ خواب ۾ ياد آهين. مگر "جنهين وقت لڳندي هي بُک ته سُک ويندي هي سِک". اي سنڌي پنجابي! توهان ايئن آهيو. حضرت پير قريشي صاحب جن اها ڳالهه بيان فرمائي پوءِ هي بيت پڙهيو:

اَول ته ايڏي آوين نه ها
جي آيا هِين ته ڏينهو ڏينهن قلمڙا وڏا
پڇُون نه ڏيکِين گَنڌ وَلا
جيلا کرين سِر تائين تڙِي.

فرمايائون ته هڪ دفعي حضرت پير قريشي صاحب جن دعوت تي ويل هجن. اتي ڪين پاڻيءَ جو ڪونرو ڏنو ويو ته فرمايائون: ڪونرو ملان ته نه آهي؟ فقير عرض ڪيو: قبلا سائين ڪيئن؟ جوابًا پاڻ فرمايائون ته اهو ڪوءنرو جنهن جو مٿيون منهن ويڪرو ۽ ٿُن سوڙهو هجي جو مٿان پاڻي ته گهڻو وني پر ٿُن مان پاڻي تورو تورو ڏئي اهو ملان وانگر آهي (جو اهي به ونڻ جا ٽڪڙا ۽ ڏيڻ مهل سست تي پوندا آهن).

فرمايائون: پاڻ کي الله واري جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ جي فرمان تي هلو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن تو اوهان کي ٺاهي (اصلاح ڪري).

## پير جو ديوانو

فرمايائون ته منهنجي پير منهنجو نالو ديوانو رکيو هيو. انهيءَ ديوانگي جو اثر اڄا تائين آهي، جو صبح جو نصيحت ڪندي ٻيپهري جي ٻانگ اچي تي وڃي. ان درميان بک لڳي تي نه اڄ. بلڪ جيڪڏهن ڪو ٻڌڻ وارو هجي ته اٺ (8) ئي

www.zikar.com



پهر بس نہ ڪيان، ۽ نہ ئي مونکي پنهنجي پرين جي ڳالھ ڪان ڊرو ٿئي.

هتان بہ اهو فائدو وٺندو جيڪو پاڻ ۾ اها ديوانگي پيدا ڪندو. پوءِ اهو هم جنسيت جي ڪري فائدو وٺندو، نہ تہ ڪجھ فائدو حاصل ڪونہ ٿيندس.

فرمايائون تہ طالب پير ڪامل سان دل لائي ۽ انهيءَ جي فرمان تي هلي تہ ان لاءِ طريقت جو رستو آسان ٿي پوندو، ۽ جيتري تابعداري زياده ڪندو اوترو عروج بہ زياده ٿيندس. ۽ جيڪڏهن بي فرماني ڪندو، بي محبتو هوندو ۽ تابعداري نہ ڪندو تہ انهيءَ کي عروج هرگز حاصل نہ ٿيندو.

## فرشتہ صفت بزرگ

فرمايائون تہ جنهن کي ڏسڻو هجي تہ بنا ڪاڌي جي الله تبارڪ و تعالىٰ انسان کي هلائي ٿو تہ اهو اچي هن فقير کي ڏسي جو هي فقير ٽئين يا چوٿين ڏينهن کان بعد هڪ آنو تور جي چوٿين پتي جي ماني ڪائي ٿو، سو بہ زور سان. ٽيھ سال گذريا آهن جو اڄ ۽ بُک صفا ختم ٿي ويا آهن.

## اچي فيض حاصل ڪريو

فرمايائون تہ هيءَ درگاه منهنجي پير جي آهي. جي تون چاهين ٿو تہ آئون الله جو پيارو ٻانهو بڻجان تہ اهو مقام ۽ مرتبو هتان حاصل ٿيندو. مگر طالب طريقت سان هلي، ۽ پير جي فرمان تي هلي. هي فقير ڇويھ (26) سالن جو هيو جو سهڻي محبوب مرشد ڪريم حضرت پير قريشي صاحب جو دست بيعت ٿيس. انهيءَ ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين قلب تي نئين نئين مهرباني ۽ فيض جو ٻيو رنگ ٿو ڏسان ۽ ڏينهن رات جو تفاوت نظر اچي ٿو.

www.zikar.com



## طريقت جا آداب

فرمايائون تہ ھن طريقي کي جيکو خراب (۽ بدنام) ڪندو ۽ انهيءَ جو ادب نہ ڪندو تہ انهيءَ کي الله پاڪ جي طرفان دنيا ۽ آخرت ۾ پڪڙ ٿيندي. جتي ڪٿي خوار، خراب ۽ ذليل ٿيندو.

غيرالله سان محبت، ڪاڻ پيئڻ سان دل لڳائڻ آداب طريقت جي خلاف آهي. چوي تہ ڊو ڪري ڪانوان ۽ ڊو سان دل لڳائي ۽ دل جي محبت ۽ لذت خاطر ڪائڻ اهو طريقت جي مناسب نہ آهي. اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ طريقت ۾ ڪامياب ڪو نہ ٿيندو ۽ معرفت کان محروم رهندو.

سالڪ پهريون پنهنجو سينو غير جي محبت کان بلڪل پاڪ صاف ڪري، پوءِ ئي معرفت جو نور دل ۾ داخل ٿيندس ۽ فيض جو حقدار ٿيندو.

### اَللّٰهُمَّ اشْهَدْ عَلَيْنَا.

(ياالله تون اسان جو شاهد رهجانءِ) منهنجي پڇاڙي آهي. ٿوري مرض جي تڪليف ٿئي ٿي تہ آخرت جي تياري جا آثار معلوم ٿين ٿا. بس هاڻي الله تبارڪ و تعالیٰ هن فقير ۽ خليفن جي وچ ۾ آهي.

فرمايائون: هر خليفي کي گهرجي تہ ٻن ڳالهين جو خيال ڪري. هڪ پير جو ادب، پر اهو ادب بہ انهيءَ کي نصيب ٿيندو جيڪو رابطو پيدا ڪندو. ۽ ٻيو لنگر جي خير خواهي. بس انهن ٻن ڪمن کان جيڪو خطا ڪائيندو تہ پنهنجي ٻيڙي پاڻ غرق ڪندو.

## لطائف ڏي توجہ

فرمايائون تہ جنهن فقير کي قلب وارو لطيفو مليل هجي اهو قلب تي فيض وٺي. تان جو سيني لطيفن وارو سيني۔

www.zikar.com



لطيفن تي ۽ جامع ذڪر وارو ساري وجود تي. اسان جي بزرگن فرمايو آهي ته ٻيا طريقا به بيشڪ برڪت وارا ۽ نور ڀريا آهن، پر جيڪا اسان جي طريقي ۾ هيئت وحداني (فقط هڪ ذات سان تعلق) واري نعمت آهي سا ٻين طريقن ۾ نه آهي.

فرمايائون ته خليفي کي گهرجي ته پير جو حضور پيدا ڪري. پير ۾ جيئن اعتقاد رکندو، تيئن پيو فيض حاصل ڪندو. جيتري محبت وڌائيندو ويندو اوترو ئي فيض زياده ٿيندو ويندس. اسان جي طريقي جو دارومدار پير جي صحبت ۽ محبت تي آهي.

آنکه طالب را رساند بر مراد اعتقاد است، اعتقاد است، اعتقاد

يعني جيڪا شيءِ سالڪ کي منزل مقصود تي پهچائڻ واري آهي سا اعتقاد آهي، اعتقاد آهي، اعتقاد آهي.

## يا الله! تون هڪ راضي هج

فرمايائون: هڪ دفعي حضرت پير قريشي رحمة الله جن گهوڙيءَ تي سوار هجن ۽ هيءُ فقير سندن گهوڙيءَ جي پاسي سان پيو هلي ۽ پوئتان تمام گهڻي جماعت هلي رهي هئي ته حضرت پير قريشي صاحب جن جماعت ڏانهن نهاري هيءُ دعا گهري ۽ هي الفاظ مبارڪ فرمايا يا الله سائين منهنجو مخلوق سان ڪو واسطو نه آهي، بس رڳو تون هڪ راضي هج، پوءِ جيڪڏهن خلق هجي ته ڀلي هجي.

پوءِ پاڻ (حضرت پير مٺا رحمة الله) ارشاد فرمايائون: هن فقير جي به ساڳي پير واري دعا آهي.

## بادشاهه يا ڪيمياگر

پاڻ فرمايائون ته هن فقير جو خيال ۽ عقيدو اهوئي آهي جيڪو منهنجي پير جو هيو. آئون دنيا کي ٽڪ ڪان به گهٽ

www.zikar.com



تو سمجهان، جواني کان وني منهنجي طبيعت آزاد رهي آهي. ماڻهو مونکي بادشاه سڏيندا هيا ۽ چوندا هيا تہ تون سون تو ناهين، ڪيمياگر آهين. عاشق آباد شريف ۾ ڪي پاڙي وارا گڏجي ڪيميا سکڻ لاءِ بہ آيا ۽ چيائون تہ اسان کي ڪيميا سيکار. هن فقير چين تہ توهان سيني ڳوٺ وارن بلڪ سيني پاڙيوارن ڳوٺن کي بہ ٻڌايو ۽ سيئي گڏجي اچو تہ هڪ ئي وقت توهان سيني کي سيکاريان. پوءِ ڪافي ماڻهو مسجد شريف ۾ اچي گڏ ٿيا. هن عاجز انهن سيني کي چيو تہ توهان سيئي ننڍا وڏا الله پاڪ جو مسجد ۾ ويهي ذڪر ڪيو. چيائون تہ سائين ڪم نہ ڪيون تہ ڇا کائون؟ هن فقير چين تہ گهر ۾ جيڪو اَن اٽوَ اهو کائو. چيائون جڏهن اهو کپي وڃي تہ پوءِ ڇا کائون؟ فقير چين تہ پوءِ ڊور ڊڳا کپائي ان وني ماني کائيندا رهو ۽ گڏوگڏ ذڪر بہ ڪندا رهو. چيائون اهو بہ ختم ٿي وڃي تہ پوءِ ڇا کائون؟ فقير چين تہ پوءِ ذڪر ڪندا رهو، ذڪر کي نہ ڇڏيو، الله پاڪ پنهنجي فضل سان رزق جو دروازو پاڻهي کوليندو جو ڪنهن جا محتاج نہ ٿيندؤ.

اهو ٻڌي چيائون سائين! چڱي تو اسان کي ڪيميا سيکاري، رهندو سهندو، صفا تو سجو ڪرين، اسان کان اها ڪيميا زور آهي.

هڪ وقت سخت ڏڪر پيو تہ بہ هن فقير ڪيترا مڻ ڪڻڪ جا کپايا. اهڙي ڏڪر واري حالت ۾ بہ جيترا مهمان ايندا هيا، انهن کي پيو کارائيندو هوس. محمد خليل (حضرت صاحبزاده قبلہ خواجہ محمد خليل الرحمان غفاري نقشبندي رحمة الله) ننڍو هوندو هيو ۽ گهرن ۾ هوڪا ڏيندو وتي تہ اسان اڄ سيون چاڙهيون آهن، ۽ اڄ حلوو چاڙهيو اٿئون. پاڙي وارا ماڻهو سدائين عبرت ۾ هوندا هيا تہ هي ڪٿان ٿو آڻي.

www.zikar.com



## هڪ الله تي ڀروسو

فرمايائون: هن فقير کي ڪنهن ٻئي تي ڀروسو نہ آهي، رڳو هڪ الله پاڪ تي ڀروسو ۽ اعتماد آهي، جيئن الله پاڪ فرمايو آهي:

لَهُ يَجْعَل لَّهُ مَخْرَجًا وَيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ.

(الطلاق)

هتي هڪ فقير بہ نہ هجي تہ پرواه نہ آهي. بس هڪ الله ۽ رسول الله ﷺ ۽ پير راضي هجن.

توهان بہ ائين ئي وجو. ڪنهن ٻئي تي اعتماد ۽ ڀروسو نہ رکو، بس هڪ الله تي ڀروسو ڪيو ۽ اهو سبق پچايو، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿو الله پاڪ توهان تي ڪرم ڪري.

## مريد ٻار مثل آهي

فرمايائون: مريد ننڍي ٻار مثل آهي. جيئن ماءُ ڦهريائين ٻار کي رڳو کير ڏيندي آهي ۽ ٻي ڪا بہ خوراڪ ان کي نہ ڏيندي آهي، ۽ پاڻ گوشت ۽ حلوا پئي کائيندي آهي. پوءِ جڏهن ٻار ڪجهہ وڏو ٿيندو آهي تہ ان کي ٿورو ٿورو گرہ ماني جو ڏيندي آهي. آخر جڏهن صفا وڏو ٿي ويندو آهي تہ اسان جي وات مان بہ گره ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

تيئن مريد بہ ڦهريائين پير جي فرمان تي هلي. جيئن جيئن اهو پير جي فرمان تي هلندو، تيئن تيئن مٿس مهرباني ٿيندي ويندي. اهو مريد جو سلوڪ ۾ هلڻ راه ٻُردن وانگر ٿي پوندو. جيئن ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃڻ جو ارادو هجي ۽ وات تي هڪ شخص ملي وڃي ۽ ان کان رستي جي پڇا ڪري، ۽ اهو چوي تہ منهنجي پٺيان هلندو اچ. جنهن وقت انهيءَ ڳوٺ ۾ پهچن تہ اهو شخص چوي تہ آئون اهوئي آهيان جنهن جي توکي طلب هئي.

www.zikar.com



## عقل جا ڏهه حصا

فرمايائون تہ اللہ تبارڪ و تعالیٰ پهرين عقل کي پيدا فرمايو ۽ ان کي ڏهه حصا ڪري نوَ حصا حضرت نبي ڪريم ﷺ کي عطا فرمايا، ۽ بچيل ڏهين حصي کي وري ڏهن حصن ۾ ورهايو، نوَ حصا باقي سيني نبين سڳورن عليهم السلام کي عطا فرمايا ۽ رهيل هڪ حصي کي وري ڏهن حصن ۾ تقسيم فرمايو، نوَ حصا اصحابن ۽ تابعين ۽ ولين کي عطا فرمايا، باقي هڪ حصو مؤمنن، موحدن ۾ ورهايو. اهو عقل، عقل معاد يعني آخرت جو عقل آهي جيڪو اللہ پاڪ جو نور آهي.

حضرت نبي ڪريم ﷺ عقل ۾ سيني کان وڌيڪ ۽ زياده هيا، ان جي باوجود سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن جي گهر مبارڪ ۾ چاليهہ چاليهہ ڏينهن باهہ نہ ٻرندي هئي، ۽ پاڻ دعا گهرندا هيا:

اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِيْ مِسْكِيْنًا وَّ اَمِتْنِيْ مِسْكِيْنًا وَّ احْشُرْنِيْ فِيْ زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْنِ.

يا اللہ منهنجي زندگي مسڪيني ۾ گذري ۽ مسڪيني حالت ۾ موت اچي ۽ محشر جي ميدان ۾ بہ مسڪينن جي جماعت سان رکجان.

## ذڪر وارا تقویٰ اختيار ڪن

تاريخ 22 ماه جمادي الاولیٰ 1382ھ شام جو پاڻ نصيحت ڪندي فرمايائون تہ جيڪو نيڪ ٿي ڪري شيطاني حرڪت ڪري ٿو، ان جهڙو ڪميڻو ماڻهو ٻيو ڪونہ آهي. ڇو تہ جيڪو ظاهر ظهور ينگي ۽ شرابي ۽ خطاڪار آهي، انهيءَ مان ڪو پڄ نہ آهي (انڪري جو ان جي ڪردار کي ڪو بہ چڱي نظر سان نہ ڏسندو آهي جڏهن تہ نيڪ ماڻهو جي غلطي سبب

www.zikar.com



ٻين دينداران جي به بدنامي ٿئي ٿي.) ادا ذڪر ڪمائيندڙ منافقن وانگر هيڏي هوڏي نه هجي، هڪ رستو اختيار ڪري.

دورنگی چھوڑ کر یک رنگ ہوجا سراسر موم ہوجایا سنگ ہوجا

هن طريقي ۾ شريعت تي هلڻ ۽ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، باقي ٻيو ڪو مجاهدو نه آهي. پلي دنيا جو ڪم حلال نموني سان پيو ڪر، ڏؤ تي ڪاءُ، سنو چوڙ، سنو ڪاءُ.

ذڪر واري کي گهرجي ته تهمت واري جاءِ کان بچي. هڪ دفعي حضرت رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي حرمن پاڪن سان بيٺا هيا. اتان هڪ صحابي اچي لنگهيو. پاڻ حضور ڪريم ﷺ جن انهيءَ صحابي کي سڏي فرمايو هيءَ عورت جيڪا مون سان بيٺي آهي، سا منهنجي گهرواري آهي. سهڻي نبي سائين انهيءَ صحابي کي اهو ان لاءِ ٻڌايو جو متان ان کي دل ۾ ڪو خطرو پوي. سو توهان به اهڙين جاين کان بچو جن جاين ۾ تهمت جو شڪ هجي.

توهان کي هيءَ فقير چوي ٿو ته شريعت تي عمل ڪريو. هن فقير ۾ به توهان جيڪڏهن ڪا خامي يا شريعت کان ٻاهر ڪو ڪم ڏسو ته مونکي ڏسيو ۽ ڪا رعايت نه ڪريو.

فرمايائون: بري خيال کان بچو، چو ته اختياري بري خيال جي به پڇا ڪئي ويندي. باقي غير اختياري جي پڇا ڪانه ٿيندي. برو خيال گناه جو نه ڪريو. ذڪر انهيءَ لاءِ ئي آهي ته برو خيال ته دل ۾ نه اچي، پر غير جو خيال اچي ئي نه.

## مراد

فرمايائون ته مراد اهو آهي جيڪو پير سان محبت رکي ۽ انهيءَ جي حڪم تي هلي ۽ استقامت به ڪري، ۽ ڪو اعتراض نه ڪري، بس چوڻ تي پيو هلي. اهو سالڪ ٻين تڪليفن کان ڇُٽي پيو، شيخ ان کي منزل مقصود تي

www.zikar.com



پهچائيندو. اهڙي سالڪ کي جذب قلبي حاصل هوندو آهي. ترڪ ماسوي الله ۽ نسيان ماسويٰ غالب ٿي وڃي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي محبت ايتري غالب ٿي وڃي جو غير جي محبت صفا نہ رهي. اها شهود جي اول منزل آهي.

## وري وري غلطي نہ ڪيو

پاڻ فرمايائون تہ هڪ شخص کي نانگ ڏنگيو. نانگ ڏنگيل کي گيهہ کارائيندا آهن، سو هن کي بہ گيهہ کارايائون. بچي ويو، گيهہ جي هير تي وري برڙ ۾ هٿ وڌائين. هن ڀيري جو نانگ ڏنگيس تہ صفا مري ويو. انڪري گهرجي تہ انسان هڪ غلطي جي پويان ٻي غلطي نہ ڪري.

## سادگي ۽ محبت

فرمايائون: سادگي اختيار ڪريو. ساڳ، غريبن واسطي سٺي شيءِ آهي. ٿر ۾ ڪنيون عام ٿينديون آهن، غريب ماڻهو سُڪائي کائيندا آهن. عورتون ڪجيون ڪپي ڏڏا ناهينديون آهن.

هڪ زميندار جا مهمان ٿياسين. وڻ هيٺان ويٺا هياسون، پرسان جوار جي پوڪ هجي. ڏٺوسين تہ عورتون پاڻ جون ڪاريون مٿن تي ڪنيو پيون اچن ۽ مرد وري وڻن جي ڇانوَ هيٺان ويٺا هجن. اهڙي طرح عورتن جي محنت، غريبي ۽ مردن جي بي مروتي ڏسڻ ۾ آئي.

## صاحب مزار جو توجہ

فرمايائون تہ اسان ننڍي هوندي بزرگ محڪم الدين سيراني رحمة الله جي مزار تي وياسين. بزرگ اهڙو توج فرمايو جو سخت روج راڙو شروع ٿي ويو. آخرڪار بي اختيار ٿي ڪري پيس.

www.zikar.com



حضرت پير قريشي رحمةالله جي غلامي بعد هڪ ڀيري حضرت بهاءالحق رحمة الله عليه جي مزار تي وڃڻ ٿيو. پري کان ئي بزرگ اهڙو توجه مبارڪ ڏنو جنهن جي ڪا حد نه آهي. دل ۾ جوان پيو ته دانهون ڪيان ۽ نعرا هڻان، نيٺ غوث بهاءالحق رحمةالله جي مزار تي وڃي نه سگهيس.

پوءِ محمد خليل (صاحبزاده حضرت خواجه قبله محمد خليل الرحمٰن رحمةالله) کي موڪليم ته تون وڃي مزار مبارڪ تي حاضري ڀري اَءُ. اهو ويو ۽ روئندو موٽي آيو. چيائين ته بزرگ اهڙو توجه ڏنو جنهن جي ڪا حد ئي نه هئي. الله تعالىٰ جي اسم مبارڪ ۾ سير ڪرايائون. اهو اهڙو نور هجي جو زمين ۽ آسمان کان گهٽو هجي.

## قطب الاقطاب مرشد

هن فقير جو هڪ مشڪل ڪم هجي. انهيءَ جي مدد لاءِ عرض ڪيل هو. جواب ۾ حضرت بهاءالحق رحمةالله جن فرمايو ته توهان جو مرشد (حضرت پير فضل علي قريشي رحمةالله) حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو لاڏلو آهي، وقت جو غوث ۽ قطب آهي. بزرگ جذبي ۾ اچي ڪنڌ لوڏي چئي رهيو هو. سبحان الله! ”

جب وہ محبوب خدا کا بھی محبوب ٹھہرے پھر کس طرح ترقی اور بلند درجہ نہ پائے“.

انهيءَ کان پوءِ حضرت رڪن عالم رحمة الله جن جي زيارت تي ويس. اتي اهڙو حال ٿيو جو پاڻ کي جهلي نه سگهيس ۽ بي هوش ٿي ويس. اتي جي ماڻهن تي اهڙو اثر پيو جو اچي پيرين پيا پون ۽ هٿ پير چمن پيا. پر هن فقير کي ڪابه خبر ڪانه هجي. پوءِ جنهن وقت مزار شريف جي ٿلهي کان هيٺ لٿس ته اهڙي نموني ته اها حالت رفع ۽ ختم ٿي وئي جو ڄڻ ته ڪجهه به حال ڪونه ٿيو هيو.

www.zikar.com



# غيرن کان پري رهو

فرمايائون ته هن طريقي ۾ صداقت جي ضرورت آهي. جنهن طرف جو آهين انهيءَ طرف جو ٿي وڃ، پر غير کان پري ٿي رهه. جيئن کانو ڇتونءَ سان نه ويهي سگهندو آهي، نه وري ڇتونءَ کانو سان ويهندو آهي.

# شهودي طريقو

فرمايائون: جنهن کي تون پنهنجو محبوب ٿو سمجهين، هميشه انهيءَ ڏانهن نظر رک. بيت

دل رام کہ داری دل در وبند　　وگر چشم از ہمہ عالم فروبند
بلے سلطانِ محبوبان غیوراست　　زشرکت ملک اواز غیر دوراست

يعني حقيقي محبوب سان دل مضبوط رک ۽ ساري دنيا کان اکين کي بند رک. اهائي محبوب جي بادشاه حقيقي محبوب غيرت وارو آهي. انهي جو ملک غير جي شرڪت کان پري آهي.

فرمايائون ته جيڪو ميدان ۾ ايندو ۽ سر ڏيندو، اهوئي صاحبِ عرفان ٿيندو. جي نه ته ڇڪنا چور ٿي ويندو. هن فقير جو مذهب شهود آهي. جيڪو غير ڏانهن متوجه ٿيندو ته ناجنسيت پيدا ٿي پوندي ۽ اهو اسان کان دور ٿي ويندو. هن طريقي ۾ پهريون قدم سر کان جدا ٿيڻ آهي، يعني سر ڏيڻ ۽ پاڻ وساري ڇڏڻ آهي.

# مون کي ڪامل ڪري موڪليائون

فرمايائون ته هنن حضرات (نقشبندين) جو فيض مالامال ڪرڻ وارو آهي، پر جيڪو بي ادبي ڪندو پڪڙيو پيو هوندو. هن عاجز کي هن طرف (سنڌ ڏانهن) موڪليائون ته ڪامل

www.zikar.com



ڪري ۽ ڪامل ڏسي پوءِ موڪليائون. بلڪ حقيقت ۾ هي فقير درميان ۾ آهي ئي نه، اهو اصل منهنجو پير آهي ۽ هي انهيءَ جو فيض ۽ برڪت آهي.

جيڪو هن طريقي ۾ داخل ٿي ڪري ناشائسته حرڪت ڪندو اهو پڪڙيو پيو هوندو. هي ڪم (روحاني ترقي) پير جي محبت کان سواءِ هرگز حاصل نه ٿيندو. جيتري دل پير کي ڏيندو، اوتري اهو عزت ٿاهيندو. پوءِ گهرجي ته سموري دل پير کي ڏئي ڇڏ ۽ سمورو پير جو ٿي وڃ، پير جي آڏو وڪامجي وڃ، ۽ پير جي اڳيان سر ڏي. بس پاڻ هُج ئي نه، جاتي ڪاٿي پير، پير.